پريم پينگھ
علي گل سانگي

Soorih Sindhi Adab

جي لهوارو لوڪ وهي ، تون اوچو وهه اوڀار

SAHIB KHAN “SOORIH” MIRANI

0344 3919786 & 0300 3404488

محترم

تحياتي

أحسن

الدعاء

علي سالم

١١ – ٤ – ٩٨

بسم الله الرحمٰن الرحيم

پريم پينگهه

(شاعريءَ جو مجموعو)

علي گُل سانگي

”سانگي“ پبلشرز
لاڙڪاڻو

حق ۽ واسطا محفوظ

پهريون ڇاپو: آگسٽ ١٩٩٢ ع
تعداد: هڪ هزار
ڇپيندڙ: آزاد ڪميونيڪشنز ڪراچي
فون: ٧٧٣٧٢٩٠
ڇپائيندڙ: "سانگي" پبليشرز لاڙڪاڻو
ٽائيٽل: ايوب گاد

ملهه: پنجاهه رپيا

ملڻ جا هنڌ

شيخ حاجي عنايت الله اينڊ سنز
تاجران ڪتب، بندر روڊ لاڙڪاڻو سنڌ
فون ٦١٤٦٥

نيشنل بوڪ ڊپو
بندر روڊ لاڙڪاڻو
فون ٦١٤٥٦

لطيف ڪتاب گهر
لڳ جاڙل شاهه بخاري، لاڙڪاڻو.

غلام مصطفيٰ شيخ
جاويد بڪ ڊپو
نزد پراڻو ٽڪيٽ گهر
سينو بازار لاڙڪاڻو

انتساب

شهيد سائين اشرف علي شاهه
جي نالي

ليکڪ پاران ٿورا

مان هنن دوستن جو نهايت ٿورائتو آهيان جن ڪتاب
"پپو ۽ پينگهه" جي سهيڙڻ ۾ تمام گهڻي مدد ڪئي

ماستر روشن علي ٽونيو ،ڳوٺ دودائي لاڙڪاڻو
ايچ-ايس-ٽي ميونسپل هاءِ اسڪول لاڙڪاڻو.

عبدالقادر سانگي- لاهوري محلہ لاڙڪاڻو.
سول سب انجنيئر ٽوديرو.

غوث بخش رونگهو ، ويجهو پرڳڙي پلازا لاڙڪاڻو.
سيڪريٽري يونين ڪائونسل وليد.

ثناءُ الله "سانگي" ڳوٺ سڄڻ "سانگي" لاڙڪاڻو.
حال نيو لاهوري لاڙڪاڻو.

علي محمد سولنگي در شهر دادو،
پي-ايس-ٽي پرائمري اسڪول شهر دادو

مرحوم سيد امداد علي شاهه ويڙهل هنگورجا
ضلعو خيرپور ميرس

خان روشن علي قريشي، رحمت پور لاڙڪاڻو
چيف ايڊيٽر، هفتيوار، "روشن ضمير" لاڙڪاڻو.

خاص ڪري لوڪ فنڪار پروڊڪشن جي مالڪ
سيٺ هولارام جي تعاون جو گهڻو ٿورائتو آهيان.

فهرست

محبت پائي من ۾ (مهاڳ)	استاد بخاري	١٧
پيار جا موتي	ممتازمرزا	١٩
تعارف	نظام عباسي	٢١
الا ڏاهي مَٽيان (پنهنجي پاران)	علي گل سانگي	٢٥
محبت جا مٽيا (راڳي)	محمد يوسف	٢٩
حال پريان نال (راڳي)	منظور سخيراڻي	٣٢

ڪلمون پاڪ پڙهڻ سان

ڪلمون پاڪ پڙهڻ سان يار مليو آنيهي وويار	٣٣
قضا الله جي هٿ ۾ جياري يا ڇڏي ماري	٣۴
آهي الله جي نعمت خلقي آ جنهن خدائي	٣٥
لک لک شڪرانا، آيو آيو محمّد	٣٦
الله جي نانوَ تان صدڪو محمد کي ڪيئين پيدا	٣٧
محمد جي شان جي ڇا ساراه مان ڪيان	٣٨
دلبر سڄي دُنيا ۾ واڪاڻ تنهنجي آهي	٣٩

آيو عشق ڪٿي ڳچ ڳالهڙيون

آيون عشق ڪٿي ڳچ ڳالهڙيون	۴١
پير پُر جهي پاءِ جانءِ يار عشق جي ميدان ۾	۴٢
عشق جي منزل ڏور	۴٣
عشق ڀڏا ايو چيز آ ڪهڙي، عشق جي لفظ جي معنيٰ ڇا هي	۴۴

مونکي مليو ڪنهن واٽ ويندي ۴۵
مرد مري ٿيءُ مٿي، مٿي ڙي مٿي. ۴۶
عشق لڳو آفات ميان ۴۷
جيڪي لاهوت پسي ٿيا لال ۴۸
عشق نه واقف هاس ميان ۴۹
عشق ڇا ڇاٽي حجاب ميان ۵۰
عشق سان ناهي ريس اديون ۵۱
پنهنجي دردن جي مان يار دوا ۵۲

سڄڻ منهنجو ئي سهڻو آ

سڄڻ منهنجو ئي سهڻو آ، هزارن ۾ هزارن ۾ ۵۳
هزارن حسن وارن ۾، سڄڻ منهنجو ئي سهڻو آ ۵۴
سهڻو سڄڻ لڳي ٿو، مونکي نقاب ۾ ۵۵
ايئن ٿا لڳن مونکي وار تنهنجا پيارا ۵۶
سهڻا تنهنجي حسن جو پروان بنجي ويس مان ۵۷
اڄ سهڻل جا سينگار ڏسي ۵۸
تنهنجي ڳاڙهن ڳلڙن تي، ٿي مست چري منهنجي دلڙي ۵۹
گل جيان تنهنجو روپ ۽ رنگ ۶۰
گل تو جهڙو رنگ ۶۱
ڳاڙها ڳاڙها ڳل ۶۲
هن محفل جو ته جواب نه آ ۶۳
محبوب اچي مونکي اڄ عيد ڪرائي آ ۶۴

هن موسم ۾

هن موسم ۾ گڏ يار هجي ٦٥
گل اهو گل ٦٦
هجان ها ڪو واچوڙو ٦٧
پيرم ۾ پيگهه پڏڻ جي منڊ ٦٨
پپر جي ڏار ۾ پينگهه پڏي آ ٦٩
دل تي چوي ڪو ڪکر هجان مان ٧٠
منڊ آ موتي ماڳن تي ٧١
آيو سانوڻ آيو آيو، مينهڙو وسائي ٧٢
ڪڪڪن ۾ لابارا ويا پنجي پيارا ٧٣
بڙجي چانو ۾ آءٌ اوڀوري ٧٤
آيو وري آ سانوڻ آئين ايجان نه ساجن تون ٧٥
هٿ منهنجي ۾ موتين مالا ٧٦
هار گلن جو پوئي هٿن سان ٧٧
ڀور انبن ۾ خوشبو پيارا ٧٨
چاندي جهڙا سنگ، ڪنڌي نسريا ڪانه ٧٩
ڪونهي منڊ ۾ ساءُ سانول ٨٠
پوک پڪي آ سرءُ سونهاري ٨١
واءُ اتر جي لڳندي آهي ٨٢
سانوڻ ساڳا ڏينهن آيا ٨٣
ساجن سائين سانوڻ آيو ٨٤

سک سچڻ سهڻي يار جي

سک سچڻ سهڻي يار جي ٻوڪ ڏني نہ لهي لهي ۸۵
کل سُهڻا کل مونڏي ڏسي کل ۸٦
هرکو چريو آ حسن تي هڪ مان ٿي تہ چاهي ۸۷
ڪاش مان سهڻا چنڊ ٿي ايران ۸۸
ڪاش هجان ها ڏاريل طوطو ۸۹
هل هتان يار هلون سمنڊ جي پار هلون ۹۰
ويهي ٻوڙو ٻڌي آچار ڪندين ۹۱
آءُ ويہ پرين اڄ پيار ڪريون ۹۲
سک تنهنجي سچڻ گهٽجي ئي نٿي. ۹۳
رکيو ٿم نيهن جو ناتو نڀائيندين الائي نہ ۹۴
ڪو ٿو سنيالي سڏ ڪي سڏ ڪي ۹۵
چو ٿو رسين تون سهڻا چاهي رکيو رسڻ ۾ ۹٦
منهنجي دل جو توتي دلبر ايڏو اعتبار ڇو آ ۹۷
لهي سچ سچڻ ٿو، تنهنجي تات ٿئي ٿي ۹۸
منهنجي جي ۾ جهوري....... جانيڙا ۹۹
تون ٿو گذارين لڪندي لڪندي ۱۰۰
گذري نٿي حياتي توکان پري پري ۱۰۱
ساه ٿو توکي سڏي ۱۰۲
آهي ايجان اڏ رات جڏهن ڦٽي پريات ۱۰۳
گهڙي ويہ سچڻ ڪريون قرب ڪٺا ۱۰۴

منتظر بينو آهيان يکي

منتظر بينو آهيان يکي ١٠٥
اڄ سُهڻا سڄ سُهڻا توکي ساهہ ٿو سڏي ١٠٦
گهڙيون ڏکن جون ڪٽجي وينديون ١٠٧
سڏڙو ڪري او سُهڻا سُر ڪي پيار ساقي ١٠٨
ماڻهو نٿا وڻن مونکي هي گهر نٿا وڻن مونکي ١٠٩
وار ڇوڙي ڇڏڻ ويس ڪارا ڪرڻ ١١٠
مون سڃاتو آ سڄڻ تون منهن لڪايون ٿو وڃين ١١
ايندو مان يار آهيان دل جي ڪنهن سور کان ١١٢
وڏي دل جي وئي آ بيچيني ١١٣
ٿڪجي پيا نيڻ آهن واٽون ڏسي ڏسي ١١٤
روئيندي روئيندي رات گذاريم يار نہ آئين تون ١١٥
لڪي لڪي ٿڪجي پيا سين، ڏسي ڏسي ٿڪجي پيا سين ١١٦
اڄ بہ نہ آيا ڪڏهن تہ ايندا ١١٧
پري کان ڏسڻ ۽ لڪڻ ڏي ڇڏي ١١٨
رات اونداهي ٽمڪن تارا ١١٩
اڄ پيارا هي اکڙيون آتيون ١٢٠
ملي وڃ يار تون مونسان، اچانڪ موت ايندو آ ١٢١
ايندين اڱڻ منهنجي تي ايندين... راضي جو ٿينديون ١٢٢
آيو آهيان ميچي تنهنجي آزي مٺا ١٢٣
پيار ڪري پيار ڪجي پيار پلو آ ١٢٤
١٢٥

افسوس دل لڳي وئي

افسوس دل لڳي وئي ڪنهن بي نياز سان ١٢٧
ناحق نينهن لڳايو آهي ١٢٨
جيسيتائين زندگي آ تنهنجو سڏائيندس ١٢٩
ويئڙا ڪبي اکين جا ڳوڙها ڳڙي ڳڙي ١٣٠
ڪنهنجي عشق ۾ لٽائي مون پنهنجي هر خوشي ١٣١
سورن جا سامان، مونوٽ ١٣٢
عشق منجهان مونکي ارمان مليو آ ١٣٣
زندگي منهنجي زهر بڻجي وئي ١٣٤
ڪنهنجو ڪنهن کان دلبر جدا خدا نہ ڪري ١٣٥
يار پيو ٿو رُلائي ١٣٦
پئي مان تہ رنم يارو مونکي ڪنهن ۾ نہ پرچايو ١٣٧
ڪيو سورن سوڙهو آ ڏکيو ڏاڍو وچوڙو آ ١٣٨
زندگي منهنجي مٺا تو ڪئي برباد آ ١٣٩
هزار ماڻهو هزار مِٺا مِلن ٿا مونکي پون ٿا سَهٺا ١٤٠

ٽڪجي ويجي ٿي دوستي

ٽڪجي ويجي ٿي دوستي ٽوڙڙو هلي هلي ١٤١
پيار منهنجي ٿي ڏي نہ ميار ١٤٢
تنهنجي يادن جو مونوٽ خزانو پرين ١٤٣
توکي واجب ناهي پيارا ١٤٤
اسان سان اهي يار زمانا چئي ڏي ١٤٥
ڏينهڙا ٿي ڏور لاتا ڏاڍا ويجي ويجي ١٤٧

جٺري نہ ملئين مٺي ملندين تون ۱۴۸
تنهنجي ڪوڙن ڪوڙن واعدن تي ۱۴۹
او يار ياد ڪر تون ڳالهيون اُهي پراڻيون ۱۵۰
آسرن ۾ اسانکي رُلائي ڇڏئي ۱۵۱
توبن جيون ڪالي ڪوڪا ۱۵۲

اڙائن ٽيون اکڙيون

جوڻي جنگ جاني جڙائن ٽيون اکڙيون ۱۵۳
اچي اُمالڪ ٻڪيون ٻڪيون ۱۵۴
اک اتي وڃي ڪڀندي آهي ۱۵۵
تنهنجون ڪجليون ڪڪوريل ڪاريون اکيون ۱۵۶
ڪٽان يار سکيئي اها جادوگري ۱۵۷
تنهنجا زلف سڄڻ ٽا زنجير وجهن ۱۵۸
قاتلانہ ٽو ڪرين حملا پيو ۱۵۹
ڪٺي جي ناز مان نظرون نهاريندين تہ خوش هوندين ۱۶۰
تون آن منهنجو شڪاري مان تنهنجو شڪار ۱۶۱
ايڏو ڀلا ڇو وٺي وٺي ۱۶۲

بي وفا جي شهر ۾

بي وفا جي شَهر ۾ لٽجي ويس ۱۶۳
هن بي وفا شهر ۾، ڦرندو وتان ٿو ۱۶۴
دل تو سان يار لڳي ۱۶۵
تُنهنجي شهر ۾ منهنجا سڄڻ ۱۶۶
تُنهنجو آ شهر توکي يار ڏيون ويندا سين ۱۶۷

روئيندس نہ ڪندس ٻيو ڇا ١٦٨
نيٺ ڇڏئو پيو تنهنجو شهر مٺا ١٦٩
شهر ڇڏي دلدار، دلبر ويندا سين ١٧٠
پکي پرڏيهي ڇڏيون اڄ وڃن ٿا ١٧١
تُنهنجي شهر ۾ دل آ لڳي ١٧٢
ڪين نالي ڪان رهيون وينجهار تُنهنجي شهر ۾ ١٧٣
تنهنجي وئي ڪان پوءِ ويران شهر ١٧۴

ڀهل اچان ڀرچائي

پاند ڳچيءَ ۾ پائي ١٧٥
مون نہ سمجهيون رات ڀرو ڇن جو ڀوليون ١٧٦
منهنجو پنهل اٿو دل بند اديون ١٧٧
منهنجو پنهل سان پيون پيوند ادايون ١٧٨
جيڏيون جت ڪٺي ويا سچو گهر ڀهاري ١٧٩
ڪهڙا له ٿي ڏيرن تي آءُ لاهيان ١٨٠
عشق نہ ڇاتو مذاق اديون ١٨١
جيڪا سر جو سانگو لاهي، سا عشق کي هٿڙو لائي ١٨٢
ڪري هلي توڪل سسئي توڏي پنهل ١٨٣
هٿڙا ٻڌي ٻئي ٻانهون، آءُ دوست آيس در تنهنجي ١٨۴

ريجهي آءُ راڻا

ريجهي آءُ راڻا ويندي مري مومل ١٨٥
راڻا رات رسي وئين ١٨٦
سچ ڪري وئين سچ ميان ١٨٧

ڀاڻل مونکان رات رسي ويو ١٨٨
راڻا رات رهي وڃ ١٨٩
رسڻ جون راڻا، ڪوڙيون ريتون ١٩٠

مهنجا مارُوئڙا

اهڙا ڪين هيا، منهنجا مارُوئڙا ١٩١
وهندا هوندا ايٿ، ماڳين ڪندس موٽ ١٩٢
ڪا خبر مارن جي ڪو آڻي نٿو ١٩٣
وڃهان ڦارون منهنجا مارون ١٩٤
ڪان ڪان ڪندا ويون ٿا، ڪانگا ڪيو قطارون ١٩٥
واجهايان ٿي وات، عمر ١٩٦
مونکي ڇڏيائون، ڇني وو ڇني ١٩٧
جڏهن وسندا مينهن پٽن تي ١٩٨
الائي ڇو اباڻن ايڏا ڏينهن لاتا ١٩٩
تون سون تي سيڻ مٽائين ٿو، آءٌ اهڙي ڏوڙ نہ پائيندس ٢٠٠
ويئي مارن جون ٿي واتون ڏسان ٢٠١
عمر منهنجا مارو ايندا اباڻا ٢٠٢

سدا وس سنڌ ۾

سدا وس سنڌ ۾ سدا وس ساوڪ ۾ ٢٠٣
هاري ٿيءُ هوشيار..... هو هو ٢٠٤
منهنجي ديش جا هاري توکي لک مبارڪون ٢٠٥
هلو هلو هاري هلو هلي هَرُ هلايو ٢٠٦
هاري منهنجي وطن جا توکي سلام آهي ٢٠٧

سُوهڻ ٻري سُونهاري منهنجي پياري ۲۰۸
قدرت جو ڏسو رايو جنهن جهان بنايو آ ۲۰۹
هٿ ۾ کهاڙي ڪٽي اجرڪ ڪلهن تي هٽي ۲۱۰

گُلَ گُلابيءَ جهڙا ٻار

گُلَ گُلابيءَ جهڙا ٻار سُهڻا سُهڻا ڪن سينگار ۲۱۱
سمهن سوير و اٿن سويرو ۲۱۲
اچو تہ ٻارو لغڙ اڏايو ۲۱۳
ٻارڙو- ٻارڙو- او ٻارڙو ۲۱۴
ٻارڙو- پيارا پيارا ٻارڙو ۲۱۵
هلو هلو ٻارو هلو، هلي موهن جو دڙو گهمون ۲۱٦
ننڍڙا ننڍڙرا ٻارڙا ۲۱۷
ٻاراٺيون ٻا جهاريون ٻوليو ۲۱۸

دل وچ درد هزاران سرائڪي ڪلام

دل وچ درد هزاران اکيان رو رو ٿڪيان ۲۱۹
جادو ڪرگيا جاري- منتر ماري ۲۲۰
اِٿ عشق دي ڳالھ پئي چلدي اي ۲۲۱
جڏهانن عشق لڳا تيڏي نال وي نال ۲۲۲
عشق ڪريندائين ڪيون ڏر ڏر ڪي ۲۲۳
مين رو رو اُڏاران ڪانگي ۲۲۴
ڪڏهان يار ڪر وچ جوڳي والا ڦيرا ۲۲۵
مين تيڏي ڪاڻ اِٿ هان ڪڙي ۲۲٦
آڌي رات دا اُٿ ٻہ تيڪون سڏڙي يار ڪريندا هان ۲۲۷

كول درد مين دل دا پهسان.... سانولڙا ٢٢٨

ٻـه سٽا

نٽي اچي ننڊ رات هجي يا ڏينهن ٢٢٩
اکين اوجاڳن ۾ ڪيئي ڏٺا چنڊ ٢٣٠
سڀ "سانگي" سور سلي ٢٣١
گولهيندي سڄڻ توکي ويو گذري سارو ڏينهن ٢٣٢
تنهنجي انهي سور "سانگي" سکَ ويچايا ٢٣٣

ٽـه سٽا

وڃ نـ منهنجا سپرين ٿيو مس مس آ ميلاپ ٢٣٤
ڏکيا سکيا ڏينهن، آءُ تـ گذاريون پاڻ ۾ ٢٣٥
"پيرِ ۾ پينگھ" چٽيا پن چوهِ ۾ ٢٣٦
منهنجو ملڪ ملير ڪيئن ڪوٽن ٿيان ڪني ٢٣٧
جاني جَلائي ٿـو مونکي جَوانيءَ وارو جوشُ ٢٣٨
نرمل ڪنيا نيڻ اڄ کولي يار نقاب ٢٣٩
پيار ڏئي پيار وٺـون ٿين لالڻ لَه پَه ٢٤٠
عيد ۾ آهي عيد جڏهن الله اچن اوءِ ٢٤١
تنهنجو هڪڙو ڏينهن، مون لاءِ وَرهُ ٿـي وري ٢٤٢
هُتِ هو هَمراهُ، وينوآهي واٽ تي ٢٤٣
پرين پؤ پرچي، اڄ نالي نامر ڏٺيءَ جي ٢٤٤
پل پل بنبٽيون پيار ۾ پُسيو ٿيو پسين ٢٤٥
سِيني منجهرسور، نٽا سانڍ جن سمنڊ ٢٤٦
ڪاريون راتيون قرب گھٽو مَرُ پيا مينهن وسن ٢٤٧

عجيب تنهنجي اڪين ۾ آهي برھ واري ٻَڪَ ۲۴۸
حبيب آهلي تون اڄ لاهي دل جا ڏپ ۲۴۹
ناراض نہ ٿيءُ تون يار اسان وري نہ ايندا سين ۲۵۰

چوسٽا

ڇا پڇندا منهنجي پنهل سان ۲۵۱
سرهي سيج پاسي ۾، ''سانگي'' سُکَ هجن ۲۵۲
حبيب آهلي تون هاڻي جو هاڻي ۲۵۳
نہ ڪڻ نيڻ خمار مان نہ کولي ويھُ نقابُ ۲۵۴
اڪين جون عادتون مٺي نہ سگهان آڻ ۲۵۵
ڪڻ ڪي نيڻ خمار مان اڄ کولي نقاب ۲۵۶

مهاڳ

محبت پائي من ۾

ننڍا وڏا اسين سڀ شاعر هڪ ئي ٻيڙي جا سوار بابا لطيف جا پانڌيڙا آهيون، صرف فرق اهو آهي تہ ڪو استاد بخاري آهي ڪو علي گل سانگي، دڳ ساڳيو آهي.

علي گُل "سانگي" اجوڪي ڪئسٽ واري دور ۾ شاعري جي حوالي سان وڏو نالو ڪمايو آهي، جتي جتي منظور سخيراڻي جو آواز گونجيو، اتي "سانگيءَ" جو ڪلام بہ پهتو. جيڪڏهن سنجيدگيءَ سان شمار ڪجي تہ منظور سخيراڻي سڀني شاعرن کان سرس "سانگيءَ" جا گيت ڪئسٽن ۾ رڪارڊ ڪرايا آهن. اهو ان ڪري بہ جو منظور جي سانس دوستيءَ جي ڪري ويجهڙائي رهي آهي.

اهڙي هڪڙي ڪئسٽ بہ شايد نہ ٿي هوندي جيڪا "سانگي" صاحب پاڻ ويهي روبرو رڪارڊ نہ ڪرائي هجي، اها شوق جي انتها آهي. شاعري جي ايتري شوق ۾ گيتن لکڻ جي لڳاتار مشق، لازمي طور سندس ڪلام کي نسبتاً وڌيڪ پختي ڪرڻ ۾ مدد ڪئي آهي جنهن جا اهڃاڻ هن ڪتاب ۾ ڏسي سگهون ٿا.

ڪئسٽن جي مشهوري هوندي بہ هن شعري مجموعي ڇپائڻ جو مقصد خود شاعر جي ادبي ذوق جو شاهد آهي.

"پپر ۾ پينگهہ"

علي گُل "سانگيءَ" جو پهريون شعري مجموعو آهي جنهن ۾ حمد،

نعت، بيت، گيت، غزل، ڪافيون، وطن جا گيت، سنڌي ۽ سرائڪي ڪلام شامل آهن، جيڪي پڙهندڙن جي سامهون آهن، خاص ڪري گلوڪارن جي توجهه جا گهورا آهن جن کي ڳائڻا چاهين ته پنهنجي (لوڪ ڌنن)، ديسي ڌنن ۾ ڳائي وڄائي، ”سانگيءَ“ صاحب تان اها ميار لاهرائي سگهن ٿا ته هو گهٽي پاڳي فلمي طرزن تي ڪلام لکي ٿو.

خوشي انهيءَ ڳالهه جي آهي ته هڙي نفسانفسي ۽ خودغرضي جي رساڪشي واري دور ۾ هي موسيقي ۽ سرسازن جو ساٿوڙي رهيو آهي، ساڳئي وقت فنڪارن، گلوڪارن جو يار، پاڻ به سُرَ تارَ وارو، پيارو ماڻهو آهي.

”حال حبيبان پيش پريان“ ڪيو اٿائين-

بابا ڀٽائي فرمايو:

محبت پائي من ۾ رنڊا روڙيا جن،
تن جو صرافن، اَڻ توريو اگهائيو-

استاد بخاري

غريب آباد- دادو سنڌ
٢٩-٦-١٩٩٢ع

پيار جا موتي

گذريل پندرهن ويهن سالن ۾ سنڌي عام ٻهراڙيءَ واري سماج ۾، سنڌي راڳ جو هڪڙو نئون انداز اُڀريو. جنهن جو واسطو ڪيسٽ سان هو ۽ جنهن سنڌ جي هر وسَيئن واهڻ ۾، اصل نئون منڊل مچائي ڇڏيو. هر رستي واري هوٽل يا ڳوٺ جي ڪنهن هَٽَ تي، جتي اڳ هندوستاني فلمن جا گانا پيا گونجندا هئا، تن جي جاءِ تي، سنڌي ڇپر ۽ يڪتاري وارن ڳائڻن جا آواز ٻُريا، ۽ اُنهن آوازن جي خاص مقبوليت جو اهم سبب، انهن شاعرن جا ڪلام هئا. جن کي پهرين هنن سنڌي سُرن ۾ سموهيو ۽ پوءِ عام جي دلين ۾ ڪاٽ هڻي پنهنجون جايون جوڙيون. ڪچا ڦڪا ٻول چپن تي چڙهيا، شاعري توڙي نينهن جي نون جي دروازن جا طاق کليا، ۽ سنڌ ۾ صدين کان هلندڙ رنديَ فقيراڻا ٻول ڪنهن حد تائين پنهنجي فڪر توڙي نينهن نياپي جي جهاجهه جي، جهڪا ٿيا. اهڙن گهڻن شاعرن مان، جن عام جي دلين ۾ جاءِ ورتي، تن مان هڪڙو منهنجو پيارو دوست، علي گل "سانگي" بہ آهي، جنهن ڪن ڳائڻ وارن جي ياري ۾، شاعري جي پڙ ۾ پير پاتو. پنهنجن سادن خيالن ۽ عام جي احساسن جي ترجمان جي رنگ ۾ اُسريو ۽ اُڀريو.

علي گل سانگي جي شاعري جا اُتما ۽ احساس سادا آهن، پر اُهي ماڻهن جا آهن ۽ ماڻهو انهن کي ڪن ڏئي ٻڌن ۽ جهونگارين ٿا، ۽ اها ئي شاعر جي دلي مدعا هوندي آهي تہ هو پنهنجي خيال کي ٻين جي دلين تائين رسندو ڏسي، ۽ اُن جي تاثر کي محسوس ڪري. علي گل

سانگي انهيءَ ۾ ڪامياب ٿيو آهي.

علي گل سانگي، نهايت پيارو، باهمت ۽ ڪڏهن ڪڏهن زوراور مڙس آهي. دنيا جا ڪيئي لاها چاڙها، سختيون سرهايون، پيار پريت ۽ جهيڙا جهٽا: اهي سڀ سندس زندگيءَ جا سهڻا انداز آهن. منهنجو ساڻس پيار جو رستو آهي، جڏهن ملندو تڏهن پنهنجي نهٺائي ۽ نوڙت، سندس اُٿي ويٺي جو نمايان نمونو آهي. شاعرن وانگر سوچيندي سوچيندي، ڪتاب جيترو شعر چئي ويو آهي ۽ جيڪو ڪجهه ڳايو به ويو آهي، ۽ ڪيسٽن ۾ محفوظ به ٿي ويو آهي. ڪيسٽ پنهنجي اهميت واري وٿ آهي ۽ ڪتاب اولاد وانگر آهي، جنهن ۾ تخليقڪار جي فڪري پيڙا جو پرتوو موجود هوندو آهي. ڪو شاعر، ڪو ليکڪ پنهنجو لکيل ڪتاب پڙهندو نه آهي. پر اُن کي ٿَسي سَرهو ٿيندو آهي. اِها تسڪين هن جي زندگيءَ جو ثمر هوندو آهي. علي گل سانگي، ڪيسٽ جي دنيا مان پهريون پيرو پير ٻاهر ڌري، ڪتاب جي ڪائنات ڏي وک کنئي آهي. اها خوشيءَ جي ڳالهه آهي. اشاعت، فڪر لاءِ وڏيڪ نيون واٽون کوليندي آهي، ۽ مون کي اُميد آهي ته هن ڪتاب جي اچڻ کان پوءِ، علي گل سانگي پنهنجي مڃتا مڃائڻ لاءِ، سنڌ جي سهڻي شاعريءَ جي انگ کي وڌيڪ ويجهو رکي، اُها شاعري ڪندو جيڪا پلي ڳائجي، پر ماڻهو پڙهي اُن جي گهرائي کي سمجهي سگهن.

نيڪ تمنائون

ممتاز مرزا

ڪراچي

٣٠- جون ١٩٩٢ع

تعارف

اسانجي سهڻي سنڌ ڌرتيءَ ڪيترن ئي املھ ماڻڪ ماڻهن کي جنم ڏنو آهي جن جي هاڪ ۽ شهرت ڏينهان ڏينهن مشهور ٿي آهي. اهڙن ماڻڪن ۾ علي گل سانگي جو شمار ٿئي ٿو، جنهن پنهنجي شاعريءَ رستي سنڌي ٻوليءَ جي جهول ۾ ڪيترا گُلَ وڌا آهن، جن جو سڳنڌ سنڌواسين جي اندر ۾ اوتجي ويجي ٿو- سنڌ جي هن شاعر پنهنجي عوامي شاعري رستي عوام جو آواز ٻڌجي ڌارين کي ڌڪيو ۽ سنڌ ۾ ٻئي ٻوليءَ جي ڪيسٽن کي ڦهلجڻ کان روڪيو. اهڙي طرح سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ کان وسعت ڪندي عالمي معيار تائين پهتو آهي- ڳوٺ هجي يا شهر، جهنگ هجي يا جهر، علي گل سانگيءَ جي شاعريءَ جو پڙاڏو هر هاريءَ ناري جي دل ۾ پيهي ويندو آهي- اڄ سنڌي ڪيسٽ جيڪا عروج تي پهتل آهي ان ۾ ڏنو ويجي تہ سنڌي ٻوليءَ وارو هر فنڪار علي گل سانگيءَ کي سنڌي ڪيسٽ ريڊيو ٽيليويزن ۽ محفلن ۾ ڳائڻ جي ڪوشش ڪندي نظر ايندو.

سنڌي ڪيسٽ کي ان منزل تي ڪٺي اچڻ واري جاڪوڙ ۾ علي گُلَ سانگيءَ جو بہ هٿ آهي- ان حقيقت کي ميڻ کان انڪار نٿو ڪري سگهجي.

علي گُلَ سانگي لاڙڪاڻي شهر ويجهو هڪ سرسبز ڳوٺ شير محمد سانگي (دودائي) ۾ ۱۴ سيپٽمبر ۱۹۵۲ع تي جنم ورتو. سندس والد مرحوم روشن علي خان سانگي تر جو زميندار هو. رنگ جو ڀورو، سهڻو، پتڪي ٻڌڻ ۾ سچي ضلعي ۾ پاس هو-

ڳوٺ ۾ وڏي اوطاق، مهمان نوازي، ماني ڪارائڻ جو ڪوڏيو، يارن جو يار، ياري دوستيءَ جو پڪو، پلا ڏاند، پلا گهوڙا ڌارڻ، گويون پچائڻ، جو وڏي شوقين هو ۽ شاعري بہ ڪندو هو- جنهنجي شعر جون بہ سٽون هيٺ ڏجن ٿيون.

دوستي جي دم ۾ دم پائي ڏلوسين
"روشن" راهن ۾ سڀڪي وڃائي ڏلوسين

علي گل پرائمري تعليم دودائي اسڪول مان حاصل ڪري ۱۹٦۳ع ۾ گورنمنٽ پائلٽ هاءِ اسڪول لاڙڪاڻي ۾ ڇهين جماعت جي داخلا ورتي تہ پراڻي دشمني سبب ۲٦ ذالحج ۱۳۹۰هہ جولاءِ ۱۹٦۴ع ۾ مرحوم روشن علي خان (سندس پيءُ) کي خون ڪيو ويو تنهن وقت علي گلَ جي عمر ۱۲ سال هئي.

پيءُ جي مار جي ڪري اسڪول تائين اچڻ وڃڻ خطرو هو ۽ اسڪول ڇڏي ڏنو ورِي پيهر ۱۹٦۸ع ۾ ديني مدرسہ اسڪول لاڙڪاڻي ۾ داخلا وٺي تعليم کي اڳيرو ڪرڻ جي ڪوشش ورتي تہ وري او چتو ۲ آگسٽ ۱۹۷۱ع اڱاري جي ڏينهن تاڪ منجهند جو دودائي ڳوٺ پرسان سندس دوست سائين اشرف علي شاهہ کي بيگناهہ قوم جوانيءَ ۾ گهوٽ شهيد ڪيو ويو. جنهن کان شاديءَ واري مينديءَ جا چٽ ۽ ڳاڙهاڻ بہ اجان هٿن پيرن تان نہ لٿي هئي جيڪو ڪربلا واري قصي جيئن مشهور واقعو آهي-

وري پيهر جهڳڙن جو چوٽ چڙهيو ۽ اسڪول کي ڇڏڻو پيو جنهن سبب علي گلَ جي ريگولر تعليم اڳتي نہ وڌي سگهي- پوءِ پرائيويٽ فارم ڀري ۱۹۹۰ع تائين ڏکي مکي ميٽرڪ بہ پاس ڪئي ۽ سچل سرمست اورنيٽل ڪاليج لاڙڪاڻو مان گريجوئيشن مکمل ڪئي- علي گلَ سانگي اجان اک مس پٽي تہ وڏي جنگ ڏٺي هن کي موروثي ملڪيت ۾ هڪ وڏو جهيڙو مليو جنهن کي هن مڙسيءَ سان نڀايو ان جهيڙي ۾ وڏو پاءُ عليءَ ڏنو خان سانگي، ۽ پيا عزيز چاچو سعد خان چاچو پائيخان، چاچو حامد علي، مامو مراد علي فقير، سوٽ پنهل سانگي ۽ رحمت الله سانگي بہ مارجي ويا-

علي گلَ سانگي پڻ پنهنجي پيءُ وانگي يارن جو يار، وفادار ۽ هڏ ڏوکي انسان آهي. هن جي سچائيءَ ۽ جرات وارن ڪمن کي ڏسندي سانگي قوم کي ضرورت ٿئي تہ ڪيس ننڍي قومي سردار جي پڳ ٻڌائجي جنهن لاءِ عاليشان ۽ پروقار نموني تاريخ ۱۱ سيپٽمبر ۱۹۸۲ع تي دودائي ڳوٺ ۾ تقريب ٿي.

سانگي قوم جي ڳولن جي چڱن مڙسن گڏجي ۽ وڏي سردار مير غلام محمّد خان سانگي پنهنجي هٿن سان پڳ ٻڌرائي جنهن تقريب ۾ اسان ڪيترا دوست بہ هئاسين. هاڻي ڪيس ننڍو خان سڏيو ويندو آهي.

ان کان علاوا ۱۹۸۳ع واري بلدياتي اليڪشن ۾ حصو ورتائون يونين ڪائونسل وليد جا چيئرمين ٿيا ۽ اتان وري تعلقہ لاڙڪاڻہ ڪو آرڊينيشن ڪميٽيءَ جا چيئرمين

ٿيا جيڪو چار سال پنهنجو مُدو پورو ڪيائون هن وقت صحافتي لائين ۾ آيل آهن لاڙڪاڻي ۾ P.P.A پاڪستان پريس ايجنسي جا ۽ روزانا مهراڻ حيدرآباد اخبار جا ڊسٽرڪٽ رپورٽر آهن ۽ اردو اخبار انتخاب ۽ اعلان لاءِ بہ ڪڏهن ڪڏهن لکندا آهن.

۽ چم ڪان حر جماعت ۾ رهيا آهن پير صاحب پاڳاري سائينءَ جا ست پيڙهيا مريد آهن، پير سائين پاڳارن جي مريدن ۾ وڏا وڏا صوفي شاعر ٿي گذريا آهن. عبدالله فقير ڪاتيار، بيدل فقير انڙ، محمد فقير ڪتياڻ ۽ سليمان شاهه جنهنجي مشهور ڪافي آهي:

ڪٿين پرچايان توکي ڪيئن ريجهايان

جنهن کي ڪنوريڀت رام ڳايو ۽ بعد ۾ عابده پروين پڻ ڳايو.

علي گُلَ سانگيءَ جو چاچو افروز علي سانگي بہ شاعري ڪندو آهي جيڪا ڪافي شاعري گڏ ڪيون رکيون ويٺو آهي سندس مشهور ڪافيءَ جون سٽون ڏجن ٿيون.

آيو آ جاني منهنجي اڱڻ تي قرب منجهان ڪي قدم پري

قرب منجهان ڪي قدم پري اهڙو ڏينهن خداءِ هميشہ ڪري

علي گُلَ سانگي جي شاعري ائين ڪٿي چئجي تہ موروثي ورثو رهيو آهي. اسان کيس پهرن جا پهر شاعري ڪندي ۽ شاعريءَ ۾ گم ٿيندي ڏٺو آهي جڏهن سندس شاعرانہ ڪيفيت ابرندي آهي تہ هر شيءِ کان بي خبر ٿي پنهنجو ڪٿي شروع ٿي ويندو آهي.

علي گُلَ سانگي گهڻن خوبين جو مالڪ آهي پر سڀ کان اُتاهين خوبي سندس شاعري آهي جنهن کيس جڳ ۾ روشن ڪيو آهي.

علي گُل شاعريءَ ۾ عوامي حيثيت اختيار ڪري ويو آهي اهيو سبب آهي جو سندس شاعريءَ کي هر فنڪار ڳايو آهي انهن ۾ محمد يوسف، منظور سخيراڻي، وحيد علي، سينگار علي سليم، انور علي وسطڙو، غفور گل، غلام شبير سمون، رحمان مغل (سرمد سنڌي)، برڪت علي پٽ، رسول بخش پٽ، غلام علي سنڌيلو، محمد بخش لاڙڪ، عبداللطيف مهر، استاد مينهل، گل بهار مهر، مينهل ڪلهوڙو، شمن علي، همٿ علي، گلاب راءِ، عبدالحميد عباسي، انور علي سانگي، مختيار علي سانگي، اسلم تونيو، الهداد زرداري، غلام قادر شيخ، سرور سخيراڻي، خادم سخيراڻي، منصور سخيراڻي، زاهد شاهاڻي (ٻالڪ)، رزاق جميل، حب علي، وزير علي ڪلهوڙو ۽ ساٿي ۽ جلال چانڊيو وغيره.

فيميل فنڪار مهناز، حميرا چنا، خورشيد بانو، فوزيہ سومرو، ثمينا ڪنول، عابده خانم، تاج مستاني ۽ فرح خانم.

موسيقار فيروز الدين، فيروز گل، غلام علي، محمد حسن، محمد علي پنچي، غلام شبير سمون، ظهور خان ريبي ۽ شاهد بزمي

علي گُلَ سانگي هن محل تائين تقريباً ۱۵۰۰ گيت غزل ڪافيون وايون نظم بيت وغيره لکيا آهن موسيقيءَ جو جنون حد تائين شوق اٿس، منظور سخيرائيءَ سان ٻن ڪيسٽن ۾ گڏ پاڻ پي ڳايو اٿس. پريس ڪلب لاڙڪاڻه ۾ دوستن طرفان ملهايل سرهي سانجهه ۾ پاڻ ڳائي محفل کي مچايو هئائين- جنهن محفل جا خاص مور سائين ڊاڪٽر اڪبر حيدر سومرو ۽ سندس وڏو ڀاءُ سائين ڊاڪٽر امان الله سومرو هئا- سندس آواز ۾ سوز جون لهرون اڀرنديون آهن.

"پيڇر ۾ پينگهه" ڪتاب کان علاوه ٻيو ڪتاب، "پيرن پنڌ ڪندياس" بہ ڇپائي هيٺ آهي. جنهن ۾ علي گل سانگيءَ جي ڪجهه زندگيءَ تي بہ لکيل آهي.

علي گُلَ سانگيءَ لاءِ اهو چوڻ غلط نہ ٿيندو تہ پاڻ سنڌ ۾ سنڌي ٻوليءَ جا مهان عوامي شاعر آهن سندس شاعري عوام جي دلين تي اڪريل آهي ۽ تا حيات رهندي

۱۵ آگسٽ ۱۹۹۲ع

نظام الدين عباسي

"اڳواڻ" پبلشرس لاڙڪاڻه

الا ذاهي مَ ٿيان

وڏن لاهن چاڙهن مان لنگهي پار پوڻ ڏاڍو ڏکيو ڪم آهي، جيئن چوندا آهن تہ 'جنهن کي رب رکي تہ ڪير چکي' اهڙا عجيب واقعا مون سان گذريا لڪجي تہ هڪ ڪتاب نہ سگهي ٿو. اهڙي اميد بہ رکان ٿو تہ پنهنجي زندگي تي ڪتاب لکان، باقي رهيو سوال تہ مان شاعر جو ٿيس اهو انتظار هر دوست وٽ رهيو آهي وڏو هجي يا ننڍو، غريب هجي يا امير، ڪٿي ڪيڏو بہ ڏاڍو مڙس هجي، دل تہ هر انسان جي سيني ۾ آهي جنهن ۾ خوشي بہ رهندي آهي ۽ غم بہ. منهنجي سيني ۾ بہ هڪ دل ضرور آهي. جنهن کي مان اڄ ڏينهن تائين سنڀالي نہ سگهيو آهيان. ڪڏهن وس ۾ تہ ڪڏهن بيوس. هر انسان جي زندگي هڪ ڪهاڻي آهي اجوڪي زندگي جو سفر ايڏو تہ ڏکيو ٿي پيو آهي جيئن پل صراط جي پل.

منهنجا درد ڪو ڄاڻي، اڻ ڄاڻ کي ڪهڙي خبر! پل مون تي لڪ الزام ڏي. کوهن ۾ ماڻهن جا وات ڪنهن بہ بند نہ ڪيا آهن. مون ۾ بہ سهڻ جي سگهہ آهي. ڪنهن ويچاري چيو آهي تہ:

'تون اپٽي توڙ نيا
او دي او ڄاڻ'

شاعري ۾ مان هڻي جڻ هڪ هڻي لاءِ لازم ۽ ملزوم ٿي ويا آهيون. شاعريءَ جو احساس مونکي ننڍپڻ کان ئي هو. ٻالپڻ کان ئي روح مان شاعريءَ جي ڌارا ڦٽندي محسوس ڪئي هيم. اهو ئي سبب هو جو هميشہ اڪيلائيءَ ۾ جڏهن پنهنجي زيتونن واري باغ ۾ شام جي پهر وڃي ويهندو هوس تہ واهہ جي وٽ تي ٿاريءَ ۾ انبن جا وڏا وڻ هوندا هئا، ڄانوري هيٺان ٻهرن جا پهر گل هوٽن وٽن جي خوشبوءِ جو

واس ويٺو وڻندو هوس ۽ پکين جي ويڙهاند ويٺو اکين سان ڏسندو هوس. مختلف پکين جون ويهڪان، آکيرا، شور، چرڙاٽ، ٻاڙن جا ڪمزور پکين پويان لامارا، جهرڪين جي چون چون، ڳيرن جي گهوگهو، ڪويل جي ڪوڪو، بلبل جون ڳالهيون، ڪڏهن ڪڏهن برساتيون. ٿڌڙين هوائن ۾ منهنجي اندر جو پکي به ٻولڻ لاءِ پرڪندو هو ۽ ائين لڳندو هو ته اهي ٻوليون منهنجي روح ۾ پيهي رهيون آهن. اندر ۾ نغمگي ۽ شاعريءَ جهڙيون عجيب ڪيفيتون جنم وٺي رهيون آهن ۽ ٿيو به ائين ئي. وقت ۽ عمر سان گڏو گڏ شاعريءَ منهنجي وجود ۾ پنهنجون پاڙون پختيون ڪيون ۽ ان جو احساس مونکي تڏهن ٿيو جڏهن مان پنهنجي پياري دوست سائين اشرف علي شاهه کي الهڙ جوانيءَ ۾ بيگناهه ڪسجي وڃڻ تي بي اختيار ڪجهه سٽون هن ريت جوڙيون ۽ منهنجي انهيءَ شاعريءَ جي ڪچين ڦڪين سٽن کي پوءِ ڪوڙ ساترن ڪلاڪارن پنهنجي درد ڀري آواز ۾ جڏهن ڳايو ته مونکي لڳو ته مان شاعري ڪري سگهان ٿو ۽ اُهو قدرتي الهام آهي، جنهن کان مان انڪاري نٿو ٿي سگهان. منهنجي شاعريءَ جون اُهي پهريون سٽون هي آهن سائين شهيد اشرف علي شاهه جي لاش کي جڏهن ڪانڌي ڪلهن تي کڻي هليا، اُن منظر کي ڏسي مان پنهنجي طرفان خراج طور نذر ڪيون.

مِٺا منهنڙو مونکان مَٽايون وڃين ٿو
منهنجي من ۾ ماتم مَچايون وڃين ٿو

توکي ناهي واجب ڪرڻ بي وفائي.
روئي روئي تو لاءِ عمر مون وڃائي
دونهان درد دل ۾ دُکايون وڃين ٿو.

ڇڏي شهر پنهنجو وسايو مون واهڻ
فدا سر ڪري هي آيس تنهنجي ڪارڻ
هاٿي رڻ ۾ راتا رلايون وڃين ٿو.

ايڏا سُور "سانگي" سهي ڪين سگهندو
اوهان ريءَ علي ڳُلَ رهي ڪين سگهندو
منهنجو جيئڙو جاني جلايون وڃين ٿو.

اهو ڪلام جڏهن مون استاد مينهل فقير کي ٻڌايو تہ هو منهنجي شاعريءَ جي شروعاتي انداز کان متاثر ٿيو ۽ مونکي ڳانو ٻڌائين ائين منهنجي شاعريءَ جو پهريون استاد، استاد مينهل فقير جيڪو اتر سنڌ جو سٺو شاعر ۽ فنڪار بہ هو. ان بعد اتر جو مشهور شاعر جعفر فقير پنهور پڻ منهنجي ڪافي رهنمائي ڪئي. جعفر پنهور لاڙڪاڻي ويجهو ڳوٺ ڏامراهہ جو پاڻ سنڌ جو سٺو پلوڙ شاعر ٿي گذريو آهي سندس اُها مشهور ڪافي

منهنجي لاءِ مارُو رنا ڪيئن نہ هوندا
دامن تني جا پنا ڪيئن نہ هوندا

جنهن کي پوءِ عابده پروين بہ ڳايو ۽ سنڌ جي ٻچي ٻچي جي زبان تي اڄ بہ عام آهي. شاعريءَ ۾ ٿئين رهنمائي منهنجي سائين مخدوم طالب المولىٰ جن ڪئي، جن سان روبرو تہ شاعريءَ جون نشستون نہ ٿي سگهيون آهن پر اڄ بہ مونکي ائين محسوس ٿيندو آهي تہ سائين جن سان مون جڻ روحاني ڪچهريون پئي ڪيون آهن ۽ سندس ڪتاب "چپر ۾ چڙهيون" پڙهي غائبانہ ئي جڻ سندس استاديءَ کان مستفيض ٿيندو رهيو آهيان، خاص ڪري جڏهن رونا ليلىٰ جي ڳايل هيٺين سٽن کي جهونگاريندو آهيان تہ خود بہ وجد ۾ اچي ويندو آهيان.

اڱڻ ٻهاريان تنهنجون واٽون نهاريان
او يار سڄڻ...

سنڌي شاعريءَ جي ڪيتر ۾ هونءَ بہ عثمان فقير سانگي، چتل فقير سانگي ۽ ساغر مولا بخش سانگي، جيڪو سيشن جج جي عهدي تان رٽائر ٿيو. مولا بخش سانگيءَ جهڙو اڄ نيڪ ۽ ايماندار جج چاڊ ڪو ليپي- وڪيل ۽ جج جنهنجي ايمانداريءَ جون ڳالهيون ڳائيندي فخر محسوس ڪندا آهن. سندس بہ ڪتاب "دَوَرِ ساغر" ۽ "سازِ دل"

ڇپيل آهن. عثمان فقير سانگي جي هڪ ڪافي جيڪا اُڄ ٻہ سنڌ کان سفر ڪندي ٻاهرين دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ تائين گونجي رهي آهي سا آهي.

يار ڏاڍي عشق آتش لائي هي.

جنهن کي مرحوم ڪلاڪار استاد محمد جمن پنهنجي مڌر آواز ۽ ڪمپوزيشن ۾ چڻ رهندڙ دنيا تائين امر ڪري ڇڏيو آهي، جنهن کي اردو سنڌي پنجابي توڙي ٻين ٻولين جا فنڪار اسٽيج تي ڳائيندي فخر محسوس پيا ڪن. ۽ استاد الاهي بخش "سانگي"، "سانگي" اسٽيشن جو پڻ تمام سٺي شاعري ڪندو آهي ۽ مان کيس استاد مڃيندو آهيان ان کان علاوه جڳ مشهور ڪهاڻيڪار سائين جمال ابڙو اصل ۾ "سانگي" آهي ميهڙ پر سان ڳوٺ "سانگي" جو وينل آهي جنهن جون پڻ سنڌ ۽ سنڌي ٻوليءَ لاءِ خدمتون اڻ ميون ۽ اڻ وسرندڙ آهن. اسين "سانگي" ڀاڳ ڀريا آهيون تہ اسان جي ماروڙي ذات ۾ پڻ اهڙا عظيم انسان آهن خدا کيس وڏي ڄمار ڏي- ۽ مان پاڻ کي پڻ چڻ سنڌي ٻوليءَ جو هڪ ادنيٰ خدمتگار سمجهي سانگي سڏائيندي فخر محسوس ڪري رهيو آهيان ۽ جيڪو پورهيو ڪيو اٿم اُهو منهنجي پهرين ڪتابي شڪل "پپر ۾ پينگهہ" جو روپ اوهان آڏو آهي ۽ ٻيو ڪتاب، "پيرين پنڌ ڪندياس" جي سهيڙڻ جون تياريون اٿم. منهنجي هن شاعري کي ڪتابي صورت تائين ڪٺي اچڻ جي سلسلي ۾ جن جن دوستن مون سان ساٿ ڏنو تن جو پڻ ٿورائتو اهيان.

الا ڏاهي مَ ٿيان ڏاهيون ڏک ڏسن
مونسان مون پرين، پورائيءَ ۾ پال ڪيا.
(شاهہ سائين)

۱۴ آگسٽ ۱۹۹۲ع
۱۴ صفر المظفر ۱۴۱۳هہ
ڏينهن جمعو

علي گُل سانگي (دودائي)
ضلعو لاڙڪاڻو

محبت جا مٺيا

اسان جي ماتا سنڌ ڌرتيءَ وڏا وڏا شاعر پيدا ڪيا آهن. سهڻي لطيف سچل ساميءَ کان وٺي علي گل "سانگي" تائين شاعري سان پاند اٽڪيو آهي جيڪو هڪ فنڪار جي حيثيت سان نڀائڻو پيو آهي ننڍپڻ کان وٺي هينئر ۵۰ سال جي عمر ۾ راڳ کي سمجهڻ ڏاڍي ڏکي ڳالهه آهي هينئر اچي سمجهان ٿو ته مون کي ٿورڙي راڳ جي خبر پئي آهي. جڏهن جوانيءَ ساٿ ڇڏيو آهي ڏند ب ڀڃي پيا آهن بيمار هجڻ جيڪري گهڻي ڪمزوري محسوس ڪئي اٿم شاباس آهي ممتاز "مرزا" صاحب کي جنهن منهنجي حق ۾ ڪتاب لکيو آهي اچي جنهنجي لائق ناهيان علي گل "سانگي" صاحب کي مان ڪافي وقت کان سڃاڻان ۱۹۷۵ع ۾ اچي عبداللطيف مهر وٽ سکر ويل هيس ته پهرين ملاقات منهنجي اتي ٿي "سانگي" صاحب کي شاعريءَ جي ڊائري هٿ ۾ هئي جيڪا مون چڱيءَ طرح پڙهي ۽ ڪلام ڏنا جن ۾ مون کي هڪ ڪلام وڻيو ۽ مون پنهنجي ڊائري ۾ لکي رکيو جيڪو مون ٽيليويزن تي "سنڌ سينگار" پروگرام ۾ ڳاتو جنهن جو پروڊيوسر ممتاز "مرزا" صاحب هو ڪلام جا ٻول هيا

هن موسم ۾ ڪڏ يارُ هجي
پيون بوندون وسن ۽ بهارُ هجي

مصري شاهه جي ميلي تي ڪيئي فنڪار ڪڏ هياسين ته حسين

بخش خادم مليو جنهن چيو تہ محمد يوسف تازو ٽيليويزن تي تو ڪلام چيو اهو ڪنهن جو ڪلام هيو ڏاڍو سٺو ڪلام هيو مون چيو **نئون** شاعر آهي لاڙڪاڻي جو ويٺل آهي پوءِ ڪلام جو پهريون مصرو **زباني** چيو تہ ٻڌاءِ مون ٻڌايو

ڪيئن گلڙن تي ٽي بوند ڪري
پيو واس وڻن لاءِ پونئر پري
جيئن گلڙن ڪان خوشبوءِ نہ پري
ايئن پاڻ ٻنهي ۾ پيارُ هجي

حسين بخش خادم سچي دل سان ڪلام جي ساراهہ ڪئي ۽ چيو تہ محمد يوسف اهڙو خيال ڪڏهن اسان کي بہ هٿ نہ آيو.

مون کي ان شاعر سان ضرور ملاءِ جانءِ صاحب خان چنو جي پاءُ ڊاڪٽر نور احمد چنو جي شادي **هئي تقريبن** سڀ فنڪار لاڙڪاڻي گڏ هياسين ممتاز "مرزا" جو سڏ هيو اتي بہ اهو ڪلام مون چيو جڏهن ڪلام چئي هيٺ لٿس تہ حسين بخش خادم مون کي ٻانهن مان ورتو ۽ چيو ان ڪلام جو شاعر ڪٿي **آهي** مون سان ملاءِ. سانگي صاحب بہ ان محفل ۾ ويٺو هيو مون وٽي وڃي مٿان بيهاريو مانس، پوءِ ويهي پاڻ ۾ ڪچهري ڪياٿون حسين بخش خادم سانگي صاحب کي چيو ننڍي عمر ۾ تنهن جو خيال اُچو آهي تون محنت ڪر ۽ غزل بہ سکُ "محمد" علي جوهر کي استاد وڻُ ۽ تون هڪ سٺو شاعر ثابت ٿيندين. اُها رات اسان "سانگي" صاحب جي ڳوٺ "دودائي" ۾ ٽڪياسين مون سان ممتاز مرزا ۽ فيروزالدين بہ گڏ هيا سانگي صاحب ايتري خدمت ڪئي جو سڄ پڇو تہ اسان بيمار ٿي پياسين سچي گيهہ ۾ پاجيون وغيره پڪلان صبح جو ناشتي ۾ ماکي مکڻ لسي وغيره جو ڪاٺي جوگيرجي پياسين هاٺي جڏهن ممتاز "مرزا" يا منهنجو لاڙڪاڻي

وجڻ ٿيندو آهي ته اسان "سانگي" صاحب جي ڳوٺ "دوڏائي" ضرور ويندا آهيون. پوءِ پاڻ نه هوندو آهي ته حاضري ڀري موٽي ايندا آهيون.
مون "سانگي" صاحب جا ڪلام ريڊيو ۾ به ڳاتا آهن.
جن ۾ هڪ تمام هٽ ويو آهي، جنهن جا ٻول آهن-

پاند ڳچيءَ ۾ پائي
پنهل اچان پرچائي

ڪافي ڪيسٽن ۾ به سندس جا ڪلام ڳاتا آهن هڪ ڪيسٽ ته سموري "سانگي" صاحب جي ڪلامن جي ڪئي اٿم جيڪا لاڙڪاڻي- لوڪ فنڪار پروڊڪشن رڪارڊ ڪئي آهي.
مون کي اميد آهي ته علي گل "سانگي" صاحب تمام سٺو شاعر ثابت ٿيندو ۽ سندس مقصد ۾ ڪاميابي ملندي.

محمد يوسف
ڪوٽڙي حيدرآباد سنڌ

١ جولاءِ ١٩٩٢ع

حال پريان نال

شاعري جي ڳولها ۾ پوندا سين تہ اسان ننڍا فنڪار پورا نہ پوندا سين سڀني شاعري تہ ضرور لڀندي سهڻي لطيف کان مٿي ڪا بہ شاعري ڪانهي پر اڄوڪي شاعري اسان فنڪارن جو روزگار بڻيل آهي جنهن ڪري سولي ۽ سستي شاعري کي اوليت ڏيڻي ٿي پوي جنهن ۾ علي گل "سانگي" جو وڏو ساٿ آهي جنهن پنهنجي سولن لفظن ۾ عام ماڻهو کي متاثر ڪيو آهي ڪيسٽ جي دنيا جو بادشاهہ بہ ڪٿي چئجي ڪيترا ماڻهو هرويرو سوال ڪندا آهن تہ توهان علي گل "سانگي" جا ڪلام گهڻا ڇو ڳائيندا آهيو اهو هڪ دل جليو سوال آهي اهو سبب آهي جو علي گل "سانگي" جي شاعري کي عام ماڻهو سولي نموني سمجهي سگهي ٿو جيڪي لفظ اسان روزمره استعمال ڪندا آهيون سي ئي سندس شاعري ۾ ملندا آهن هن ڏکين لفظن جي ڳولها ڪا نہ ڪئي آهي جيڪا سندس ڪاميابي آهي هن هميشہ اُها ڳالهہ ڪئي آهي جيڪا هر ڪنهن کي دل سان لڳي جيئن مون ڳايو آهي،

ملي وڃ يار تون مون سان اچانڪ موت ايندو آ
حياتيءَ تي ناهي ڀانور وڇوڙو ٿي تہ ويندو آ

هر انسان جي اندر واري ڳالهہ سُرَ ۽ ساز ۾ اچي وڃي تہ ڪيڏو نہ لطف ايندو آهي، اهڙي طرح سندس جا ڪلام ڪيسٽ- ريڊيو- ٽيليويزن- محفلن ۾ اٽڪل ٣٠٠ سؤ کان وڌيڪ ڳائي چڪو آهيان. هن پير جي پينهگ ڪتاب ۾ گهڻي قدر منهنجا ڳايل ڪلام توهان کي ملندا- آءٌ ايترو ضرور چوندس تہ علي گل "سانگي" پاڻ کي مڃايو آهي ۽ اڄوڪي دور جو سٺو شاعر آهي.

منظور سخيراڻي

٢٨ جون ١٩٩٢ع

دادو سنڌ

ڪلمون پاڪ پڙهڻ سان،

ڪلمون پاڪ پڙهڻ سان،
يار مليو آ نيهي وَو يار.

لاالہ سان لئون ڪي لائي
عشق فِراق ۾ ويهي وَو يار.

اِلاالله جو عشق وَيو آ،
جان جگر ۾ پيهي وَو ويار.

محمّد رسُول الله تہ مُنهن جي،
رگَ رگَ ۾ ويو ريهي وَو يار.

علي گُلَ عشقُ رَسَولَ جو "سانگي"
ڳالھ ڪيان مان ڪيهي وو يار.

▲

ببر ۾ بينگهه

قضا الله جي هٿ ۾ جياري يا ڇڏي ماري،
ڄَميل ئي ٻار کي دنيا، ڏيکاري يا ڇڏي ماري.

آهي درياهه دنيا هيءَ، اسان اَڻ تارون ئي تنهن ۾،
لڙهون ٻيڙيءَ ٻڏل ۾ تا، هو تاري يا ڇڏي ماري.

گهٽو ڏئي يا ٻک ڪنهن کي، آهي مرضي ئي مالڪ جي،
لَپَ پاڻيءَ جي پياسن کي، پياري يا ڇڏي ماري.

رهندو الله جو نالو ٻيو سڀ ڪجهه فنا ٿيندو
دنيا هن ئي دو رنگيءَ ۾، سينگاري، يا ڇڏي ماري.

صَفا اُن لاعلاجيءَ ۾ دوائون ڇا ڪَنديون آهن،
بيمارن ٻَرِن ۾ هو، اُٿاري يا ڇڏي ماري.

علي ڳُلَ ڇڏ دنيا کي وَٺُ سدائي نَامُ مولا جو،
"سانگي" هو جنهن کي ٿو چاهي، سنواري يا ڇڏي ماري.

▲



ٻير ۾ ٻينگه

آهي خدا جي نعمت، خلقي آ جنهن خُدائي،
ڪيڏي نہ آ اسان لئہ سِجَ چندڊ جي چٽائي.

ڪيڏا مٺا تہ ميوا اُنهيءَ ڪيا هي پيدا،
رَبَّ جا مَجُون ٿا تورا وينا پيا سَدَائي.

ڏُکي وقت ۾ ئي سڀ سان ڪَم پاڻ ئي اَچي ٿو،
هُنَ جي ٿي هَر بَندَي سان آهي وَڏي ڀَلائي.

ٻَانهون چنگهون ۽ وَات ُهي اکڙيون بہ هُنَ تہ ناهيون،
اِنسان جي نہ ڪهڙي صُورت آهي بنائي.

اُنَ جي ڪَيون عبادت لائق جيڪو عبادت،
ويهي اسان ڇو پنهنجي آهي عمر وڃائي.

پنهنجي رزق مان سِرَ لئي خيرات ڪَرِهٿن سان،
پنهنجي تون پيٽ ۾ وئين ڪيئي خَرار ڪائي.

اِحسان هِن علي گُلَ "سانگي" هزار مون تي
باقي آ بي شُڪر ٿيو اِنسانُ هِي اَجائي.

▲

پير ۾ پينگهه

لکَ لکَ شڪرانا، آيو آيو محمّد
ناهيون هاڻي بيگانا آيو آيو محمّد.

جانبَ جو تہ جمال، آهي قُربُ ڪمال،
ڪَيڙا مست ميخانا آيو آيو محمّد.

عاشق آيا الستي، ماريون پنهنجي مستي،
ڪَيڙا دوست ديوانا، آيو آيو محمّد.

گهَرگهَر آئي خُوشي آ، مِهرآسان تي وسي آ،
گهوٽ ٻڌا هِنِ ڳانا، آيو آيو محمّد.

علي گل مُنهنجو حبيب، ”سانگي“ تيندو طبيب،
آهن مون اِحسانا، آيو آيو محمّد.

▲

بيرمنگهم

الله جي نانوَ تان صدقو، محمّد کي ڪيئين پيدا
نَتَ تئي حال ها ڪهڙو، هياسين جي جهڙا ڳدلا

هوندو محشر جي ڏينهن منڙو، گنهگارن جي ٽوليءَ ۾
آهيون باقي ڇو ٻوليءَ ۾، ٻيڙا بس پار تي ويندا

آهيو ڀاڳن وارا سارا، اسان ڪلمو پڙهڻ وارا
نہ محمّد کي ميڃڻ وارا، سي دوزخ جا ٽنيا ٽيندا

اسانجي ڏس نہ عيبن کي، تون ڏس مالڪ محمّد کي
جيڏو نالو محمّد جو، اوڏائي ئي آسرا هوندا

عليءَ گُلَ تي تون وڃ عاشق، ثناگر پنهنجي سائينءَ جو
”سانگي“ صلوات سيد تي، جيڪي پڙهندا نہ ڏک ڏسندا

▲

محمّد جي شان جي ڇا، ساراه مان ڪيان،
سردارَ جي صفت ۾، پورو نہ ٿو پوان.

سُهڻو نام محمّد، جيئن گُلُ گُلابَ جو،
صلوات هڪ چوڻ سان ملي لکُ ثواب جو،
صلوات تنهن سيّد تي هر بار پيو پڙهان مان.

مَحبوب مُحبتي جو نہ ٽيٽو سوال آ،
گفتار جي گهڙين جو نہ ملنو مثال آ،
سيرت ڏسي سچڻ جي حيران پيو ٿيان.

هُتِ عَرش تي بہ حُوران حيران ٿي ويون،
افلاڪ تي فرشتن صلواتون پئي چيون،
هُيو راز رب جو ڪهڙو ڪهڙو چئي چوان.

احسان آ علي گُلَ پروردگار جو،
محمّد جهڙو نہ مِنڙو محبوب جنهن ڏنو،
”سانگيَ“ چوي مان ٿورا لاهي نہ ٿو سگهان.

▲

دلبر سجي دنيا ۾ واڪاڻ تُنهنجي آهي،
چوڏهين جي چنڊ ۾ ٻـ چانڊاڻ تُنهنجي آهي.

سج ۾ ٻـ تنهنجو سائين، نروار نُور آهي،
هر گُلَ ۾ رَنگُ تنهنجو، ظاهر ظهورُ آهي،
سڄ آ گلابي گُلَ ۾، لالاڻ تُنهنجي آهي.

گلڙن جو تون آن گُلشَنُ، بوءِ ئي بهار تو ۾،
معطربدن آ تنهنجو، سڀ آ سينگار تو ۾،
مُشڪِ عنبر ۾ سُهڻا، سرهاڻ تُنهنجي آهي.

مصريءَ ۾ مُحب تُنهنجي، پِڪَ آ پرين پِيلَ ڪا،
جيئن چئي "سانگي" سَڄڻَ جي،سِڪَ آمون ۾ رَهيلَ ڪا،
ماڪيءَ ۾ مان مَحان تو، مِٺاڻ تُنهنجي آهي.

▲

آيو عشق ڪٽي ٻَچ ڳالهڙيون

آيو عشق ڪٽي ٻَچ ڳالهڙيون،
لائي لالَ لبان تي لالڙيون.

سيني اندر سڀ ساندڻ جهڙيون
سڪ واريون سي سلالڙيون.

پيار ۾ پنبٽيون ڏاڍيون پياريون
ڪيون اڪڙيون آهن آلڙيون.

عشق درياهه ڪي ڪڙ نہ ڪنارو
عشق جون التيون چالڙيون.

پيارَ جون ويهي علي گُلَ "سانگي"
پُرُ پيتيون سي پيالڙيون.

▲

ٻبر ۾ ٻينگهه

پير پرجهي پاءِ، يَرَ عِشق جي ميدانَ ۾،
عشق اُجلي تو چڏي بَرَ پَٽَ بياباںَ ۾.

عشق وارن جو اوتارو، آڏيءَ تي آ آڏيل يارو،
سِرُ سَٽي ڏين ساهُ سارو، جوش ۾ جولانَ ۾.

منصور سوليءَ تي چڙهيو، سورن سان لائي لڙيو،
ڪين عاشق آ مُڙيو توڙي پيو زندانَ ۾.

ڪِيس ڪربل جو ڏسي ڏِيل ڏونگر ويا ڏڪي،
ڪامران عاشق ٿيا ڪُسي عشق جي امتحانَ ۾.

نينهن ۾ ملندءِ نفعو سِرَ جي خفت سر جو خفو،
جي ڏيندين تڏ ڏئي ٽپو چاھ مان چوگانَ ۾.

عشق وارن جو علي گُلَ، ٻانهون سونهان "سانگي" شلَ
ڏسي تو ڏڪان پنهنجا عملَ، وره جي ويڌانَ ۾.

▲

عشق جي منزل ڏور،
آءُ ڪيئن عاشق يار سڏايان.

يوسف سان لڳو ذوق زليخا،
نيهن وڌس ناسُور.

عشق ليلا جي قيس تيو قابو،
مينهن ڪُندي جيئن پور.

ڪربل جي وچ شام شهر ۾،
ڪيڏو ڪَيَڙو ڪَلُورُ.

سُولي سانگو سِرَ جو لاهي،
منزل تيو منصُور.

پنهل پنهل ڪندي سسئي ويچاري،
وئي پئي آتان وهلور.

سيرَ ۾ سهڻي ميهرُ ساري،
سيني گهريس ڪو سُور.

هُجت نه هل تَون علي گُلَ "سانگي"
بانهپ ڪر پرپور.

پير ۽ پينگهه

عشق پڌايو چيز آ ڪهڙي، عشق جي لفظ جي معنيٰ ڇاهي؟
سسئي سڪي مئي، سهڻي ٻڏي مئي، مومل مئي سڙي خاڪ ٿي آهي!

قيس ڪي ليلان جي عشق ڪيو مجنون
بر ۾ ٻيهي رهيو ولڙيون ويڙهي ويون
پٿر ڪاڏئين پيار جي خاطر لتڙا ليڙون ليڙون
ليلان ليلان وات ۾ وائي، عشق ۾ بينو لاهي پاهي.

تخت هزاريٰ ڪي، رانجهن وينو ڇڏي
ڪيئن فرهاد ڀلا پهاڙ کي پيو ڪٽي
عشق سان زاري توبهہ زاري، توبهہ منهنجي زاري
عشق جي منزل ڏاڍي ڏکي آ جنهن کي هجي يار طاقت ڪاهي.

علي گُلَ عشقَ آهن، رُلائي ڪيئن ڇڏيا
سورهہ سانگي ڇوي کهائي ڪيئي ڇڏيا

عشق سان ڪنهن جي حاجت ناهي، هجت ڪنهن جي ناهي
عشقَ جلايون جانيون ڪيئي منصور ويا ڪيئي لٽڪي ڦاهي

▲

بيرمبينگهم

مونکي مليو ڪنهن واٽ ويندي،
عشق ڏنو مون شينهن شڪل ۾.

دهشت دل تي دل پئي، ڌڙڪي
نوري ڏنم ڪالاٽ، ويندي.

جان سجي مان ۽ رڳ رڳ مان
نڪري ويا ڇرڪاٽ، ويندي.

آيو اکين مان وينو دل ۾
سنهڙا ڪري سرباٽ، ويندي.

عشق جي مونکي علي گُلَ "سانگي"
ڏاڍي لڳي وئي لپاٽ، ويندي

▲

مَرد مري ٿيءُ مِٺي، مٺي ڙي مٺي،
جي مُحبت ڏاري مَنَ ۾ اٿئي ميان.

جهيڙو پنهنجي جيءَ سان جوٽـي،
بازي اِها کڻ کٽي، کٽي ڙي کٽـي.

نفل، نمازون، نيتان کوٽـيون،
ڏاڙهي ڪندي ڇا چٽي، چٽي ڙي چٽي.

اَلستي المست عشق وارن کي،
عشق گهمائي گهٽي، گهٽي ڙي گهٽي.

صُبح سانجهي سار صمند کي
ڪَم بيا ڪر ڦٽي، ڦٽي ڙي ڦٽـي

علي گلَ سانگي عِشق ڪان مُنهڙو،
موڙي ويهه نـ هَٽي، هٽي ڙي هٽي.

▲

عشق لڳو آفات ميان،
سُورن جي سُڌ ڪانہ هُئي مونکي.

نانگ مِثل مون نينهن کي ڄاتو،
ڦاڙيو وجهي تو وات ميان.

شينهن شِڪل ۾ عِشقُ آ آيو،
مون تہ ڏٺو اَڄ رات ميان.

وڍڻ وراڇڻ ڪَمُ ڪسابي،
ويٺو ڪَنيون آ ڪاٽُ ميان.

مسيحي، مسلم، ينگي، يائي،
عِشق نہ ڄاڻي ذات ميان.

قضيو ڪربل شام شهر جو،
عشق ڏني ڪا ڏات ميان.

عشقُ اٽانگو علي گُلَ "سانگي"،
ڪهڙي پڇو ٿا بات ميان.

▲

جيڪي لاهوت پسي تيا لال،

سمجهه سمهڻ آ عيب اُنهن سين.

محفل محبت جي هٽي،

ڪن پيا قربُ ڪمال،

راتيون وهائن ورهه ۾،

ڏوٽي هٽن پيا ڏمال.

حرسيا وتن هو حبيب لاءِ

هيڻو ڪيو تن حال.

علي گُلَ "سانگي" اکين مان پيا

جَرُ وهائن جال.

▲

ببر ۽ بينگهه

عشق نہ واقف هاس "ميان"
سورَ اچي آ سُر سمجهايو.

خبر هجي ها هٿ نہ لايان ها،
مور نہ ان ۾ پير پايان ها،
سچ ڪنهن مون نہ چياس "ميان"
سخين ۾ مون سبق پڙهايو.

عشق آيو مهمان سڏائي،
مان هڪ ڇا بادشاهہ ٻلائي،
رڻ ۾ رات ڪياس "ميان"
عشق اکين ۾ گهر آ ٺاهيو.

عشق کي ڪوئي ڄاڻو ڄاڻي،
منزل هن کي ڪو ڪو ماڻي،
وَيَڙا هوش حواس "ميان"
قدر پوي جنهن قرب ڪمايو.

علي گُلَ آهي عشق ڪسابي،
سمجهان سانگي يا ڪو ڪبابي،
هڏ ٻت ماس ڪٽياس "ميان"
گهٽيءَ گهٽيءَ ۾ هوڪي هلايو.

▲

عشق چڙهي ٿو نقاب ئي لاهي. عشق ڇا ڄاڻي حجاب "ميان"

عشق اُتي ٿو ڇانئي ڇڄائي، جاءِ جتي جبرائيل جي ناهي،
پَرَ ٿا سڙنِ تکو تابُ "ميان"، اڳتي هلڻ منهنجي حاجت ناهي

سسئي ويچاري پردي پائي، نينهن لڳس نروار ٿي آئي
برهه ڪيس بيتاب "ميان" پنهل ڪندي ڪيچ وئي ڪاهي.

عشق ڏسو ويجي ڪربل ڪاهي، عشق چڙهيو ڪيئن ڪِيس ڪمائي،
ڪانهي جاءِ جواب "ميان" عشق ڪري ٿو جيئن هو چاهي.

مومل ماڙي تي پئي گهائي، گهائي وڏي ساراٺي لاهي،
ڏاگهه سڙي تي ڪباب "ميان" سورَ سگهي نه ڪا سر تي ساهي.

عشق ٻڌيو استادُ اچي آ، ليليٰ ليليٰ قيسَ لکي آ،
برهه پڙهايو باب "ميان" اکر چڙهيئين ٻياسي ڊاهي.

عشق ڪري ڪو ٻلاول وارو، سانگي ڏي تون ساهه هي سارو،
آٿي اکين ڏِس آبَ "ميان" علي گُلَ عشق عجب ڪو آهي.

▲

ببر ۽ بينگهه

عشق سان ناهي رِيسَ اديون،
متان ڪري ڪا هِيسَ اديون.

عشق ڇڏيا ڪيئي، ڪنڌ ڪپائي،
آيا نمايون، سِيسَ اديون.

عشق سان زاري، توبهہ زاري،
توبهہ زاري، گِيسَ اديون.

عشق ڪري تو، لنڙا ليڙون،
چيڙون چيڙون، قميصَ اديون.

عشق جهڪايا، ارڏا ارڏا،
ڪيڙا نِينهن نفِيسَ اديون.

عشقَ علي گُلَ، "سانگي" ڪيڏا،
قهر ڪرايا، ڪِيسَ اديون.

▲

پنهنجي دردن جي مان يار دوا،
توکان نہ ونان ٻيو ڪنهن کان ونان.
مرهم تہ مٺا ڪا درد شفا...

هٿان در تي صدائون خوب ڀيو
پوري مانگَ مُنهنجي محبوب ڪيو،
پنهنجو پاند جهلي مان خير مٺا...

مان خطائون ڪيون ڪو حساب نہ آ،
تو تہ دلبر جو ٻہ جواب نہ آ،
پنهنجي ڏوهن جي مان معافي ڀلا...

علي گُلَ تو اُميدون تو ۾ رکي،
پنڌُ عشقَ جو "سانگي" ڏورُ ڏِکي،
مُنهنجو سڀ ڪجهہ سائين تو وٹ آ...

▲

ٻيرم ٻيسنگهه

سڄڻ منهنجو ئي سهڻو آ

سڄڻ مُنهنجو ئي سهڻو آ، هزارن ۾ هزارن ۾،
چٽو جيئن چنڊ چوڏهين جو ستارن ۾ ستارن ۾.

پَسي پيتم پيالا پُر، دوباره دور محفل ۾،
نگاهون مَستَ تي ويڙيون، نَظارن ۾ نظارن ۾.

پڄائڻ پاڻ جي آيا، شڪي تي پيا سڄڻ سامهون،
هئا ڪيئي سوين سهڻا، قَطارن ۾ قطارن ۾.

آيون گڏ تي ساهيڙيون سَڀ، ڪرڻ ديدار دلبر جو،
وڌي سڀ آگريون ويٺيون، ويچارن ۾ ويچارن ۾.

علي گُلَ "سانگي" دل مُنهنجي ڪئي آ دوست ديواني،
اَڙائي اوچتو اکڙيون، اِشارن ۾ اشارن ۾.

هزارن حسن وارن ۾، سڄڻ منهنجو ئي سهڻو آ
چٽو جيئن چنڊ تارن ۾، سڄڻ منهنجو ئي سهڻو آ.

يلي کو هوڏ ٻـ هلندو، پشيمان پاڻ ئي ٿيندو
يلي کن نازَ نيارن ۾، سڄڻ منهنجو ئي سهڻو آ.

سڄڻ جي سوڀ آ ساري، مٺي آ مرڪَ ٻـ پياري
ڪريان ساراهه سارن ۾، سڄڻ منهنجو ئي سهڻو آ.

آفيسون عشق جون کوليم، وڃي دفتر سڃا ڳوليم
عشق وارن ادارن ۾، سڄڻ منهنجو ئي سهڻو آ.

علي ڳالَ اڄ اوطاقن ۾، سانگي سهڻن جي ٿاڪن ۾
سڄي محفل جي پيارن ۾، سڄڻ منهنجو ئي سهڻو آ.

▲

ٻيرم ٻيسنگھ

سهڻو سجڻ لڳي ٿو، مونکي نقاب ۾،
ڪڪرن جي پويان چنڊ آ، جڻ ڪو شباب ۾،

پردو پرين هٽائي، جنهن دم ڏسي ڪلي ٿو،
دل ٿي وڃي دهلجي، حسن جي تابَ ۾.

روشن وڃن ٿيو راهون، سينگار جي ٿو نڪري،
ڌرتي جو چنڊ ايريو، منهنجي حسابَ ۾.

خوشبوءِ چورائي ورتي، منهنجي پرين ڪان گلڙن،
رنگ بوءِ اُن جي بيشڪ، آهي گلابَ ۾.

مئي نوشَ مئي پڄڏي تون، الفت جو جامُ پي ڏس،
نشو نينهن ۾ گهڻو آ، چاهي شراب ۾،

تعريف مان علي گُلَ، اُنجي ڪيان تہ ڪهڙي،
مون وٽ ڪو لفظ ڪونهي، هُن جي جوابَ ۾.

▲

ائين تا لڳن مون کي وار تنهنجا پيارا،
چنڊ جي چوڌاري، ڄڻ ڪڪر ڪارا.

سونهن وارا آيا سوين سهڻا سينگار جي
پين ڪانئ پوري توسان، ويا ڪُل مار جي
چنڊ تون انهن ۾ ٻيا سڀ تارا.

اوچتو اچي تون بيٺن اڳيان منهنجي اُيري
ڏسڻ سان ئي توکي مونکان ويو ڇرڪ نِڪري
وئڙا خطا تي منهنجا هَوش سارا.

جڏهن زلف زهري کولي گهمي تو بازار ۾
اسان پارا عاشق پو وجهين تو آزار ۾
ڪيئن پوءِ ڇڏيون تنهنجا، لالڻ لارا.

علي گُلَ وڌو آ تنهنجي حسن يار ماري
الائي ڪيئن ڪٽي وئين منهنجي، دلڙي ڏُتاري
پريان وينو هاڻي سانگي شُوڪارا.

▲

سهڻا تنهنجي حسن جو پروان بنجي ويس مان،
تنهنجي پَسي جواني حيران بنجي ويس مان.

ناهيان مان ڪنهن خبر ۾، آهيان عشق جي بحر ۾،
هڪڙي تنهنجي نظر ۾، نظران بنجي ويس مان.

شب روز ڏيان پيو پهرو، گلڙن مٿان جيئن ڀنؤرو،
نظرن جي نازَ نيڙو، نشان بنجي ويس مان.

بيٺو آهيان منتظر ۾، توکي پسي ستر ۾،
آهي ديد تنهنجي در ۾، دربان بنجي ويس مان.

نہ ڪوئي عقل رهيو آ، منهنجو هوش ئي ويو آ،
الائي ڇا مونکي ٿيو آ، پريشان بنجي ويس مان.

عليءَ گُلَ آهيان مان تنهنجو، "سانگي" مان ناهيان ٻئي جو
پيو قرب جو ڪڙولو، قربان بنجي ويس مان.

▲

اَجُ سھُڻل جَا سينگار ڏسي،
مُنھنجي دل تي چوي وچي پيش پوان.
ھي موقعو آ پوي من پرچي.

مان پنھنجا پرين پرچائي ڇڏيان،
مان خطائون ڪيون، بخشائي ڇڏيان،
وڏا نياز ڪيان نوڙي ۽ جُھڪِي.

ڪنھن خوشيءَ مَنجھان پيا محب ڪِلن،
جيئن مَورُ تِلي تيئن پيا تا تِلَن،
تو سَمجھان سڀڻ اَجُ آھي سخي.

سَڀُ مھڙيون مون ڏي مان تو مَيان،
پنھنجي پَر مِڙ چا چا مان بہ ڪيان،
نيٺ ويندس مان بہ وٺي معافي.

اج علي گُلَ جو ھي حال ڏسي،
سانگي سڄڻ ڇڏيندا ڪولِ رکي،
ايندا پاڻ ھلي يا ويندا وٺي.

ببرم بينگهم

▲

تنهنجي ڳاڙهن ڳاڙهن ڳلڙن تي، تـي مست چري منهنجي دلڙي،
تنهنجي زنگي زلفن گُلڙن تي، تـي مست چري منهنجي دلڙي.

ڏسي تنهنجا سڄڻ انداز نوان، مان حيران ٿيم پسي نازنوان،
وري مرڪَ ڏنـم تنهنجي لبڙن تي، ٿي مست چري منهنجي دلڙي.

بندِ مکڙيءَ ۾ مان گلاب ڏنـم، هيو گهونگهٽ ۾ ڪو شباب ڏنـم،
تنهنجي ميندي رتڙن هتڙن تي، ٿي مست چري منهنجي دلڙي.

آئين اگڻ منـا احسان ڪري، سهٽا "سانگيءَ" جو مٽي مان ڪري،
تنهنجن ٻولن پيارن مٺڙن تي، ٿي مست چري منهنجي دلڙي.

▲

پير ۾ پينگهه

گل جيان تنهنجو روپ ۽ رنگ،
واسينگن جهڙا وار ۽ ونگ.

نسري نئي تي ڀورُ جواني،
مکئيءَ جو جيئن سهڻو سنگ.

نينهن تنهنجي هنيو آهي مونکي،
ڏينيوءَ ٻاڙهي وارو ڏنگ.

واهه اٿئي انداز پرين کو،
دلڙي کسڻ جو ڏاڍو ڍنگ.

چاهت تنهنجي روز اندر ۾،
چارڻ وارو چوري چنگ.

سونهن سڄي سنسار ۾ سانگي،
دل تي چوي بس آهي دنگُ.

▲

ٻير ۾ ٻينگھ

گُلَ تو جهڙو رنگ

پرين ڏنو تو منهنجو ڪاتي

پار تو جهڙا مُورَ پکيئڙا
جهڙو سهڻو تون سنگ

ڪارا ڪاريهر وار تو جهڙا
جهڙو وجهين تو ونگ

شينهن شڪل ۾ آهي تو جهڙو
ڏاڏَ جو ڏاڏو ڏنگ

اوهمراهہ تو ايندي ويندي،
سهنهہ ۾ "سانگي" دنگ.

▲

ٻاڙها ڳاڙها ڳلَ
گل گلابي گُلَ

دل کسڻ جي اٽن کا اهڙي
ڏادي کا اٽکلَ

جهوري جيءَ وجهي جنهنسان ٻـ
ويهي ٻاٽي پلَ

سهڻو سين ۾ سائين "سانگي"
واتي وايون هُلَ

ٻير ۾ ٻينگهه

هن محفل جو تہ جواب نہ آ
ڪنهن ڪي مون تہ ڏنو ڪو نقاب نہ آ.

هيا سالن جا ڪي وچڙي ويل،
گڏ سي تو ڏسان اڄ رات رهيل،
ساڻ سڀ ڪنهن سان محبوب مليل،
هتِ هڪجيڏن جو جواب نہ آ.

سڀ يَوَ بَهَانَا صاف ڇڏي،
ڪيئن قرب ٿا ڪن، پيا جوڙ گڏي،
ويجهو ويهو رهن سڪ وارا سڏي،
ڪيو ڪنهن بہ ڪنهن ڪان ڪو حجاب نہ آ.

هن محفل جو سدا خير هجي،
جتِ پنهنجي پرين جو پير هجي،
سڀ سڄڻ هجن نہ ڪي غير هجي،
اهڙو مون تہ ڏٺو ڪو شباب نہ آ.

اَڄ علي گُلَ منهنجا ياڳ کُليا،
سانگي سڄڻ اچي.مونسان پاڻ مليا،
مون سان پرچي پرينءَ سڀ سُور سليا،
سچ سرتيون ڀانيو خواب نہ آ.
▲

محبوبَ اَچي مونکي اَج عيد ڪرائي آ،
هٿن سان سبائي جنهن، پوشاڪ پارائي آ.

اَجُ عيد مبارڪ چئي، محبوبَ پائي ياڪر،
اهڙي ڪير ڪري ڪنهن تي جا مون تي پلائي آ.

اَجُ اڱڻ اَچي منهنجي، احسان ڪيا ڪيڏا،
هڪ جيڏن ۾ منهنجي، ڪيڏي عزت وڌائي آ.

اَجُ مونسان گهڙيون گهارڻ، گهر منهنجي پرين آيو،
گهُرجي چا ايان مونکي، ڪئي ڪافي پلائي آ.

اَجُ خوب خوشيون آيون، سڀ غم بہ منهنجا ويئڙا،
پلا ياڳ منهنجا تيئڙا، ڪئي سجڻ سچائي آ.

اَجُ علي گُلَ "سانگي" سجڻ، سينگار سوين ڪيڙا،
وڌا قرب مون تي ڪيئڙا، گڏ عيدَ ملهائي آ.

▲



ببر م بيسنگھ

هن موسم ۾ گڏ يار هجي

هن موسم ۾ گڏ يارُ هجي،
پيون بوندون وسن ۽ بهارُ هجي.

ڪيئن گُلڙن تي تي بوند ڪري،
پيو واس وڻن لاءِ پوئر پري،
جيئن گُلڙن ڪان خوشبو نہ پري،
ايئن پاڻ ٻنهي ۾ پيارُ هجي.

اڄ ورهن جون ڪي راتيون هجن،
مِنيون بُلبل واريون باتيوَن هجن،
ڪي برهہ پريون برساتيون هجن،
سڄي عُمر ڪنو غمتارُ هُجي.

اَڄُ ”علي گل“ توانتظارُ ڪري،
اِجهو سڄڻ آيا سينگارُ ڪري،
چڏيان ”سانگي“ جانِ نثارُ ڪري،
رڳو دلبر جو ديدارُ هجي،

▲

ببر ۽ بينگهه

گُلُ اُهو گُلُ

جيڪو پرينءَ جي هٿ ۾
هزار گُل مٽ نہ سٽ
نڪا رنگ جي ٻيٽ
نازڪُ هٿن ۾
گُلَ جو ٻيهڻ
ڏسڻ وٽان نَظارو
ڏاڍو پيارو
گُل ڪي لال لب تي رکي
سٽڪون ڏيئي سنگهڻ
هائي هائي واهہ ڙي گُلَ
تنهنجو ڀاڳُ
تو سان ريس نہ هيس
ڪاش تو خوش قسمت
گُلَ جهڙو
نصيب ٿئي ها
پر اهڙا ڀاڳ ڪٿي!

▲



ببرم بينگھ

هجان ها ڪوا چوڙو
سارين جي ٻج جي پوکڻ جي مند ۾
تيز هوا جي جهوٽي ۾
هڪوا چوڙو
پٽ پڌر تان متي ڪک پن ٻوٽا ڪٽي
اُڏامان ها اڌ آسمان تي
۽ ڏسان ها پنهنجي پرين ۽ کي
پنهنجي اڱڻ مٿان گهمندو ۽ ٽلندو
ڪڪر تي بيهي رهان ها
۽ کيان ها پا چولو
جو ڏسي ها مونکي
۽ چوي ها هو ڏسو
منهنجي اڱڻ مٿان
ڪڪر تي بيٺو آ
هَوا جو هِڪُوا چوڙو.

▲

پبر ۾ پينگهہ ٻڌڻ جي مند
آئي آهي لڏڻ جي مند.

ٻَهاريلي ڪري آئين اسان وٽ،
هاڻي ناهي رُسڻ جي مند.

خوشبو گُلن جي هر جاءِ هر هنڌ
مُڪڙين جي آ ٽڙڻ جي مند.

پورب واريون لڳن هوائون
گهلن هوائون ڏڪڻ جي مند.

"سانگي" سانڍي سڪ آ وينو
منڙا آهي ملڻ جي مند.

▲

پبر ۾ پينگهہ

ٻٻر جي ڏار ۾ پينگهه ٻڌي آ
سانوڻ آيو تون ٻه هلي آ.

لوڏا کائون لوڪ ڏِسي يَلُ
محبت ڪنهن جي ڪانه لکي آ.

بونداباري جُهڙ برساتيون
منڙا ملڻ جي مند يلي آ.

ڏکڻ جي واءُ ٻه ڏادي وٺي پئي
گلڙن جي سرهاڻ ڪنڌي آ.

ڪويل ڪوڪي دل پئي ڌڙڪي
"سانگي" ڏادي سڪ لڳي آ.

▲

دل تي چوي ڪو، ڪڪر هجان مان،
تنهنجي اڱڻ تي، بيهي وسان مان.

تِڪ ٻَڌي پيو تو ڏي نهاريان،
واچوڙي تي تِرُ نہ چران مان.

سُتل هوندينءَ ٻهر پڌر تي،
وڏڦڙو تي، مينهن لهان مان.

آنءُ آخر پنهنجي پرينءَ کي،
سوچان ٿو ڪنهن طرح رَسان مان.

آس اکين ۾ ڏاڍي علي گُلَ
هيڪارو من پرين پسان مان.

▲

ببرم بينگهه

مند آ موتي ماڳن تي
پنهنجا پرين پيا ڀاڳن تي.

گيت، غزل ۽ وايون لکي پيو
روح ريجهايان راڳن تي.

ڪيئي چنڊ ڏسي هي اکڙيون
اٽلي پيئڙيون اوجاڳن تي.

مَنجي ماٺهو ڪيئن نہ وحن تا
اسان تہ پيرن ساڳن تي.

ويٺي ويٺي "سانگي" مونکي
ورهہ لنگهي ويا لانگهن تي.

▲

آيو سانوڻ آيو آيو، مينهڙو وسائي
الا الا نيٺ تہ آيا ڏينهن پيار جا.

ٽڏڙي ٽڏڙي مير لڳي ٽيئن ٽيئن باغ بدن ٽو ٽئي
خوشبوءِ خوب ڪجي آئي هر ٻوٽو چندن ٽو لڳي
ڪڪر ڀرجو آچن ٽا ڪيڏيون ڊوڙون پائي.

برسي پئي برسات وڏي وڻ ٽڻ ٻُوٽا صاف ٿيا
گلڙن آ گلزاري ڪئي ڏک ڏولا سي مغاف ٿيا
ڪويل ڪوڪو ڪرڻ ڪان بس ڪئي، موجون ملهائي.

سرتيون ساهيڙيون آيون، سٽ ۾ سات نيائن تيون
هڪ جيڏيون سينگار ڪري ڏاڍو قرب ڪمائن تيون
"سانگي" ويهان ڀلا مان ڪيئن، سڪ ڪي لڪائي.

▲

پبرم بينگهه

ڪٺڪن ۾ لابارا ويا پئجي پيارا
هيل بہ ڪونہ آئين تون، او دلوارا.

هٿ ۾ ڏاتو دڳ ۾ ديدون
تڪيان تنهنجا چارا، او دلوارا.

ڪيٽون سٽيون پيا ڪانهي لاهي
ويا سپ ڏور ڏڪارا، او دلوارا.

موٽي ايندين نيٺ تہ ٽيندا
منهنجا ڀاڳ ڀلارا، او دلوارا.

آءُ ملهايون ميڙا منڙا
هٽي نيهن جا نعرا، او دلوارا.

سڪ ۾ سانگي ساهہ وجي ٿو
منهنجي جيءَ جيارا او دلوارا.

▲

پيرم پينگهه

بَڙ جي ڇانو ۾ آءُ او ڀوري
وِيهي اُجهايون جيءَ جي جهوري.

تنُهنجون يادون، دل کي ستائن
ڏاڍي آهي لڇ پڇُ لوري.

تنهنجي لاءِ مان آندا آهن.
جهول ڀري ڏس گُلڙا گوري،

تاڪ منجهند جو ڏينهن تتل آ
آءُ لڪي لڪي چوري چوري.

توکي ڏسن ٿيون اکڙيون نہ جيتر
تيسين "سانگي" چين نہ تو ري.

▲

ببر بينگم

آيو وري آ سانوڻُ، آئين اَجان نہ ساجن تون،
گهَر ساڳا سو وَاهڻُ، آئين اَجان نہ ساجن تون.

مان بہ آن ساڳو دل بہ آ ساڳي، تو ڪئي آ دير باقي،
مُندَ ساڳي گهمڻ ڦرڻُ، آئين اَجان نہ ساجن تون.

نڪري لڳن ۾ پنهنجي ڪنهن ڏن ۾ راتين جون راتيون،
هڪ جيڏن جو مَيَل ملڻُ، آئين اَجان نہ ساجن تون.

هڪُ ڏينهن هيو ڪو تنُهنجي اڱيان جو، روئي ڏنو هو مون،
وسري نٿو سو روئڻُ، آئين اَجان نہ ساجن تون.

ڪنوٽيون ڪِلن ٽيون، ڪٽيون پون ٽيون، ساڳيون هوائون هن،
پاٽي نوَان اَڪِ جو اُٽڻُ، آئين اجان نہ ساجن تون.

”علي“ گُلَ اَصل ڪان تنهنجي وصل ڪان تنهنجو ئي يار آ،
”سانگيءَ“ جو تون ئي سڄڻ، آئين اجان نہ ساجن تون.

▲

هٿ منهنجي ۾ موتين مالا،
ڪنهنجي ڳولا ڪنهنجي ڳولا.

هن محفل جو مور آ سوئي
آندو آهي هار مون جنهن لا.

هٿڙن سان مان پارائيندس
ڪم ٿي ويندا سارا سَولا.

"سانگي" سانول سُرڪي اِيندو
مرڪي ملندو ٿيندا ميلا.

▲

هار گُلن جو پوئي هٿن سان،
دل تي چوي توکي پارايان.

جهڙو تون تهڙا گُلَ آهن،
چهرو ملي ٿو تنهنجو گلن سان.

هڪ هڪ گُلَ ڪري هَارُ بنايم،
چمڙيون ڏيئي لائي لبن سان.

تون ئي سين ۾ سهڻو آهين،
توکي ڏنو مون، آهي اکينِ سان.

خوش پيو ٿيندو سهڻلَ "سانگي"
هر هر لڳندو تنهنجي ٻِلن سان.

▲

ٻٻر ۽ ٻينگهه

ٻُور انبن ۾ خوشبو پيارا
آءُ اڏامي جيءَ جيارا.

ماکي جي مک مال پئي ناهي
ٻوڪي ٻُورَکي ڏي چُوسِڪارا.

طوطا اُڏامي چوٽ تي ويهن
تيون تِيون ٻولن ٻول ٻاجهارا.

ٽاميون ٽوڙي جهرڪين پويان
باز ڦري ٿو ڏئي لامارا.

علي گُلُ ”سانگي“ ٽولاءِ سڪي ٿو
ٽو لاءِ سِڪن ٿا گُل ڦُلَ سارا.

▲

ٻٻر ۾ پينگهه

چانديءَ جهڙا سَنگَ.... ڪنڌيءَ نِسريا ڪانهه

موج لڳي مهراڻ ڪي
ڪُڏندا آيا ڪَنگَ... ڪنڌيءَ نِسريا ڪانهه

ڏڏڪا ڌُهل دَرياهَ ڪي
رنگجي ويئڙا رَنگَ... ڪنڌيءَ نسريا ڪَانهه

چاندوڪي ۾ چَمڪَ چوڌاري
اَڇا سَچا رَنگُ... ڪَنڌيءَ نِسريا ڪَانهه

"سانگي" سَاهَ ڪي آس مِلڻَ جي
دل تي چوڙي تَنگَ... ڪَنڌي نِسريا ڪَانهه.

▲

ڪونهي مُند ۾ ساءُ سانول
هيل تہ مُوتي آءُ سانول.

جيون توبن جِيون ڪُوڙو
سِڪي ويٺو ساهہ سانول.

ڏورايون سڀ ڏوُر ڪرين تون
اِهڙو ڪاتي لاءُ سَانول.

سرنهہ پنن ۾ چمڪا چيريون
آهي وريو ڪو واءُ سانول.

مون وٽ سپنا "سانگي" ساتي
پَل پَل جو سوداءُ سانول.

▲

پيرم پينگهه

پوکَ پکي آ سرءُ سونهاري
ساجن آءُ آئي مند آ پياري.

مٿرن ۾ ڦريون، چٽن ۾ ڦوٽا
ڏڌڙيون ڌنار پيا ڪن چوڌاري.

ٻير کي ڏوٽي جهول ڀريون پيا
ٻَڪَل آهي سنڌڻ ساري.

ڪٽڪ ڪَڪوري شربتڻ نوڙهي
آبو پٽي ٿا ڪٿون ڀري ڪاري.

سرسبز آهي، سنڌڙي "سانگي"
ڏادي پياري، ڀاڳن واري.

▲

واءُ أتر جي لڳندي آهي
هر ڪو چوندو سردي آهي.

آيو سيارو سيءَ جون ڳالهيون
باھ بدن کي وڻندي آهي.

ٻَهراڙين ۾ مَڃرا ٻاريون
خَلِقَ سَموري ويهندي آهي.

ڳالهيون ڳجهارتون بيتَ ۽ وايون
ڪُلُ ڪچهري ٻهڪندي آهي.

راتيون رهان ويچي، سَانگَ تي "سانگي"
منهنجي ٻـ دِلڙي چوندي آهي.

▲

سانوڻ ساڳا ڏينهن، آيا
موٽي مند تي مينهن، آيا.

پرين پَرا ڪُون پَيو پُڪاريان
هيل تہ آءُ تون جيئن، آيا.

عشقَ اندر ۾ آگ اُٿار
شوق جا جاڳيا شينهن آيا.

مينهن وناتيون ٿڌڙيون راتيون
قربَ ڏسو ڪري ڪيئن، آيا.

هٿن ڪَڪَر ٽَڪَر بينا
گجگوڙ ڪري سي تيئن، آيا.

ڏاڍو تايو تپايو ”سانگي“
تنهنجي مونکي نينهن، آيا.

▲

ساجن سائين ساونڻ آيو
سڪ لڳي آ دير نہ لايو
موتي آءُ ماڳن تي منڙا.

برساتيون بہ برھہ ونڊن ٿيو.
ڪاريون راتيون قرب ڪٽن ٿيو.
ڪرڪواچڻ جو، ساجهر سعيو.

ڏِيدَ مُنهنجي آ تُنهنجي دڳ ۾
آءُ اُڏامي، واءُ ڪان اڳ ۾
وينو آهيان واٽ واجهايو.

سڪ ۾ سانگي سجڻَ سڪائين
ڇا ٿيندي جو ڦيرڙو پائين
اڄان پيا تا مونکي ستايو.

▲



ٻيرم ٻينگم

سِڪَ سَڄڻ سُهڻي يار جي

لوڪ ڏني نہ لهي لهي
سِڪَ سَڄڻ سهڻي يار جي.

پوري نہ ٿيندي پياس ٻين مان
تاھ اُھو ڪو نهي نهي.

ڪري رهاٽيون روھ سان،
پَهرُ مونسان ڪو وَهي وَهي.

قُربُ ڪَرڻُ ڪَمُ ڪنهن ڪنهن جو آ
ڪاتيءَ ريءَ پيو ڪُهي ڪُهي.

علي ڳُلَ "سانگي" عَجيبَ بنا
سُور سَوين پيو سَهي سَهي.

▲

ڪلُ سُهڻا ڪلُ، مُون ڏي ڏِسي ڪِلُ،
جَلي تي تہ دُنيا جَلي پئي ٻَلُ.

لڳي سِرُ توسان صنم زَمانو ڪري ٻَلُ سِتمُ،
پيار ڪان پنهنجو پرين پوئتي ڪبو نہ قدم،
مُنهنجو توسان واعدو تُنهنجو مونسان واعدو آ،
بس پرين پيار ۾ پوءِ فائدو ئي تہ فائدو آ،
هٽ ۾ ڏئي هٽڙو مونسان تون تہ هَلُ.

دل ۾ لڪائي چڏيان توکي آ تہ دلبر،
ڏائڻ گهڻا ڏيهہ ۾ هٽي متان ڪو نظر،
سُهڻو تون تہ آهين سُهڻا پکين ۾ جيئن مور آ،
سِتارن ۾ چنڊ جيئن سُونهن تنُهنجي زورُ آ،
گُلڙن ۾ جيئن آ گُلابَ جو گُل.

علي گُلَ ڪان تُنهنجو سَڄڻ قرب نٿو وسري،
هوندس ڪٿي بہ ڪٿي توڪان نہ هوندس پرَي،
"سانگي" چوي سِڪَ تُنهنجي سَاه ۾ سَانديندس،
پيارُ تنُهنجو پيارُ ڪري پيار سان مان پاليندس،
زيادهہ زندگيءَ ڪان آ پيارَ جوُ پَلُ.

▲



پير ۾ پينگهه

هر ڪو چريو آ حسن تي هڪ مان تيس تہ چاهي،
سيڪو ڪري پيو سُونهن تي هِڪُ مان ڪَريسُ تہ چاهي

اِنساني آ اَندر ۾ فطرت ڪي چا ڪيان
جا عشق تو اُتاري حرڪت ڪي چا ڪيان
هِنَ پيار واري پياري لذت ڪي چا ڪيان
محبت ۾ ويا مري ڪيئي هڪ مان مئس تہ چاهي.

سينگار جي سَوين سُهٽا، نڪرن ڪنهن نازَ سان
سچ ٿا ايئن ڪهي چڏين، هڪڙي گُماز سان
بيوس دليون ويچاريون، ڦاسن تيون راز سان
سَيُ سُونهن ڏي سري ويا، هڪ مان سُريُس تہ چاهي.

هِنَ عشق ۾ ڏِنو سِرُ منصور ڪيئن ڪِلي
مومل ۽ مينڌرو بہ جيئري ويا جَلي
سسئي پنهون ۽ جي خاطر رڻَ ۾ وڃي رُلي
عشقَ چوٽَ تي چڙهي ويا هِڪُ مان چڙهيس تہ چاهي.

ٻير ۾ ٻينگهم

پوڙهو چا جوان پاڳل ٿيو آهي پيار ۾
جلوو ڏيکاريو جن ڪي دلبر ديدار ۾
علي گُلَ "سانگي" ويو عشق جي، پئي آزار ۾
اَڙجي جَهان ويو آ هڪ مان اڙيس تہ چاهي.

كاش مان سهٽا چنڊ تي اُيران
تنُهنجي اڱڻ تان روز پيو گذران.

مُورُ نہ ٿَڪجان توڏي اَچڻَ ۾
چاهَہ منجهان ٿيو چَرهو نِڪران.

ويهندي نہ ڪر ٿون ٻهر پڌرتي
ڪائي نہ ويحني منُهنجون نذران.

چوڏهينءَ واري چاندوڪي جيئن
ساعت نہ "سانگي" توڪان وسران.

▲

ڪاش هُجان ها ڏاريل طوطو،
تنهنجي هَٿَ جو پاليل طوطو.

ميوو مِٺو ڪاءُ چونديونءَ مونکي
هوندس مان بہ ٻُڪايل طوطو.

پچنديئي سَرتيون سوچي چونديونءَ
آهي بنگال ڪان آيل طوطو.

تنهنجي پڃري جو مان پياسو
مُلڪ سَڄي جو تايل طوطو.

پڃري ۾ مان منڙيون ٻوليون
ٻوليان وڻنو سائل طوطو.

سوچيان وڻنو "سانگي" هجان ها
ساهہَ تُنهنجي جو سانديل طوطو.

▲

ٻير ۽ ٻينگهه

هل هتان يار هلون، سمنڊ جي پار هلون،
جت نہ آدم ئي، نہ آدم جي، ڪائي ذات هجي
هَلُ پرين اُتڙي ويهي پوءِ ٿا مُلاقات ڪيون.

هل ترئون ترهو ٻڌي سمنڊ سمورو دلبر
پل هجن واڳون وڏا، ڪي مڇيون مانگر
لڙهندا لڏڙن سان وتون ڳڏ گهمن پيا سيسر
رات جوٴ لاتيون لکين پل رڙن پيا ڏيڏر
سمنڊ جي لهرن مٿان، ٿا رهي رات ڪيون.

هل تہ جهنگ جهرڻ ڇڏيون عشق جا سپ ڪولي در
پؤ بگهڙ کان نہ ٿئي توڙي اَچن نانگ ڪپر
پوءِ بہ ماڻهن کان ڀَلا آهن آسانکي جانور
هل تہ پنهنجي بہ اُنهن جهڙي ٿا، ڪا ذات ڪيون.

اَڳ علي گُلَ هو ٿيندو پؤ تہ بلائن کان ئي
ٿا ڊڄون هاڻي رڳو يار تہ ماڻهن کان ئي
پيا گهرون دعائون تہ شل منهن نہ پوي ڪو ماڻهو
ٿي برو ماڻهو ويو آهي بلائن کان ئي
ٿو چوي "سانگي" وڃون ڪاڏي، ڪهڙي بات ڪيون.

▲

برمبينگهم

ويھي ٻُوڙو ٻَڌي، آچارُ ڪندين
پڪ آھي پرين، مونسان پيار ڪندين.

پرين پيار جا ھن دشمن ٻہ گھڻا
تنھنجو آھيان تڏھن نٿو ٻين کي وڻان
نڪي ٻين جي چوڻ تي ڌار ڪندين.

ڏسي اکڙين سان ٻہ آ غور ڪبو
آڻ ڏني ڳالھہ تي، ناھي شور ڪبو
ڪجھہ سوچي ذرا ويچار ڪندين.

تون تہ پٿر دل، توڙي آھين مٺا
اِنصاف ڪان ڏاڍو تہ ناھين مٺا
اِنڪار ڇڏي اِقرارُ ڪندين.

علي ڳُل کي مٺا، تون معاف ڪندين
سچو "سانگيءَ" کي، تون صاف ڪندين
ويھي مونسان گھڙي گفتار ڪندين.

▲

ٻيرو ٻينگهه

آءٌ ويھ پرين اَج پيار ڪريون
سُڪَ سوري و جھون ڏُڪ ڏَارَ ڪريون.

آسمان اَچو ڪري ڪڪر اَچي
جتي محبت جو تو ميلو مَچي
سِج تيخُ هجي بہ ملهار ڪريون.

هي رقيبن روح رنجايو آ،
هن منزل تي جو پُڄايو آ،
چو نہ ويهي پلا ويچار ڪريون.

ڪري علي گلَ عشقُ نئو نرمي
"سانگي" سڪ نہ ڏِسي سَردي گرمي
نئون نينهن وري تا يار ڪريون

▲

سڪ تنهنجي سڄڻ گهٽجي ئي نٿي،
روئي رات ڪٽيان ڪٽجي ئي نٿي.

اکيون ٻوٽي سمهان آرام اَچي
ويتر ئي اَچي ماتام مَچي
وڏو آهي مونکي هِنَ عشق ڏَچي
جانِ سُورن مان ڇٽجي ئي نٿي.

نوڙي نينهن واري نازڪ ٿا چون
اِهو چوندا هِن ڇيو آ سياڻن
پر مان ٿو چوان ٿا زنجير پون
تندُ پيار واري ٽٽجي نٿي.

علي گُلَ سان اَچي تنهنجو نيهن لڳو
منُهنجو سَانگي سمُورو چين ڇڳو
وَسُ مون بہ ڪيو مون کان جو آ پڳو
توکان بازي اها کٽجي ئي نٿي.

▲

رکيو تم نيهن جو ناتو، نيائيندين آلائي نہ،
توسان مون پيچُ آ پاتو، نيائيندين الآئي نہ.

مقدر جي آهي بازي توسان قسمت لڙائي مون
توسان لئون مون آهي لاتو، نيائيندين آلائي نہ.

مکڻ ماکي منو مصري، پرين تون پيار ۾ آهين
کوليم دل ۾ تُنهنجو کاتو، نيائيندين آلائي نہ.

هٽي جهاتو مُنهنجي جَهتَ ۾، گُمازي دل کٽي وئين تون
لڇان وينو ڏينهان راتو، نيائيندين الائي نہ.

علي گُلُ "سانگي" هي سُهٽا، سِکي تو تنُهنجي صحبت لاءِ
ڏسڻ لاءِ روز آ آتو، نيائيندين الائي نہ.

▲

کو تو سنيالي سُڏکي سُڏکي
کنهن وٽ تئي تي هِڏکي هِڏکي.

روئڻ ڳوڙها ڳاڙڻ کان پوءِ
لڳندي آ دل هَلکي هَلکي.

خواب کي اِهڙا خيال ڏسي پيو
ويهندو آهيان ڇِرکي ڇِرکي.

ڪيڏي آس آ هوندي "سانگي"
ملندو آ کو مرکي مرکي.

▲

چو تو رسين تُون سُهٹا چاهي رکيو رُسڻ ۾
محبوب کر کو ميلو آهي مزو ملڻ ۾.

ڏئي ڦيرو دل ڦاسائي، مُنهڙو وينين مَٺائي
ٻَلا ٻَرَه جي تي ڪائي، گُوندر گهڙي ويهڻ ۾.

عِشقُ اڙائي اَوکي، دلڙي تي ڏُوري ڏوکي،
مليو چا يلا آ توکي، ايڏو ٻَري رکڻ ۾.

سِڪَ مان سَچي ڪا صافي، قُربئون پيار ڪافي،
آهي لُطف، لطيفي ٻَري جام ڀُر ڀيئڻ ۾.

علي گُلَ ڏي آتون ڪاهي، سانگيءَ ڏي سانگُ ساهي،
بيحد ڪو مانُ آهي، مِهمان جي اَچڻ ۾.

▲

پيرم پبينگهه

منهنجي دل جو تو تي دلبر، ايڏو اعتبار ڇو آ،
مونکي خُود جانِ ڪانهي، منُهنجو توسان پيار ڇو آ.

اِئين ٿي تو ماري ٿُنهنجو، حُسنُ جواني،
سُهڻو تون تہ آهين سُهڻا، ڪيو سِينگار ڇو آ.

هڪوار سان ٿي ويسُ، مِنا مان تہ مَارجي،
ڪري تڪليف بيهر، ڪيو مونتي وار ڇو آ.

ڏسان تو جيترو جي توڪي، ڏينهن ۾ بہ چار ڀيرا،
مونکي ڪو آرام ڪونهي، ايڏو انتظار ڇو آ.

علي گلُ مان عاشق تُنهنجو، مِنا معشوق تون آن،
گنهگار آهي ”سانگي“ ايڏو قربُ يار ڇو آ.

▲

لهي سِجُ سَجڻَ تـو، تُنهنجي تاتِ تئي تـي،
تئي من تـو ماندو، جڏهن راتِ تئي تـي.

اوجاڳا اکين ۾، اکڙيون هي آليون،
عشقِ ۾ اسان وٽ، عبادت تئي تـي.

خيالن ۽ ,خوابن ۾ تون اچين تـو،
اها بہ اوهانجي، عنايت تئي تـي.

سنجهي کان ئي آهن، رڳو سُور سائين
پيو پاھ تيان تـو پرڀاتِ تئي تـي.

بري کان برو آ وڇوڙو علي گلَ،
ساري راتِ "سانگي" سَڪراتِ تئي تـي.

▲

منهنجي جيءَ ۾ جهوري... جانيئڙا
نيڻين ننڊ نہ توري... جانيئڙا.

روح اندر ۾ راتيان ڏينهان
لڳل لوچ آ لوري... جانيئڙا.

تو لاءِ سڄڻ منهنجو ساهہ سکي ٿو
تو ڪئي دلڙي چوري... جانيئڙا.

سئو سئو ڀيرا سهٽل توتان
پنهنجي جان مون گهوري... جانيئڙا.

عطر عنبير علي گُلَ "سانگي"
تو ۾ خوب ڪٿوري... جانيئڙا.

▲

تون ٽو ڳُذارين لِڪندي لِڪندي،
مان ٽو ڳُذاريا سِڪندي سِڪندي.

آءُ ڪيون ڪو ميلو منٽرا،
ڏينهن گهٽا ٽيا ڏکندي ڏُکندي.

مُنهنجي ڳُولِهڻَ تي نـ ليين ٽو؛
موٽـان خالي پُڇندي پڇندي،

”سانگي“ سائين سالَ لنگهي ويا،
واٽون تو لاءِ ڏِسندي ڏِسندي.

▲

پيرم پينگهه

گُذري نِتي حياتي، توکان پَري پَري،
توکان سواءِ نتي ڪا، ساعت سَري سَري.

سوداءَ عشقَ جي ۾، ڪوئي سُرورُ ڪونهي،
ڳوڙها پيو وهايان، اکڙيون ڀَري ڀَري.

ساعت ڪي سال سوچيان، مونکان زور آ وڇوڙو،
ايڏي جبل جدائي، هينئون ٿو ڏري ڏري.

ڪيو پيار مون جي توسان، ڪهڙي خطا ڪئي آ،
مونکي يار ٿو رُلائين، ڇا ٿو وَري وَري.

تنهنجي مٿن ۽ مائٽن، گهڻ ڪاڻ ڪئي رقيبن،
تڪرار ئي ڪيو آ، مونسان ڏَري ڏَري.

علي گلَ سان يار واعدا، تنُهنجا وڏا ڪيل ها،
"سانگي" چوي وئين ڪيڏيون، ڳالهيون ڪَري ڪَري.

پير ۾ پينگھ

سَاهُ ٿو توکي سَڏي،
تانگهہ ٿي تو ڏي تڏي.

تنهنجو آهيان تنهنجو چوان ٿو،
واکي يار وڏي.

ايندين نہ ايندين منٽا مون وٽ،
ايندس آنءُ لڏي.

ساجنُ جَنِ سان سانُ جي هوندو،
کيرُ پلا نہ کُڏي.

"سانگي" سائين جهڙو تهڙو،
ڇڏجانءِ تون نہ ڇڏي.

▲

آهي اَجان اَڌ رات، جڏهن ڦٽي پريات
پوءِ ويڻ جي يار ڪجاڻ تون.

ڪڪڙ ڪبوتر ڪٽچيون ڪبريون
اَجان نہ لنون ڪا لات... جڏهن ڦٽي پريات.

رات جا ڏيڏر راڙيون پيا ڪن
چؤ طرف تڏن جي تات... جڏهن ڦٽي پريات.

جڳُ تہ سجڻ ڏس سارو سُتل آ
اَجان تہ لڳل آ سانت... جڏهن ڦٽي پريات.

علي گُلُ اوري سُورَ سَمورا
برهَہ سندي هيءَ بات... جڏهن ڦٽي پريات.

▲

گھڙي ويھہ سڄڻ ڪريون قُرب ڪنا،
مُنهنجي منٿ ميحو محبوب مڃا.

توکي هينئر وڃڻ نہ ڏنو يار نهي،
تيسين ترس پرين جيسين سِڪ نہ لهي،
ڏس اڪڙين مان ڏنو آبُ وهي،
جڻ ساونڻ جا ڪي مينهن وَٺا.

تُنهنجي سُورن ۾ سَڙي روز سڙان،
تُنهنجي هجر فراق ۾ رويو رڙان،
وينو باب برھہ جا پيو ڏنو پڙهان،
ڏکيا ڏاڍا سڄڻ مون ڏينهن ڏٺا.

آهين علي گل جو تہ تُون نئي سَڄڻُ،
ويهي "سانگي" جي ڪا سانول سُڻ،
ڪجھہ بار برھہ جا تُون بہ تہ ڪڻ،
سوين سُور سڄڻ مون تو لئہ سٺا.

▲

ٻٻر ۾ پينگهه

منتظر بيٺو آهيان يکي

منتظر بيٺو آهيان يکي
پايو جهاتي کا لالڻ لکي.

نہ اچڻو نہ وڃڻو هتي
فران رستا مَتي پيو کَتي
ايندا ويندا ڏسن تيان شَکي.

تنهنجيون مجبوريون مان ٿو ڏسان
مان بہ بيوس آهيان ڇا کيان
عشق تنهنجو لڳو آ حقي.

کندو کوشش آهيان کجهہ چوان
اچين سامهون کڇي نہ سگهان
وڃان دهشت تنهنجيءَ ۾ ڏکي.

علي گُلَ انتظار ۾ مان
ڏک ٿو ٿئي مري نہ وڃان
کري وينين ڇو دلڙي پکي.

▲

پيرو بينگھ

اڄ سهڻا، سچ سهڻا، توکي ساه ٿو سڏي.

تنهنجي رڳو ڪمي آ- سڀ ڪي خدا ڏنو
هر ڪنهن سان ساڻ ساٿي- مونکي آ تو ڇنو
مون ڪان نٿو تون وسرين- ڪيئن دل وينئين پلي
ويو آن پلا ڇو اهڙو- جيئن ڪو ويڃي لڏي.

آهين ڪيترو تون پيارو- ڪنهن کي ڪهڙي خبر
تنهنجي جاءِ آهي جاني- منهنجي ئي جيءَ اندر
آءُ تون توکي تڪايان- مهمان مان ڪري
ماڙيون محل مون دل ۾- تو لاءِ ڇڏيون اڏي.

اِنتظار جون گهڙيون هن- ڏاڍيون ڏکيون وڏيون
ڪٽجن نٽيون او پيارا- ايڏيون وٿيون وڏيون
”سانگي“ چوي سڄڻ ڪر- جيئن دل منهنجي گهري
سڏڙو سٽي آ سهڻا- منهنجي سگهو تڏي.

ببرم بينگهه

گھڙيون ڏکن جون ڪٽجي وينديون،
سوچون ساريون گھٽجي وينديون.

نيٺ تہ ٿيندا ماڳ موچارا
لوڪ کان بازيون کٽجي وينديون.

ساجن ڏسنديون سرتيون مون سان
ساڙوليون سڀ وٽجي وينديون.

پيار جا دشمن پيار جا ويري
پاڙون تنهين جون پٽجي وينديون.

سچا بينا هٿندا نعرا
ڪوڙيون سوڙيون سٽجي وينديون.

"سانگي" سڪڙا موتي اِيندا
مندون ميريون مِٽجي وينديون.

▲

سڏڙو ڪري او سهڻا سُرڪي پيار ساقي،
منهنجو هي دم بچو آ لبڙن ۾ يار باقي.

اکڙيون عجيب تنهنجون، آبِ حيات پايان،
اهڙو پيار جيئڻ مان، ڏينهن کي راتِ پايان،
ڏيءُ ڪو ڪراءِ مونکي، آهيان گهڻو پياڪي.

تنهنجي هٿن ۾ آهي، منهنجي نئي زندگاني،
ٻيهر مٺا ڏي مونکي، بخشي وري جواني،
سڪ ۾ پريو آ سينو، اَج تيءُ نہ يار پاقي.

ويجهو وجود ڪان ڪر، ڪوپل نہ تيءُ پري تون،
علي گل سانگي سان سهڻا، وٺ قرب ڪو ڪري تون،
مهمان ڪر تون مونکي، تيءَ پاڻ اَج اُوطاقي.

▲

ماڻھو نٿا وٺن مرنکي ھي گھر نٿا وٺن مونکي،
،محبوب جي ٿي در سوا ٻيا در نٿا وٺن مونکي.

ھن عشق کان سوا ٻيو، سمجھان مان ڪوڙتو،
ڪيو پيار جن نہ آھي، ڪافر نٿا وٺن مونکي.

اُڄ عشق جي لڳل آ، پاڻي بہ پاڻ ڏين شل،
شربت بہ ٻيا پيارن، سي زھر نٿا وٺن مونکي.

منزل ھجي علي گل سانگي ڏگھي ڏگھي،
پنڌ بہ پرينءَ ڏي وڃبو، ٻيا سفر نٿا وٺن مونکي.

▲

بيرم بينگهم

وار چوڙي چڏڻ، وُيس كارا كَرڻُ
چو الائي كري، ايئن منهنجو سَجڻُ.

هو هوا تي هلي وار كندڙي ويا
چو سينگار سهڻي كان وسري ويا
واءُ ڏادي گهلي پيو لڳي تو ڏكڻُ.

سمجهان تو سجڻ كي لڳو عِشقُ آ
لَبڙن تانِ سُكي وئي تڏهن مُركَ آ
ڏِسُ كَكَوريون اكيون جيءُ جهوري وِجهڻُ.

اَج علي گُلَ چوان بس چئي تو ڏيان
دل دهلجي وڃي دهشت ۾ اَچان
بس پري كان ڦٻي تورڙو تو ڏسڻ.

▲

مون سجاتو آ سڄڻ تون، منهن لڪايون ٿو وڃين،
پردو ڏيئي پاڻ کي، ڇو ڇپايو ٿو وڃين.

مُنهنڙو ڇو موڙئي منا، ڪهڙي پئي مون کان خطا،
دانهن ڪنهنکي مان ڏيان، دل دکايون ٿو وڃين.

بي وسن ۽ بي ڪسن سان يلائي آ ڪبي،
جيءَ جيارڻ وارا جاني جيءَ جلايون ٿو وڃين.

ڪنهن گهڙيءَ ويهي نوسان، قول ڪيا ها قرب جا،
ياد ڪر واعدا وفا جا، سڀ ڀُلايون ٿو وڃين.

جي اَٿئي ڪا مهڙ مون ڏي، سا ٻـ ڪر ظاهر ڪٿي،
ڏيان ڀري مان ڏنڊ توکي، ڇو ڦٿايون ٿو وڃين.

ڀهريان پيارا پيار ڏئي، پوءِ ڌڪارڻ ڪيئن سڪئين،
هيئنئن اَڪيلو تون ڪري رَڻَ ۾ رُلايون ٿو وڃين.

علي گُلَ "سانگي" عشق ۾، تو ديوان آ ڪيو،
باھ بيحد برھ جي مچ ڪو مچايون ٿو وڃين.

▲

ايندو مان يار آهيان، دل جي ڪنهن سور ڪان،
ڏسڻ لاءِ توکي سهڻا، ڏاڍو ڪنهن ڏور ڪان.

سڀ سور سيني ۾، مون هن لڪايا،
توئي پڇيو آ نہ، مون ئي ٻڌايا،
پڇندين تہ البو نہ، پنهنجي حضور ڪان.

ڪيان ڇا هاڻي دل کي، وينس ڦاسائي،
تڏهن دل تي تنهنجون، گهٽيون پئي گهمائي،
ڦرندو وتان ٿو پرين، تنهنجي ئي پور ڪان.

دل توکي چاهيون نہ ڪئي مون خطا آ،
خير حسن جو ڏي، دل جي سدا آ،
ٿورڙو نواز ڪٿي، پنهنجي تون نور ڪان.

علي گُلَ کي عشق آ تنهنجي تپايو،
"سانگي" سان سُهڻا، ڪلي بس ڳالهايو،
قاصر نہ ڪر مونکي، پنهنجي سُرورَ ڪان.

▲

پيرمرپبلشنگهم

وڏي دل جي وئي آ بيچيني،
محبوب ڪٿي ڪو ليئڙو پاءِ.

هي تو هڪلون ڪري، تنهنجو نينُهن چوان،
يا ڪو شوق تنهنجي جو شينهن چوان،
نٿو مانُ ڪري جهٽ ڪا جاني.

اِنتظار جو پَلُ آهي ڏاڍو ڏکيو،
برهه يازن ڪان بہ آهي بُکيو،
آَچي عشق ۾ ڪرڪا آساني.

مون ۾ عيب گهڻا ڏسي چا ڏسندين،
ڪهڙن ڏوهن جو تون حساب ڪندين،
ڪر مون تي مٺا ڪا مهرباني.

هٿي هامَ علي گُلَ آيس مان،
ديدار بنان نڪي ويندس مان،
تنهنجي درتي "سانگي" آهي سيني.

▲

تڪجي پيا نيڻ آهن، واٽون ڏسي ڏسي،
شَايد توُن يار وينو، آهين رُسي رُسي.

آئين اَچان نہ جاني، وئي رات هيءَ بہ گُذري،
برسات بہ ڪئي بس، هاڻي وَسي وَسي.

تنهنجي روز ئي رُسڻ بس، ڪمزور ئي ڪيو آ،
هاري وجهن تيون لڙڪ هي، پنبڻيون پُسي پُسي.

ڪنيو آءُ يار خنجرُ، ڪري ڇڏ تون وارُ مون تي،
ڇُٽي جِند ئي پوي شل، وڃان مان ڪُسي ڪُسي.

علي گُلَ آهن عاشورا، هِن عِشَق ۾ سَمورا،
تُنجي وئي آ "سانگي،" دل جي خوشي خوشي.

روئندي روئندي رات گذاريم، يار نہ آئين تون،
ويٺي ويٺي واٽ نهاريم، يار نہ آئين تون.

آگ اندر جي ڪيئن مان اُجهايان
عِشقَ لڳلُ آ، ڇا ۾ ڇپايان
دلڙي چريءَ کي ڪيئن سمجهايان
ساهہ تڏا ڪٽي، توکي ساريم، يار نہ آئين تون.

آس هئي ڏاڍي ايندين اڱڻ تي،
قياس ڪري ڪو منهنجي روئڻ تي،
دردوندي هن دل جي چوڻ تي،
سيجون وڇايم، اڱڻ ٻهاريم، يار نہ آئين تون.

عني گُلَ "سانگي" ڏک نہ لڪايا
راڳ جي روپ ۾ سڀ کي سڻايا
هر ڪنهن جا ويجي سُوَر جاڳايا
مان هڪ ڇا پر، رَاڄَ روئاريم، يار نہ آئين تون.

▲



ـ ببرم بينگهہ

لِکي لِکي تَڪجي پياسين
ڏِسي ڏِسي تَڪجي پياسين
آئين، تون، آئين، ڪونہ، پيارا.

در پيو ڪڙڪي دل پئي ڌڙڪي
اُٿــي اُٿي تڪجي پياسين.

ڪانگ ۽ قاصد ايندا ويندا
پُڇي پُڇي تڪجي پياسين.

رات وهــامي سوز ۾ ساري
لُڇي لُڇي تڪجيْ پياسين.

اسان تہ علي گُلَ "سانگي" سائين
رُسي رُسي تڪجي پياسين.

▲

ٻير ۾ ٻينگهه

اَڄ ٻہ نہ آيا ڪڏهن تہ ايندا،
مُنهنجي سرَ ڄا سائين وو يار.

رات رهــنِ هــا يــا نہ رهــن ها،
پَرَ تہ اڇن ها هڪ ويلو ڪو،
تـڪڻا ناهن ويڇا ويندا.

اُميد هجي ها ڪانہ اُنهن ۾،
پوءِ ٻہ جيان ها ڪيئن جڳ ۾،
نيٺ تہ مُنهنجا، مُنهنجا ٿيندا.

علي گُلَ "سانگي" عشق ڏنو آ،
سُورَ سوا ٻيو ڇا تہ اَسانکي،
ڇا ٻيو آسانکي ڇا ٻيو ڏيندا.

▲

پري کان ڏسڻ ۾ لڪڻ ڇڏي، اٿئي پيار ڪرڻو تہ نروار ڪر،
محبت ۾ ڇا جو ڊڄڻ آ مٺا، اَچي لوڪ آڏو تون اِقرار ڪر.

ڪيو ڪيڏو سهڻا تو سينگارُ آ، سمجهان ٿو تو وٽ پرين پيارُ آ،
لڳو عشق توکي بہ پڪ يار آ،
اندر ۾ جهڄڻ ۾ جهرڻ ڏي ڇڏي،اٿئي جيڪا دل ۾ سا اظهار ڪر،

بلا برهہ سمجهي ڪرين ٿو هٽرُ، پرين پيار وارن کان ڇا جو سٽُر،
ديدارن جون دريون کوليون يار دَرُ،
گنهگار ٿولي ۾ نالو لکاءِ، اسانکي رڳو نہ گنهگارُ ڪر.

مٺا مان گهران ٿو ملاقات ٿئي، گهڙي يا ڪا ٿوري مگر بات ٿئي،
علي گُلَ جي ٻاڳن ۾ هڪ رات ٿئي،
جهلي مان نہ "سانگي" سگهان چاهہ ڪي، خدا جو قسم ٿئي نہ اِنڪار ڪر.

▲

پيرم پيغام

رات اونداهي، تِمڪن تارا
تون بہ هلي آ، ساجن پيارا.

تارن جي ڪا رهاڻ لڳل آ
چنڊ الائي ڪاٿي لڪل آ
تيڙو ڪتيءَ جا ڏاڍا وارا.

تانگھ اندر ۾ تات آ تنهنجي
ڏينهن پرائو رات آ پنهنجي
واجهايان پيو تنهنجا چارا.

اوڪا سوڪا لانگھا لانگھي
ڏورايون سپ آءٌ اورانگھي
سوروچن سپ "سانگي" سارا.

▲

ٻير ۾ ٻيسنگھ

اڄ اڱڻ منهنجي تي منڙا
ڏني توکي ڏينهن ٽيئڙا.

تنهنجو قرب نہ تو مونکان وسري
دم ڏار نہ ٿو تو کان گذري
وهي ڳوڙها ڳلن پيئڙا.

آءُ پرچي پرين پرڏيهي
ڪاڻون مڪڻ ماڪيون گڏ ويهي
پري ڪير جا پيون وٽڙا.

ويندا سور هليا سڀ سارا
پري ڳاٽ تون ملنديون پيارا
اِهي اکڙيون گهرن ڏينهڙا.

توسان علي گُلَ "سانگي" سچو آ
توسان پيار پرين تہ پڪو آ
منهنجا سهٽا سانولڙا.

▲

ببر م بينگهه

اَچ پيارا ھي اکڙيون آتيون
روزُ ڏِسڻ لاءِ پائن جھاتيون،

ايندين اگڻ تي ياڳ آءٌ يايان
کير ورھايان رھندين راتيون.

ھجن وسارڻ جھڙيون وساريان
بلبل واريون باغ ۾ باتيون.

"سانگي" منھنجو ساھ سِڪي ٿو
ڪَويل وانگي دل ڪري لاتيون.

▲

بير ۾ بينگهه

مِلِي وَجُ يَارَ تُون مونسَان، اَچانڪ موت اِيندو آ،
حَياتيءَ تي نَاهي باورُ، وڇوڙو تِي تَـ ويندو آ.

زَماني کي پَلاَ ڇَاهي- زمانو ئي تـ ظالم آ،
حَقِقتَ حَالَ مُنهنجي جِي مِنا تَوکي تـ مَعلومُ آ،
دُشمن، دوست مَان پيدا اَڪثر يار ٿيندو آ.

پُلائي تُون پَلاَوئين ڇَا ڪري ڪيڏِيون مُونسان بَاتيون،
مُون کي بَس يَادِ ئي آهن گُذاريون تو مُونسان راتيون،
وِسَارِيندو تـَ مَان نَاهِيان جيڪَو پَرَ قُربُ ڏِيندَو آ.

وِڇَوڙي جِي هَواَ "سَانگي" خُدا ڪَنُهن لَئِ گُهلاَئي نَـ،
نَصِيبَن ۾ ٿِيندَو ميلو، لِڪيلُ آهي اَلاَئي نَـ،
اَلاَئي ڇو علي گُلَ هِي وَهَمَ دِلِ کَي تَـ هُوندَو آ.

▲

ٻير ۾ ٻينگهم

ايندين اگڻ منهنجي تي، ايندي راضي جو ٿيندين
الا.... الا.... نيٺ تہ ايندا ڏينهن پيار جا.

مشق عنبير آڻائي ڇڏيان، خوشبوءِ خوب کندائي ڇڏيان
کوندبيون گُل گهرائي ڇڏيان، لغڙيون لال لڳائي ڇڏيان
ويندا ڏکڙا هلي سڀ سارا، قرب جو ڏيندين... الا... الا

ماٺهو مبارڪون مونکي ڏين، منهنجي اگڻ تي توکي ڏسن
درشن دل وارا پيا ڪن، هر هر محبت ساڻ ملن
هيٺن سان تون حبيب ايندين، حال وندبيندين... الا... الا

علي گُلَ رنگُ رچي ويندا، منهنجا ڀاڳ اچي ويندا
مونسان پرين پرچي ويندا، سانگي سڄڻ سرچي ويندا
مونکي پڪ آ پرين ڪا تو ۾، منهن نہ مٽيندين... الا... الا

ايندين اگڻ منهنجي تي، ايندي راضي جو ٿيندين
الا.... الا.... نيٺ تہ ايندا ڏينهن پيار جا.

آيو آهيان ميجي تُنهنجي آزي منا،
پرين پئو پَرچي، تي راضي منا.

آيو آهيان لنگهي مان تہ تُنهنجي تڏي،
ڪري رڃ ڦِنا سَڀُ چوهہ ڇَڏي،
لايو سيني سَڄڻ اَڄ مُونکي سَڏي،
وئين ساري ڪٽي مونکان بازي منا.

تُنهنجي وئي آ سري مُنهنجي ڪانہ سري،
ويندوسانءِ منا مان تہ مفت مري،
نہ تي سمجهہ رکي دل آهي چري،
ڪيو قبول مُنهنجي هيءَ نيازي منا.

توسان حجت سڄڻ نہ تي ڪا هَلجي،
پَلي پاڻ وجان نہ تي دل پَلجي،
روح بئي ڪنهن سان بہ نہ تہ رلجي،
نہ تيو وسري مون ڪان ماضي منا.

اَج علي گُلَ سان تہ حسابَ ڇڏيو،
لاهي سانگيءَ ڪان تہ حجاب ڇڏيو،
اِهي پردا پرين ۽ نَقابَ ڇڏيو،
اِنصاف تہ ڪر تيءُ قاضي منا.

▲

پيرم بينگم

پيار ڪري پيار، ڪجي پيار ڀَلو آ،
شام جي پهر ۾ ديدار ڀَنو آ.

سورَ ڏي تو سُهڻو، سُهڻن جو ڪم آ،
سَهڻ سُور سَختيون، عاشقن جو ڪم آ،
عِشقَ ڪيو عِشقَ جو آزار ڀلَو آ.

مَري ويندو نيٺ ماڻهو پيار ۾ مَري،
عشق سنَدي سچي اِقرار ۾ مَري،
سَرتن سنَدو سَاٿُ ۽ سينگارُ ڀلَو آ.

مَزو مَحبت جو چکيو، جَنهن ٻـ هُوندو،
اُهو اِئين مون وَانگي، ضَرور چوَندو،
هڻو نعرو نينهن جو نِروار ڀلَو آ.

مِهراڻ ڪئي آ موج سکر واريءَ پُلِ تي،
آيا اِجهو جاڻ سُهڻا ماڻهو دلِ تي،
"سانگي" سِرُ ڏَار تئي ڏَار ڀلو آ.

▲

ببر ۾ بيناهه

افسوس دل لڳي وئي

افسوس دل لڳي وئي، ڪنهن بي نيازَ سان،
بيوس نٿو پُڇي سگهان، بازن جي بازَ سان.

نادان دل هي منهنجي، هڪ دم ۾ وئي هلي،
ويو هو نهوڙي دل صفا، گهائي غمازَ سان.

هن ڪان مٿي مان پنهنجي، ڪا پياري نہ چيز ڪئي،
سڀ ڪجهہ لٽي ڪٽي ويو، هڪڙي ئي نازَ سان.

تہ ڪر لڳي وئي عشق جي، ويو دين دل منجهان،
رهيو واسطو نہ ڪوئي، روزي نمازَ سان.

علي گُلَ "سانگي" آسان وٽ، آهي بچيو ڇا باقي،
ڪيان پيار ڇو نہ ويهي، هِنَ راڳَ سازَ سان.

▲

ناحق نينهن لڳايو آهي،
ڏاڍو دل کي ڏکايو آهي.

توبن ڪُوڙو جيون منهنجو
جيئري جيءَ جلايو آهي.

شايد مونکان پئجي خطا وئي
پيچ پريت جو پايو آهي.

روح ريجهائڻ چاهيو مون تي
ويتر روح رنجايو آهي.

سڪمِ "سانگي" ساهه وڃي تو
ڪهڙو ظلم ڪمايو آهي.

▲

جيستائين زندگي آ تنهنجو سڏائيندس،
تون نيائين يا نـ مون سان، مان نيائيندس.

روئي روئي رات جو ننڊ ڦٽي ۽ جاڳ ٿئي،
پوءِ کڻي هٿ ۾ قلم ويهي لکيا مون راڳ ٿئي،
راڳَ راحت روح کي ڏين، پيو مان ڳائيندس.

تون ڀلي ڪر ناز، سهڻا ناز تنهنجو شانُ آ،
منهنجي مقدر ۾ مليو غم عشق ۽ ارمانُ آ،
حالُ پنهنجو هي ڏسي پيو، ڳوڙها ڳاڙيندس.

تو جهڙي محبوب کان مان ڪيئن اميدون لاهيان،
ها برابر آهيان ڏوهي نااميد مان ناهيان،
من مهربان ٿي پوين تون، پيو ستائيندس.

مان علي گُلَ دل جو دلبر، دلربا توکي ڪيو،
ڏينهن اُنَ کان يار توسان ضد سمورو مون ڇڏيو،
پـل نـ ڳالهاءِ تون تـ مون سان، مان ڳالهائيندس.

▲

بيرو بينگه

ويئڙا ڪپي اکين جا ڳوڙها ڳڙي ڳڙي،
ويندس مري نـ ايندين شايد رڙي رڙي.

هئي آس دل ۾ ڏادي ويترئي دل ڦٽي وئين
لاهي اميد وينس مُنهڙو جو تون مٽي وئين
واتـون گهٽيون ڏنـيون مون تو لاءِ گهڙي گهڙي.

چاليهو ڏينهن جهولا، وڻ ٽـڻ ٽا جيئن سڙن
هِنَ آڳ عشق جي ۾، عاشق بـ ايئن سڙن
پارا پون سڙن پن، ويس مان سڙي سڙي.

هيءَ موت جي نـ مٽ آ چاهي پلا جدائي
ماري ٽي يا تـ ڪاري بلڪل اِها جدائي
منزل پڄي نٽـو سگهان جت دل جڙي جڙي.

پٽـر جا هن سي ماٺهو، جدا دوست ڪان رَهن ٽا
سهي مان سگهان نـ "سانگي"، ڪيئن سور پيا سهن ٽا
علي گُلَ پتو نـ پيو ڪو، ڪيئن دل اڙي اڙي.

▲

پبر ۽ بينگھ

ويئڙا ڪپي اکين جا ڳوڙها ڳڙي ڳڙي،
ويندس مري نہ ايندين شايد رڙي رڙي.

هئي آس دل ۾ ڏاڍي ويترئي دل ڦٽي وئين
لاهي اميد وينس مُنهڙو جو تون مٽي وئين
واٽون گهٽيون ڏٺيون مون تو لاءِ گهڙي گهڙي.

چاليهو ڏينهن جهولا، وڻ ٽڻ ٽا جيئن سڙن
هِنَ آڳ عشق جي ۾، عاشق بہ ايئن سڙن
پارا پون سڙن پن، ويس مان سڙي سڙي.

هيءَ موت جي نہ مٽ آ ڇاهي پلا جدائي
ماري ٿي يا تہ ڪاري بلڪل اِها جدائي
منزل پڃي نٿو سگهان جت دل جڙي جڙي.

پٽر جا هن سي ماٺهو، جدا دوست ڪان رَهن ٿا
سهي مان سگهان نہ "سانگي"، ڪيئن سور پيا سهن ٿا
علي گُلَ پتو نہ پيو ڪو، ڪيئن دل اڙي اڙي.

▲

ببرم پينگهه

سورن جا سامان مون وٽ
سڄڻ ڏئي ويا ساٿ ۾ مون کي.

لکي لڪان مان ڪيترو لڪندس
دردن جا درمان مون وٽ.

ڏاهڻ چاهيان ڪين ڪي ڍهندا
نظرن جا ڪي نشان مون وٽ.

علي ڳُلَ آيا جهڙا نہ آيا
رهجي ويا ارمان مون وٽ.

▲

عشق منجهان مونکي ارمان مليو آ
درد مليو دل کي، نہ درمان مليو آ.

گهر مون لٽايو پنهنجو هيءَ جان بہ ڏبي
نيهن ۾ مون کي يارو نقصان مليو آ.

وينو رقيب بڻجي جيڪو حبيب هو
پوءِ بہ چوان ٿو ڪافي مهربان مليو آ.

وينو لکان لکان ۽ وينو پڙهان پڙهان
دردن ڀريو مون کي ديوان مليو آ.

منزل ڏکي ڏکي ۽ آهي سفر وڏو
سورن سندو "سانگي" سامان مليو آ.

▲

زندگي منهنجي زهر بڻجي وئي.
سورَ سختين سان گذر بڻجي وئي.

ڪير ڏئي تو ساٿُ ڪنهن سان سور ۾،
هي دنيا ساري قهر بڻجي وئي.

ڏي زمانو ڪين تو اڳتي هلڻ،
ڇا ٻڌايان ڇا خبر بڻجي وئي.

دانهن جو درمانُ ڪئي تو ڪينڪي،
آهه منهنجي بي اثر بڻجي وئي.

گيت ناهڻ تي ويس مجبور تي،
شاعري بہ ڪجهہ ثمر بڻجي وئي.

رو علي گلَ سانگي! روئڻ تيو نصيب،
دل منهنجي هيءَ دربدر بڻجي وئي.

▲

ببرم بسنگه

كنهنجو كنهن كان دلبر، جدا خدا نہ كري،
سزائون كوڙ مڳر اهي، سزا خدا نہ كري.

رُسي جي يارُ وڃي ۽ نہ پرچي مونسان،
اهڙي جا مونكان پوي خطا خدا نہ كري.

اُهو آ مذهب كهڙو، عشق جنهن ۾ نہ هجي،
اهڙو كو دين مون كي عطا خدا نہ كري.

عمر سڄي هجي "سانگي" منهنجي محبت سان،
نكارُ نينهن ۾ كنهن كي، صفا خدا نہ كري.

▲

يـار پـيـو تـو رلائـي،
چاڪـئـون مـون ڪـي الائي!؟

چاڪئـون رنـو ۽ ڏوھ آ ڪهڙو،
ڳالـھـ نـتـو ڪـا ٻـڌائي.

پـري پـري ڪان پاسا پاسا،
پيو رسـتـا روز مـتـائـي.

ويجهو وڃان مان ڏور وڃي هو،
مـون ڪان ڏاڍو لـنـوائـي.

ڳوٺ جـون ڳليـون ۽ ڳـوناٺا،
مـون تـي خـوب کلائـي.

آهي علي گلَ "سانگي" ڪو ئي،
سهـٺـل ڪـي سـمجهائـي.

▲

پيرم پبلشنگ

پئي مان تہ رنم يارو، مونکي ڪنهن بہ نہ پرچايو،
بي درد زماني ۾ ڪنهن کي نہ رحم آيو.

هٽي آيس ڪا منزل، وٺي ويچاري مان دل،
ڏڪڙن ۾ اڳيئي قاتل، ڏک ويتر آ پايو.

خوش هر ڪنهن جا مُنهڙا، سڀ پاڻ ۾ هن جوڙا،
بس مون لئہ اڪيلائي، مون کي ڪنهن بہ نہ ڳل لايو.

رڳو ڏسندو رهيو ئي بس، مُنهنجي حال تي ترس نہ پيس،
شايد هي مُنهنجو روئڻ، اُنَ کي نہ پسند آيو.

وَڃُ واپس تون راهون، بيڪار تُنهنجون دانهون،
قسمت نہ کٽيو ”سانگي“، مقدر جو اهو رايو.

▲

ڪيو سورن سوڙهو آ،
ڏکيو ڏاڍو وڇوڙو آ.

ڏانهن دل جي نہ ڪوٺو ٻڌي،
هِت هرڪو ٻوڙو آ.

آهي عرش ڏري پوندو،
ٺٺندو ڪو جوڙو آ.

ڪائي قرب ڪي ڪُوڙ ويو،
سچ ڪيڏو ڪَوڙو آ.

ڪر غم نہ علي ڳلّ تون،
ڏکُ هڪ واڇوڙو آ.

▲

ببرم بينگهه

زندگي مُنهنجي مٺا، تو ڪئي برباد آ،
وقت ويندو آهي گذري، ڳالهہ رهندي ياد آ.

بي اثر آهون هي منهنجون ڇا ڪنديون توکي ڀلا،
ڇا ڪندي قاصر زبان، ڇا ڪندي فرياد آ.

درد دل وارو ڏئي تُون وڃين ويهي رهئين،
تو بنا هِتِ دلربا، دلِ مُنهنجي ناشاد آ.

ناز وارا پيو نهوڙين، قياس دل ۾ ڪين ٿيئہِ،
غمن کان مُنهنجي ڪئي دل نہ تو آزاد آ.

پيو علي گُلَ تو سهان هر ويلي، وينو مان ستم،
ڪر صبر "سانگي" صفا سڄڻ ٿيو صياد آ.

▲

هي حال دل جو مان ڪيئن ٻڌايان، رهين ٿو مونکان پري تُون سُهڻا،
هزار ماڻهو هزار مهڻا، ملن ٿا مون کي پون ٿا سَهڻا.

ايڏي جدائي آجيئري مُونسان، توکي تہ واجب ناهي وو سائين،
سُورن جون راتيون ڏکن جا ڏينهڙا، مون کان هي وسري ناهن تہ ويڻا.

جيڪا ٿي گذري مٺا او مُونسان، خبر ٿي ناهي توکي سڄڻ ڪا،
هُجئي لڳل ڪا تہ ڪل پوڻي ڪا، پرين ٿو پو ڪيئن اسان جا پَرڻا.

اچين ٿو تون يا گهراءِ مونکي، ٻنهي مان هڪڙي تہ ڳالهہ مڃ تون،
ڪندين ڪو ميلو مٺا بہ مونسان، رسڻ ٿو چاٿين رڳو تون رُسڻا.

ڪر علي گُلَ "سانگي" صبر تون، خوشيون بہ آخر تہ نيٺ ايندريون،
ڏکيا هي ڏينهڙا ٿورائي ٿيندا، هميشہ ڪنهن وٽ ناهن هي رهڻا.

▲

ٽڪجي وڃي ٿي دوستي

ٽڪجي وڃي ٿي دوستي، ٿورڙو هَلي هَلي،
ويو واءُ آهي يار ڪو، اهڙو گهُلي گهُلي.

ڦريون ڇا ڇاهه ڇنجي، سڀ ڪجهه لُٽائجي،
پوءِ هيءَ وڃي ٿي ياري، رڻ ۾ رُلي رُلي.

ڪنهنجو ٻـ ڪنهن ۾ مقصد، آهي تـ پيار آ،
باقي نـ ڪو ڳالهائي، ڪنهن سان ڪِلي ڪِلي.

مون سان نـ ٿيو آهي پر، هر ڪنهن سان ويلُ آ،
اِن سوز ۾ وئي دل، منهنجي جَلي جَلي.

ڪنهنکي گلا علي گلَ، ڪنهن کي مان بددعا ڏيان،
تنهن کان چڱو ٿئي "سانگي"، چپ آ ڀَلي ڀَلي.

▲

پيار منهنجي کي ڏي نہ ميار، پيار منهنجي تي رک نہ گمانُ،
پيار منهنجي جي شاهدي ڏيندا، چنڊُ ستارا ۽ آسمانُ.

انتظار تنهنجي ۾ مونکي پيارا، ڏسندا ها اُهي سارا ستارا،
تيرُو ڪَتي ڪَٽَ وچون ءَوارا، ڏسندو هو مون کي خود رحمانُ.

ڪارين ڪارين راتن ۾ مان، تر تر تڏن جي تاتن ۾ مان،
بيهندو هيس برساتن ۾ مان، ڪوڙ هٿان وچي منهنجو ايمانُ.

چوڏهينءَ جو چنڊ اڀري هو ايندو، حال منهنجي تي ڪلندو هو ويندو،
عاشقُ هينان روئي هو ڏيندو، ويندو هو چنڊُ ڪندو ارمانُ.

آسمانُ مٿان ۽ هيٺان ڌرتي، سج تپي ۽ تئي ڌرتي،
رات ڇا ڏينهن علي گُلَ "سانگي"، ويٺي جلائي مون آهي جان.

ٻير ۾ ٻينگهه

تنهنجي يادن جو مون وٽ خزانو پرين،
هيءَ تنهائيون ۽ ويرانو پرين.

تو ڇڏيو دلربا دل کي گهايل ڪري،
تنهنجي نظرن جو آهيان نشانو پرين.

وئين ڪوڙا رکي مون تي الزام ڇو،
تو تي ڳوليو هميشہ بهانو پرين.

تنهنجو آهيان علي گُلُ هي ”سانگي“ سدا،
مان ڀٽڪيل اصل کان ديوانو پرين.

▲

پيرو پيڙهه

توکي واجب ناهي پيارا، تون يار کيئن کرين ٿو کنارا.

وٺين دلبر دل آزاري، مون کي ماٺن سان تون ماري،
هاڻي کير اچي نہ جياري، وٺين باھ برھ جي ٻاري،
دل سڄڻ توکي ٿي ساري، جيئن ڪويل پئي ڪوڪاري،
اَچِي تنهنجي ويس لاماري، وجي ويھ پرين نہ وساري،
ڏئي بار برھ جا بارا... تون يار کيئن کرين ٿو کنارا.

ڪيو اچڻ جو سهڻا سايو، منهنجي اڱڻ تي پيرڙو پايو،
منهنجي دل آ توکي چاهيو، ڪيو لالڻ لايو سجايو،
سک تنهنجي سڄڻ آ ستايو، مچ محبت وارو مچايو،
هاڻي دير نہ دلبر لايو، سارو حال مون دل جو سڻايو،
سڀ سور سلياٿم سارا... تون يار کيئن کرين ٿو کنارا.

آهي علي گل تنهنجو گهايل، تنهنجي پيار جو پيارا پايل،
تنهنجو "سانگي" سڏايان سائل، تنهنجي راز جو راهل مائل،
چَڏِ روزُ رُسامان راٺل، هت دل جا کنول ڪوماڻل،
ڪر پال پلايون پورل، مونسان قرب کيو ڪو ڪامل،
اچي دوست ملو دلوارا... تون يار کيئن کرين ٿو کنارا.

▲

پيرم پينگهه

اسان سان اهي يار، زمانا ڇڏي ڏي،
اڄ نہ صبحاڻي، بهانا ڇڏي ڏي.

هڪ وار ۾ ئي، ڪُسي جي وڃي ڪو،
تہ ٻيهر اجايا، نشانا ڇڏي ڏي.

ڪيو پيار جي ٽئي، ڏسي هيءَ غريبي،
تہ قاروني ٻُولڻ، خزانا ڇڏي ڏي.

سودو سڪ جو سهڻا، ڪيو قرب سان تو،
وني پوءِ موٽائڻ، بيانا ڇڏي ڏي.

بنا پيار محبت ۽ ديدار جي ئي،
ايئن هي نہ عاشق، روانا ڇڏي ڏي.

سارو لوڪ توکي، چڱو ڪيئن چوندو،
تہ هيئن هي ويچارا، بيگانا ڇڏي ڏي.

عشق ۾ علي گُلَ، اٿئي سور "سانگي"،
ڏسڻ خواب تون بہ، سُهانا ڇڏي ڏي.

پيرم بينگه

جدا توکان جاني جلڻ آ نہ ٻيو چا،
هليو وڃين يڪي تون رسڻ آ نہ ٻيو چا.

تڪيان تنهنجون راهون صبح شام وينو،
اهو روز مون لاءِ مرڻ آ نہ ٻيو چا.

چري دل ڪئي تو دلبر ديواني،
پريان روز سڏڪا سڪڻ آ نہ ٻيو چا.

مدت کان مٺا تو نہ منهڙو ڏيکاريو،
اهو پاڻ پيارا پلڻ آ نہ ٻيو چا.

برهہ باهہ ٻاري علي گُلَ اندر ۾،
پتنگ وانگي پيارا پچڻ آ نہ ٻيو چا.

▲

ڏينهڙا تنهنجي ڏور لاتا، ڏاڍا وڃي وڃي.
ڇا ڪئون الائي وڃين، ڀيرو ڀڃي ڀڃي.

جيون منهنجي ۾ جاني، ڪوئي سرور ڪونهي،
سنسار هن سڄي ۾، مزو يار مور ڪونهي،
تو ڪان سواءِ آ منهنجي، ساعت سڃي سڃي.

سڪ جي خبر نہ توکي، تو وٽ نہ سور آهي،
مون کي سزا ڏني تو، ڪهڙو قصور آهي،
هر ڳالهہ مون هميشہ، تنهنجي مڃي مڃي.

حيلا ڪيم علي گلَ، مقدر نٿو نهي پيو،
منهنجو نصيب مون وٽ، هڪ پل نٿو رهي پيو،
ڪيو ڀاڳَ ڀورا ڀورا، مون کي ڀڃي ڀڃي.

▲

جيئري نہ ملئين مُئي ملندين تُون،
اِها کھڙي وفا مان پائيندس
اچي ڏوليءَ کي کلھو ڏيندين تُون.

سمجھان ٿو سچ تون ضرور ايندين،
جڏھن موت مُنھنجي جو پتو پڌندين،
پوءِ سوچي سچو اچي ٿيندين تون.

ماٺھو ميّت تي تہ تمام ايندا،
گھڻا مُنھن ۾ وجھي تو ڏي ڏسندا،
ڇا جواب تنين کي ڏيندين تُون.

جيئري تہ ظلم مُئي مِھر ٿيندي،
پڇتائيندين پو جي ھٿان ويندي،
اڄ رئان ٿو پوءِ روئندين تُون.

علي گُلُ "سانگي" تہ مري ويندو،
جڳُ توکي جيئڻ بہ نڪي ڏيندو،
روز مِھڻن ۾ پيو مرندين تُون.

▲

تنهنجي ڪوڙن ڪوڙن واعدن تي،
اعتبار ڪيم... اعتبار ڪيم
چو پيار ڪيم... چو پيار ڪيم.

تنهنجي سونهن ڏسي، تنهنجي سونهن ڏسي
مان پيس پلجي، مان پيس پلجي
توکي يار ڪيم... توکي يار ڪيم،
چو پيار ڪيم... چو پيار ڪيم.

وئين واعدو ڪري تون يار جتي
آئين ڪين اتي، آئين ڪين اتي
انتظار ڪيم... انتظار ڪيم،
چو پيار ڪيم... چو پيار ڪيم.

چوي سانگي مون کي آ سڪ لڳي
توکي ناز حسن تي، ڏاڍي مڳي
ويچار ڪيم... ويچار ڪيم،
چو پيار ڪيم... چو پيار ڪيم.

پيرو بينگم

او يار ياد ڪر تون، ڳالهيون اُهي پراڻيون،
راتين جون راتيون ويهي، هُيوسِين ڪيون رهاڻيون.

مون ڪان نٿيون سي وسرن، توکان ويون ڇو وسري،
هيڏيون ساريون هي سهڻا، آهن پنهنجون آکاڻيون.

ماڻهن توکي پلايو، ماڻهو نٿا سهن پيا،
ماڻهن جون يار توسان، کهڙيون ڪيان ڪهاڻيون.

بي چاق برهه مان مايوس ٿيو وتان ٿو،
دل جون ڪليون او دلبر، تولاءِ وتن ڪوماڻيون.

آهي آس هِنَ اکين جي، توکي ڏسان مان هيڪر،
منهنجون اکيون سدائين، ڪيون نينهن هن نماڻيون.

انجام عشق جا ها، جايون جِتي ملڻ جون،
وڻي روز ٺي اچن ٿيون، اکڙيون اُتي نماڻيون.

علي گُلَ اياڻو "سانگي"، هڪ مان ٿيو تہ ناهيان،
هِنَ عشق ۾ پلي پيا، ڪيئي راڻا ۽ راڻيون.

برمنگهم

آسرن ۾ اسان کي رُلائي ڇڏئي
اهو ڇا ڪيئي، اِهو ڇاڪيئي.
اَن حال کان ٻه وڃائي ڇڏئي.

وَچن وعده سڀ ڀُلائي ڇڏئي
وڻ ئي اسان جا وَڄائي ڇڏئي
اِهو ڇا ڪيئي، اِهو ڇا ڪيئي،
اَن حال کان ٻه وڃائي ڇڏئي.

هيءَ دُنيا سموري ڪلائي ڇڏئي
هيءَ جاني جواني جلائي ڇڏئي
اهو ڇا ڪيئي اِهو ڇا ڪيئي،
اَن حال کان ٻه وڃائي ڇڏئي.

"علي گُلَ" جي دلڙي ڏکائي ڇڏئي
خاڪ ۾ سڀ اُميدون ملائي ڇڏئي
اهو ڇا ڪيئي، اِهو ڇا ڪيئي،
اَن حال کان ٻه وڃائي ڇڏئي.

▲

ٻير۾ٻينگهم

توبن جيون خالي کوکا،
کا نہ وَراٿي مُنهنجي تو کا.

سَاري حَياتي سَپنا سَپنا
جهوريون جهوريون جيءَ جهروکا.

مُنهنجا گيت غَزل هي وَايون
سَمَيُ تو سمجهيا، کُوڙا واکا.

پکِليون چِکِليون تتليون دلڙيون
لِڱَا ناهن شايد تاکا.

هرکا نينهن نيائي نہ ڄاڻي
پريت پڄاڻي "سانگي" کا کا.

▲

اڙائن ٿيون اکڙيون

جوٽي جنگ جاني، جڙائن ٿيون اکڙيون،
ناهي ڏوهہ دل جو، اَڙائن ٿيون اکڙيون.

جڏهن کو تہ مَحبُوبُ، منڙو ڏسن ٿيون،
نہ ٻي ڄاڻ ڄاڻن، اُتي ئي کُسن ٿيون،
وڃي نيٺ سُوليءَ، چڙهائن ٿيون اکڙيون.

تــکا تيــر آهــن، اکـَڙيــن جـا ڏاڍا،
لڳي ٿا وڃن جي، پون کيڏا کاڍا،
بازي عشق واري، لڙائن ٿيون اکڙيون.

جڏهن يارُ "سانگي"، علي گُلَ رُسي ٿو،
تڏهن دل کي ڏاڍو، صدمو رَسي ٿو،
پَيون راتو ڏينهان، رڙائن ٿيون اکڙيون.

▲

پبر ۾ پينگهہ

اڇي امالڪ ٻڪيون ٻڪيون
تنهنجون سڄڻ ٻئي، اکيون اکيون.

نوڪان نگاهن جون لڳيون
تلوار کان ٻ، تکيون تکيون.

شوقيون وتن ٽيون شڪار لئِ
بره ڪارڻ، بکيون بکيون.

ويندن سان وڙهنديون وتن
ڏاڍيون ٻائيان ڏکيون ڏکيون.

رت منهنجي هن روح جي
چاهہ منجهارئون چکيون چکيون.

علي گُلَ ڪار ڪاسائڪي
ڪنهن کان "سانگي" سکيون سکيون.

▲

پيرم پينگهه

اَکِ اُتي وچي کُپندي آهي
سونهن جڏهن کا ڏِسندي آهي.

ماٺهو سُهڻا سپ تہ نہ سُهڻا
ڳولهي ڳولهي کو لَهندي آهي.

واهہ کاريگر کاريگري ڪئي
سهڻي نهيل شيءِ وٺندي آهي.

اَکِ وڏي کا سَنهڙي "سانگي"
اک چيرون سا تَهندي آهي.

▲

تنهنجون ڪجليون ڪَڪوريل ڪارِيون اکيون،
ڏاڍيون عاشق لئہ آزاريون اکيون.

ڪيو ناز نِهوڙِن نسبُ اٿن،
هنيون هاڃو وجن اِهو حسبُ اٿن،
رڳو ڪُهڻ جو ڪمائٽو ڪسبُ اٿن،
اِهي نُوري نظاري واريون اکيون.

تيز تلوار کان بہ نوڪان تکيون،
اَچي اُمالڪ مون سان يار ٻکيون،
اهي ڏَٺَ ڏاراٽا ڪنهن کان سکيون،
جنگ جوتي بيٺيون نرواريون اکيون.

علي گُلَ هاٽيِ مان ڇا تہ ڪيان،
هٽي ڏاڙو ويون ڪنهن کي دانهن ڏيان،
چوي "سانگي" چرين کي ڇا مان چوان
ويون باهہِ اندر ۾ ٻاريون اکيون

پبر ۾ بينگھ

ڪٿان يار سکيئي اِها جادوگري،
ڪٿي نيڻ ڏنءِ ويئي آ باھ ٻري.

اوچتو ئي اَچي مون سان اکڙيون اَڙيون،
ٻالا ٻاڪرُ ۾ هٿي يار وڙهيون،
جيڪو تو ڏي تڪي پيو هٿندو چڙيون،
نہ تو سوچين متان ڪو وڃي نہ مري.

تُنهنجي حُسن مون کي مجبور ڪيو،
پرين پيار ۾ تو ڀرپور ڪيو،
تنهنجي چس آ مون کي چور ڪيو،
مُنهنجي دلڙي ڪئي تو آهي چري.

علي گُلُ تو چوي توسان ڪير ڪُڇي،
توڙي "سانگي" پيو ساري رات لُڇي،
مون کي بِرهہ ڇڏيو تي يارَ ٻڇي،
مُنهنجو ويني وڃي تو سچ اُبري.

▲

تُنهنجا زُلف سَجَڻ ٿا زَنجير وِجَهن،
تُنهنجون اکڙيون ٿيون تَڪبِيرَ وِجَهن.

ڏسِي توڏي مِنا اکيون هيٺ ڪيان،
تاب حسن تنهنجي جو جهلي نـ سگهان،
هَٽي اکڙيون ٿيون ڪي تير وجهن.

محبوب موهي مشتاق ڪيئي،
ڏئي بِرهـُ مونکي بي چاڪ ڪيئي،
جهورِيون جيءَ ۾ پيون ٿيون جهِيرَ وجهن.

گهندُ مُنهن ۾ پِيَل تو پَري کان ڏکي،
هُجي ڪو تـ سجڻ توکان ماٺان سِکي،
ماري مُحَبت ۾ مهميرَ وجهن.

ڏکيون ڏاڍيون علي گُلَ اِهي تـ اکيون،
اَچي مون سان اُمالڪ بئي بڪيون،
جيڪي "سانگي" صفا ٿيون، سيرَ وجهن.

▲

پيرم پينگهه

قاتلانہ تو ڪرين حملا ٻلا ٻيو،
ڇو جهليون اکڙيون اٿئي اهڙي طرح.

جذبا دل جا سپ اُٿي ٿيا هن ڪڙا،
مان رکان قابو ۾ دل ڪهڙي طرح.

اهڙي جلن عشق جي ڪاهي نہ پئي،
پتنگ ٿئي تو پيار ۾ جهڙي طرح.

حسن ليلا عشق مجنون تا چون،
ڪر نہ مجنون تون مونکي تهڙي طرح.

پٿر بہ پاٽي ڪيو "سانگي" وجهن،
تنهنجي نظرن کان بچان ڪهڙي طرح.

▲

كَٽي جي ناز مان نظرون، نهاريندين تہ خوش هوندين،
مون کي ويجهو ڪري پرم ۾، ويهاريندين تہ خوش هوندين.

پري ٿو پونئر پيرا ڏئي، وڻن لاءِ واس گُلڙن تان،
ايئن مُنهڙو پيو هر هر، ڏيکاريندين تہ خوش هوندين.

شمع ۾ پتنگ واري جيئن، سدائين جنگ جوتيل آ،
اهڙو ڪو جيءَ ۾ جذبو، اُڀاريندين تہ خوش هوندين.

ڪونجان ڏِسُ ڪيئن قطارن ۾، رَليون ٿيون روحَ رهاڻيون ڪن،
عمر پر ساٿ ڏئي اهڙو، گذاريندين تہ خوش هوندين.

علي گُلُ تولئہ "سانگي" آ، چڪور چنڊ لئہ جيئن آ
نظارو خُوب ڏئي مون کي، بيهاريندين تہ خوش هوندين.

ببرم ببنگهه

تون آن منهنجو شڪاري، مان تنهنجو شڪارُ،
اڪيون تير ڪري ٿو ڪرين مون تي وارُ.

تون ٿي شينهن شڪل، آئين منهنجي پٺيان،
مان ڀلا تون ٻڌاءِ توکان ڪاڏي ڀڄان،
تنهنجون ڳاڙهيون اڪيون، ڄڻ شرابي خمارُ.

ڪاتُ هٿَ ۾ کڻي تون ڪسابي بڻين،
عشق وارا ڪُهي تون ڪبابي بڻين،
ڪائين شيخون پري آهين ڪو شاهوڪارُ.

چوڻِ چاهه مان ڏئي تو ورائي وڌو،
مان مڇي، تون ملاح، تو ڦاسائي وڌو،
ڇو اهڙو ظلم جو تو اڏيو آهي ڄارُ.

علي ڳَلَ عشق ۾ ڇا ڇا ٿيٽو پيو،
هر انگل پيار ۾ مون کي ميٺو پيو،
عاشقن سان ڪيو ڏاڍو عشق آزارُ.

▲

پير ۾ بينگهه

ايڏو يلا چو تو وٽي،
نيڻ جڏهن تو ڪٽي ڪٽي.

تيرُ ٻسٽ دل مان ڪري،
اک جي اهڙي اٽي اٽي.

زلف وجهنِ زنجير تا،
ڄاٽي تو مونکي ڏٽي ڏٽي.

دلڙي ڪسيئي دهمان سان،
هايو ويئن تو هٽي هٽي.

علي گُلَ "سانگي" مري ويان،
ڦيرين جڏهن تو ڦٽي ڦٽي.

▲

ببر ٻينگه

بي وفا جي شهر ۾

بي وفا جي شهر ۾ لٽجي ويس،
هوءَ اڙي جا اک، مان اڙجي ويس.

ڪا نہ هئي هن عشق جي ڪائي خبر
جاڻ ڪائي ڪين آءَ رُلجي ويس.

قيد قيدين جا بہ سبب آهن گهٽا،
قفس واري قربَ ۾ ڪڙجي ويس.

عشق ۾ پلجي پيا سياڻا سياڻا سوين،
ڇا ٽيو جي مان پلا پلجي ويس.

ڇا عليءَ گُلَ چوان هِڪُڏينهن ڪوٽيو
دلب جي بہ در تان مان ٽڙجي ويس.

▲

پيرو ۾ پينگهه

هِنَ بيوفا جي شهر ۾، ڦرندو وتان ٿو مان،
سڀ سور سيني ۾ رکي، روئندو وتان ٿو مان.

ٻيو ڪم نٿو هلي رڳو، مون کي يار جي لڳل آ
ڏينهن رات لوچ لوري، ديدار جي لڳل آ
غمگين ٿيو گهٽين ۾ گهمندو وتان ٿو مان.

نڪي ڏٺي ٿو سات مقدر نڪي آھ ۾ اثر
دلبر اڳيان ته منهنجي آهي زبان قاصر
قاتل نگاهون هن جون، ڪسندو وتان ٿو مان.

علي گُلَ عجيب مون سان ملندا رهن ٿا ماڻهو
ڇا ڇا چئي ٻڌايان، ڇا ڇا چون ٿا ماڻهو
ڪنهن جي ڪري ٻيو سِرَ تي سهندو وتان ٿو مان.

▲

ٻيرم ٻيسگھ

دل توسان يار لڳي
ڪيئن شهر ڇڏيان تنهنجو.

دانهن ٻين جي ڏيان توکي
تنهنجي دانهن ڏيان ڪنهنکي
تو تہ دلڙي آهي ٺڳي....
ڪيئن شهر ڇڏيان تنهنجو.

منهنجي آهي ڪهڙي خطا
ڏس مون کي ڪولي منا
ڪئي ڪاوڙ تو آ رڳي...
ڪيئن شهر ڇڏيان تنهنجو.

نينهن سوچي تون لائين ها
اڄ هيئن نہ رُلائين ها
ڇني تو آ، مون نہ ڇڳي...
ڪيئن شهر ڇڏيان تنهنجو.

اڳ علي گل ڇا مان هيس
تنهنجي عشق ۾ شاعر ٿيس
منهنجي ماري ڇڏي تو مڳي...
ڪيئن شهر ڇڏيان تنهنجو.

▲

ٻير ۽ ٻينگھ

تنهنجي شهر ۾ منهنجا سڄڻَ
وئي ريجهي آ منهنجي دلڙي

تُنهنجون اکيون ويون اکڙيون
تنهنجي ماريو آهي تکڻَ

وڏي قاسائي تو دلڙي
کيو قيد تنهنجي آ کِلڻَ

سج چنڊ کي ماريو وڃن
تنهنجي چشمن جا چمڪڻَ

تنهنجي شهر سان سرڙو لڳي
هاڻي ڇا جا "سانگي" وَڃڻَ.

▲

تنهنجو آ شهر توکي يار ڏيون ويندا سين،
توکي ڏکُ کو، توکي اُفُ کو نہ چيون ويندا سين.

اک مون يار پٽي تنهنجي ڏني هئي دوستي،
پاڻ کي پکي هاڻي پرديسي کيون ويندا سين.

کنهنجو کو ڏوهہ ناهي دوهہ آ قسمت اهڙي،
پڙايو نہ ياڳ مٺا ماڳ مٿيون ويندا سين.

سکَ ۾ يار سوين، ڏک ۾ نہ سنگتي کوئي،
تو ڏنا پور ثمر سور کنيون ويندا سين.

علي گُلُ "سانگي" ڇڏي شهر پلا کاڏي وڃي،
تو ڇيو آ مون ميجيو آ ها ڇڏيون ويندا سين.

▲

روئيندس نہ ڪندس ٻيو چا، ويو وڇڙي مون کان پيارو
مان سڄڻ سوا پانيان، ويران شهر سارو.

اها ان کي خبر هوندي، جنهن کان يار رٺو هوندو
پلا ٻئي کي پتو ڪهڙو، ان ڳالهہ جو آ يارو.

پيرن کان پنيم ڏاڍو، دوستن کي ستايو مون
پرين ڏيو مون کي پرچائي، ٻيو ناهي ڪوئي چارو.

هئي ڪل نہ مونکي ڪائي، هيئن عشق بہ آ ٿيندو
اوچتو آءٌ اڙجي ويس، هيءَ برهہ لڳو بارو.

علي گُلَ جي پرچي پوي، منهنجي ميڙن منٿن ۾
پرچائي وجهان ”سانگي“، مان پائي ڳچيءَ ڳارو.

▲

ٻير ۾ ٻيسنگهه

نيٺ ڇڏئو پيو تنهنجو شهر مٺا،
ضد توسان ڪيان ڪهڙو يار ڀلا.

تنهنجو هيسي هجان، توسان هوڏ ڪيان،
تنهنجو نوڪر ٻہ نہ ٿو يار سونهان،
ڪيڏو ٻہ هجان ڪٿي توتان فدا.

توکي ڪا ٻہ پرين، پرواهہَ نہ آ،
مُنهنجي توکان سواءِ، ٻي واهہَ نہ آ،
جيڪي آهي مونسان، ڄاڻي ٿو خدا.

ڏوهہُ سادُ ڪري، پوءِ سزا ڏئين ٿا،
اِيئن علي گُلَ کان نہ جُدا ٿئين ٿا،
ڪرين ظاهر ٿا، "سانگي" جي خطا.

▲

شهرُ ڇڏي دلدارَ، دلبر ويندا سين،
نيٺ نہ پرتين يارَ، دلبر ويندا سين.

قرب آندو هو تنهنجي ڪاهي يار هِتي،
تون نہ ڳالهائين، باقي ڇاهي يار هتي،
سر تي ڪنيون سڀ بارَ، دلبر ويندا سين.

ضد ڪيان مان ڪهڙو توسان جوانپ جو،
پول ٻڌل هو يار توسان ٻانهپ جو،
پنهنجي ميجي بس هارَ، دلبر ويندا سين.

واعدو توڙي يار ڇڏڻ نہ مناسب آ،
ڇا تہ ويو تي يار، توکي جانب آ،
ناهي توتي ميارَ، دلبر ويندا سين.

آهہ علي گُلَ عاشق واري اڙانگي آ،
پوءِ بہ ڏيندو توکي دعائون ”سانگي“ آ،
وهندي اکين مان نارَ، دلبر ويندا سين.

▲

ببرم بيسنگم

پکي پرڏيهہ چڏيون اج وڃن تا،
اسان جي شهر مان لڏيون اج وڃن تا.

ڪنهن جو نہ آ وس، ارمانُ آ بس،
ايندا سين نہ واپس، چيون اج وڃن تا.

متو چڏي ميلو، تڪن ڪين ويلو،
اسان کي اڪيلو، ڪيون اج وڃن تا.

پراوا پنهنجا پئي، ڏنا مون رنا تئي،
سيئي بار سِرَ تي، کنيون اج وڃن تا.

آهيون پاڻ پياسي، علي گُلَ انهن سي،
گوندر ۾ "سانگي"، گڏيون اج وڃن تا.

▲

تنهنجي شهر ۾ دل ٿي لڳي،
بس تنهنجي ڪري منٽرا.

منهنجو توسان پريم آهي،
نت منهنجو هتي چاهي،
نــڪي ايندو هيــس اڳي.

پنڌَ تنهنجي ڪري ٿو ڪيان،
سڀ سور پيو ٿو سهان،
دل تنهنجي سهاري ٽڳي.

هيءَ سڪ آ چا ٿيندي،
ڪچي تند تہ آ ٿيندي،
وري ساڳي ٿئي نہ ڇڳي.

علي گلَ جو سڄڻ سائين،
محبوب بہ تون آهين،
آهي "سانگي" تنهنجي سڳي.

▲

ڪين نالي ڪان رهيو وينجهار تنهنجي شهر ۾،
آ رهڻ هاڻي رڳو بيڪار تنهنجي شهر ۾.

ڪا نہ ڪا محبت ملي واسطا وجهي توڙي گهريم،
تي ڏٺم اڄ پيار جو پينار تنهنجي شهر ۾.

درد ڀري دلڙي وٺي خوش ڪري ويندا ها سون،
اڄ اهو شايد نہ آ غمخوار تنهنجي شهر ۾.

ماڻهو ساڳا مُند ساڳي پر نہ ساڳو ساءُ آ،
ڪين ڪو منهنجو رهيو ڪو يار تنهنجي شهر ۾.

واءُ اهڙو ويو گهلي تو گهران وينو امانَ،
الفت عيوض ويو وڌي تڪرار تنهنجي شهر ۾.

هر ڪو ڏاڍو ٿي ويو هوڏ هستيون پيو هلي،
ڪو نٿو ڪنهن سان ڪري ويچار تنهنجي شهر ۾.

اڳ اچڻ سان اي عجيب قرب ٿي ڪوڙين مليا،
اڄ ڪلي آ ڪنهن نہ ڪئي ڪيڪار تنهنجي شهر ۾.

هنج اڏي ويا هليا چپ وينا هن چڙهي،
ڪوڙ اهڙا مون ڏٺا شهڪار تنهنجي شهر ۾.

انقلاب آڻي ٿا وجهون نہ پر جيون تہ ڪيئن جيون،
اهڙي اڄ پنجي وٺي درڪار تنهنجي شهر ۾.

غازي غلامي ڪين ڪن، سرُ سٽي "سانگي" ڏين،
نيٺ ڪيئي ٿي ويا سرَ ڏار تنهنجي شهر ۾.

تُنهنجي وئي کان پوءِ ويران شهر،
اڃي خالي ٿو مونکي ڪائڻ گهرُ.

هي گهر گهٽيون رستا راهون،
رڳو خاموشي آئي مونکي نظر.

دل دانهون ڪيون پئي درد منجهان،
پلا ويچاري ڪري ڪيئن صبر.

روئي روئي اکين، جو ويو پاڻي سڪي،
پيو اکڙين تي آهي ڏاڍو اثر.

مٺا مان تہ رنس وڻ ٽڻ ٻہ رنا
وئين "سانگيءَ" جو ڪنيون سات ٿمر

▲

پير ۾ پينگهه

پنهل اچان پرچائي

پاند ڳچيءَ ۾ پائي،
پنهل اچان پرچائي.

سور سمهڻ ڏين ڪينڪي مونکي
تابشِ عشقُ تپائي.

چوٽَ جبل جي، چوٽِ چڙهي آنءُ
نينهن ڏسان ٿي نيائي.

منڙيون ڳالهيون ڳجهڙيون ڳالهيون،
ٻاروچل کي ٻڌائي.

جانڙ ڀڳس وچي ڪيچ کي ڪاهي،
ويندس واهي وجائي.

ڏوهه ڏتائون ننگ نه نيائون
جتن کي نه جڳائي.

عشقُ اڙانگو، علي گل ڏاڍو،
سڪ سانگي ٿي ستائي.

▲

ٻيرو ٻينگهه

مون نہ سمجھيون رات ٻروچن جون ٻوليون
ٻروچن جون ٻوليون، ويا رڻ ۾ روليون.

سنجهي ۾ ئي ساري، اُنڙا اُٺاري
ويا باھہ ٻاري، منهنجا درد ڪوليون.

رکي دل ۾ ڪوتي، آيا تڏهن موٽي
ڏني ڏيرن ڏوٽي، وڃي هيٺئون هوليون.

ڪيان ڇا بکن جون، ڳالهيون سکن جون
ننڍي ڪان ڏکن جون، ڏنيون جيجل لوليون.

ڪوڙن ڪيچن جون، ڏاڍن ڏيرن جون
ڏنيون ڪنهن جتن جون، تڪر منجھہ توليون.

عشق ۾ علي گُلَ ڪري هليس توڪلَ
چڙهيس چوٽ جبلِ، ڪندو رب سوليون.

▲

منهنجو پنهل اَٺوَ، دلبند اديون،
پائي قرب جو ويو آ، ڪمند اديون.

اهڙي غافل ننڊ ۾ ڪيئن رهيس،
وڃائي پنهنجي هٿن سان وَرُ وڃيس،
نہ ڪا ٻولي ٻاروچي مان سمجهيس،
ڪيو ڏيرن ڏکي سان ڦند اديون.

ڪري جڳ ۾ ڪنو مون سان ڦهر ويا.
ڇني ٽوڙي ولهيءَ جي واهر ويا،
ڀليو ڀاڻ نہ هو ڀلائي ڀائر ويا،
هيو پنهل گهڻو عقلمند اديون.

منهنجو پنهل سين ۾ آهي سٺو،
جنهنجي قرب علي گُلَ آهي ڪٺو،
ڇوي سانگي مٺن ڪان آهي مٺو،
نہ ڪي ماڪيون پڇن نہ گُلقند اديون.

▲

منهنجو پنهل سان پيو پيوند اديون،
ڇڏيان ڪيئن جتن جي جند اديون.

منهنجو پنهل وٺي جت زوري ويا،
جيئن چور وجن ڪري چوري ويا،
منهنجي جيءَ ۾ وجهي ڪا جهوري ويا،
رهيا مون وٽ ڪا گهڙي چند اديون.

وڃان ويندن پويان واٽ وٺي،
هتِ ڪيئن رهندي جا قرب ڪُٺي،
ٻاري ٻاھ برھ جي ويا ڪا ٻٺي،
وڃان ليڙن جا وٺيون رند آديون.

علي گل نہ ڇڏيندس تن جي پچر،
ڪنهنکي منهنجي اندر جي ڪهڙي خبر،
جتِ جَتَ هوندا اُت منهنجي قبر،
ويهان ڪيئن ڇني ڪچي تند آديون.

▲

ببر ۽ بينگهه

جيڏيون جت ڪٽي ويا سڄو گهر ٻهاري،
مونکي هت ڇڏي ويا ڪنهنجي سهاري.

اها سڌ نہ هئي مون ڇني پنهل ويندا،
نماڻي نڌر کي نہ ڪي ساڻ نيندا،
اڳڻ خالي پنهنجا روئان تي نهاري.

ڏنئون ڏوهہ ڪهڙو ويا ڇڏي ڇوري،
هٿي ڏاڙو ڏوہڻ ڪري ظلم زوري،
سوا پنهل سسئي گهڙيون ڪيئن گهاري.

سانگي هيءَ ساري ٻري باهہ وئي آ،
اجهامڻ جي ناهي عرش دانهن وئي آ،
ٻڙيون ڪائي ٻا ڪاري ويندا پئي بيهاري.

▲

ببرم بينگهه

کھڙا لهہَ تي ڏيرن تي آءُ لاهيان،
ماري مقدر پنهنجي ۾ مان آهيان.

هو خان بلوچي، آءُ ڏوٻياڻي،
ڪا حيثيت انهن لاءِ ناهيان.

سڪ پڙهايو سبق سورن جو،
سوريون سورن جون پئي تي ٻاهيان.

رمز رنداڻي روح ۾ جاڳي،
آءُ ڪيچ ڏٽي ڏي تي ڪاهيان.

مڙني مهڙ آ علي گُلَ مونڏي،
ڪهڙو "سانگي" مان سينو ساهيان.

▲

ٻير ۾ ٻينگهه

عشق نہ چاڙو مذاق اديون،
اڄ مون چاتو عشق اڙانگو.

ارڏا ارڏا جوان جوانيون،
وڻ ٽڻ واديون ساوا سايون،
ساڙي ڪري ڏو خاڪ اديون.

سرتيون ستايو مور نہ مونکي،
ويندس نيندس نال نہ ڪنهنکي،
سڄ چئي ويا ڪي عشاق اديون.

ڏينهن بہ مون لاءِ رات ڪري ويا،
جَتَ جتائي ذاتِ ڪري ويا،
خالي اڱڻ اوطاق اديون.

دوھہ ڪيو آ مون سان ڏيرن،
پنهل نہ ويو آ پنهنجي پيرن،
پنهل اٿو منهنجو پاڪ اديون.

▲

ببرم بينگهه

جيڪا سر جو سانگو لاهي، سا عشق کي هٿڙو لائي.

جنهن جو پيار هوندو تہ پنهل سان، ويندي ڳالهيون ڪندي سا ازل سان،
جيڪا ڪيچ ڏٺيءَ ڏي ڪاهي، سا پيوند عشق جو پائي.

اهو عشق ٿو آڻ ميحائي، جيڪو در در پيو ٿو رلائي،
هي عشق ڪاراند تہ ناهي، جنهن ڪونڌ ڇڏيا تہ ڪهائي.

ڪيو علي گُلَ عشقَ اگهاڙو ،ڇڏيان ڪيئن پنهل جو پاڙو،
سڀ "سانگي" سر تي ساهي، نيٺ ويندس توڙ نڀائي.

▲



ٻيرم ٻينگهه

ڪري هلي توڪلَ
سسئي توڏي پنهلَ.

سمجهائڻ سڀ ساهڙيون آيون
جهلي ناهي جهلَ.

جتن ڪان جي وئي آ ويندي
سسئي ڪان نہ مهلَ.

شينهن جهڙي دل ڏاري ڏوڀڻ
چڙهندي جاڙا جبلَ.

ڪاٿي جائي ڪاٿي پڄائي
ڪاهي آٿي ازلَ.

ڪانہ ڪئي تس ڪيچن ڪائي
مٿس ڪابہ ڪهلَ.

علي گُلَ هاٿي ڪٿنس پنهنجا
پنهنجا "سانگي" عملَ.

▲

بيرم بينگهه

هتڙا ٻڌي ٻئي ٻانهون، آءٌ دوست آيس در تنهنجي،
دل جو ڏينڻ سپ ئو کي. دانهون، آءٌ دوست آيس در تنهنجي.

ڪري قرب منجهان تہ ڪشالا، پنجي پيرن ۾ ويا ڇالا،
ڪيان آزيون عرض الاهون، آءٌ دوست آيس در تنهنجي.

سڀ دل جا ڪنول ڪوماڻا، پيا تنهنجا مهانگا ماڻا،
ڦي بند ويون سڀ واهون، آءٌ دوست آيس در تنهنجي.

ڪيو علي گل تي ڪي عطائون، ڪٽي پورل بخش خطائون،
چوي سانگي ڪٽي سڀ ساهون، آءٌ دوست آيس در تنهنجي.

▲

ٻيرو ٻينگهه

ريجهي آءُ راڻل

ريجهي آءُ راڻل
ويند ئي مري مومل.

گهايا ها مون گهوٽ هزارين
پاڻ ٿيس گهايل...

مينڌرا مونسان پيڻ هئي منهنجي
ستل ساسومل...

اهڙي ناهيان جهڙو تو سمجهيو
توکي ٿي آيل...

ڪانهي اجهاڻ جهڙي اجهايان
برهه جي باهه ٻريل...

سانگي منهنجو ساهه آ تو ۾
سياڻو ٿيءُ سوڍل...

▲

پيرو پينگهه

راڻا رات رُسي وئين
کھڙو ڏوھ ڏسي وئين.

سومل ستل هئي سوڍل مونسان
کنهن کان کين پڇي وئين.

ماري وجهي هان مٺ کري کو
محل أنهيءَ چو گسي وئين.

نہ واجب هو توکي مينڌرا
کوڙي ميار رکي وئين.

ڇڏ پڪايون پيار ۾ پيارا،
اهڙو ڇو تون ٿي وئين.

سج ڪرين وئين سج ميان
راتا رات نہ آئين،

منهنجي من کي مينڊرا
مج ڪري وئين مج ميان،

توکي ڏسڻ جي سوڊل سياٽا
آهي اکين کي اڄ ميان،

نالي ڏٿي جي موٽ ڪيو ڪا
منٿ منهنجي کي مج ميان،

▲

راڻو مونکان رات رسي ويو
ڳالهہ نہ ويو ڪا ٻڌائي
ڇا ڪان رسي ويو الائي.

راڻلُ ڏيو مونکي جيڏيون
ميڙن ساڻ ميڃائي.

پاسي منهنجي ۾ الا
لڪڻ ويو آ لڪائي.

هيڪر ملي شل مينڌرو
ويندس وٽي پرچائي.

آهي ڪو آهي علي گل
راڻل ڏي ڪو ريجهائي.

▲

راڻا رات رهي وڃ
پيرو نہ مونکان پيچي وڃ.

اندر ۾ چا ٿي آءٌ نہ ڄاڻا
جيڪا اٿئي سا چئي وڃ.

نينهن ۽ لڳائي چين وڃائي
ڏور نہ مونکان رهي وڃ.

عورت سان ايڏي هاڻ نہ ڪر تون
ضد تان يار لهي وڃ.

برهہ ڏني بيمار ڪري وئين
دارون دوست ڏئي وڃ.

هڪ رات جي آءٌ سوالڻ "سانگي"
ميندرا مون سان ٺهي وڃ.

▲

رسڻ جون راتا، ڪوڙيون ريتون
رک نہ مون سان اڻ پوريون ريتون.

ڏوھ ڏنو هئي ماريون وچي ها
ايئن نہ سڙيءَ کي ساڙيون وچي ها
اهي تو ڪيون ڪنهن واريون ريتون.

مرد هئين ڪا مڙسي ڪرين ها
ساڻ ستل کي ماريون وڃين ها
نہ سونهن توکي اهڙيون ريتون.

ريت رسم تنهنجي ڄاڻ نہ ڄاتي
ويندي ڪسي هيئن منهنجي حياتي
آنءُ تہ نيائيندس جهڙيون ريتون.

علي گُلَ "سانگي" سوالڻ آهيان
حجت نہ توسان ٻانهڻ آهيان
وينين ڪري مونسان ڪهڙيون ريتون.

▲

مُنهنجا مَاروئڙا

اهڙا ڪين هيا، مُنهنجا مَاروئڙا
ڇا ڪئون شوخ ٿيا، منهنجا ماروئڙا.

پَڪا ٻَاڻ ٿِيا هِن، ماٺهن يا تہ جَهليا
مُنهنجامَاروئڙا.

بڪڙا ڀُرتَ ڀِٽنِ تي، ڇيلا ڄاڻ ڇڙيا
مُنهنجامَاروئڙا.

ڪبڙن جا هُتِ پيرون، ڇَٽيو ٻَٽِ پيا
مُنهنجامَاروئڙا

سک ۾ سانگيئڙا هو، ڏک ۾ ڏئي تہ ويا
مُنهنجامَاروئڙا.

عليگُلَ"سانگي"سَڄڻ سي،وڇڙيا ڪين مليا
مُنهنجامَاروئڙا
منهنجاماروئڙا

ٻير ۾ ٻينگهه

وَهندا هوندا ايٺَ، ماڳين ڪنديس موٽَ
ڦٽا هوندا چيٺَ، ماڳين ڪنديس موٽَ.

ڪٽڪن ۾ سنگ سون جا
ٻُڪرا پربا پيٺَ، ماڳين ڪنديس موٽَ.

ڇَرنديون ويهنديون پاڻ ۾
ٻڪريون ڳولهي ٻيٺَ، ماڳين ڪنديس موٽَ.

ڪانهي "سانگي" سونهن جي
سانگين سان ڪا ڀيٺَ، ماڳين ڪنديس موٽَ.

▲

برمنگهم

ڪا خبر مارُن جي ڪو آئي نٿو،
سور منهنجي ڪي ڪوئي ڄاڻي نٿو.

ڪر نہ نياڻين سان اهڙيون ڳالهيون عمر
اهو تنهي ڪين ڪنهن، راڄ راڻي نٿو.

ڏاڏاڻڪيون ريتون اسان،ڏيوڻُ ڪيون
سَنگُ سَانگين جو، ڪپي ناڻي نٿو.

مَارئي ويندي مَري، هِنَ گهاٽ ۾
ڪيت ريءَ "سانگي" مونکي ماڻي نٿو.

▲

وجهان ڦارون مُنهنجا مَارون
لڏي ويا لڏي ويا، چڏي ويا چڏي ويا.

ڪالهہ مُنهنجا مَارو لڏيا
ڪتي الائي پڪڙا اڏيا
ساهہ سارون... مُنهنجا مَارون.

ٽر تي مينهن وسي پيا
پرٽ پٽن تي ڦٽي پيا
تن تارون ... منهنجا مارون.

چيڙا چڙن اڏ رات جو
ڪوهہ ڪڙن سڄي رات جو
پاڻي پيارون... مُنهنجا مَارون.

ڪبڙن جون بانيون سڪيون
ميڙي ڪڻن ڪانيون سڪيون
پڪا پيرون... مُنهنجا مَارون.

منهنجي اندر ۾ اڪير آ
سڪ جي ”سانگي“ سير آ
روئان زارئون...مُنهنجا مَارون.



بيرو بينگهه

ڪان ڪان ڪندا ويحو ٿا، ڪانگا ڪيو قطارون،
منهنجي مارن کي ڏيندا ويجهو منهنجون ميارون.

هي درد دل منجهارون پيو سنگ وانگي نسري،
منهنجي سار ڪا لهو ٿا، ويس آءٌ اوهان کان وسري،
شايد نٿا ٻڌو پيا، پٽي تي ڪريان پڪارون.

مان تي ڏسان توهان کي، جتڙي رسو وسو ٿا،
اُهي ٿاڪ هن پراڻا، گس ڏئي جتان گسو ٿا،
چوڙي مال ٿا ڪيو پيا، سي تي ٻُڌان تنوارون.

پوشاڪون ڪين پايان، لوئي لاهي لايان،
سُڪي ساڳ لاءِ سِڪان پئي، زردا زَهرُ تي پايان،
بکيو بيٺ ۽ بکي آءٌ، پئن ڪير پيا ٿا مارون.

علي گل اميدون آهن، ايندا سجڻ سي ”سانگي“،
پرچي ٿي نيٺ پوندا، مونسان جهونڙا هو جهانگي،
وٺي ساڻ مون هلندا، اُترن سنديون مَهارون.

▲

واجهايان تي وَاٽ، عمر
نيٺ تہ ايندا مِنٽرا مارُو

وڃ گهر ۾ وينيون تي زالون
نياڻين سان نہ ڪر نينهن جون ڳالهيون
عورت سان ايذي آٽَ، عمر.

تنهنجو ڪٽي ڪو ننگ اي ننگي
جنگ لاءِ ٿيندين تيار تون جنگي
گهرَ کي هٽي ڪو ڪاٽ، عمر.

مينهڙا وسن ٿا ٿر ۾ ڌسان تي
مال چرن ٿا ٻر ۾ ڌسان تي
ٻَڪرين جا ٻيڪاٽَ، عمر.

علي گُلَ "سانگي" ڪيت جي آهيان
رني ناهيان ٻيو وَرُ چاهيان
آهيان ڌِنلَ اڳواٽَ، عمر.

▲

مونکي چڏيائون، چني وو چني،
آءٌ هت رهنديس، ڪيئن ڪوٽن ۾.

نياٽي نماٽي، ڪوٽ ۾ قابو،
ڳلڙن آهيان، پڃني وو پڃني.

ڪين چڏيندا، غيرت غازي،
آهيان جنين جي، وَني وو وَني.

پيٽ بکيو آءٌ طعام نہ طلبيان،
ڳيڙو ڪائينديس، ڀِني وو ڀِني.

سڪ مون سانڍي "سانگي" جن لاءِ،
راتيون آهيان، رُني وو رُني.

جڏهن وسندا مينهن ٻرَن تي
تڏهن ڦٽندا ٽوهه ٻرَن تي.

ٻڪريون ٽڪريون ڍڪنديون ڊوڙنديون
ويندئون چرنديون ٻوهه ٻرَن تي.

واچوڙن تي واريون اڏنديون
ڏاڍا لهندا شوهه ٻرَن تي.

ٻاٺي ٻَنڌُ پراهون ڏاڍو
ڪوٽيو ڪٽندا ڪوهه ٻرَن تي.

جهوپڙيون ڪکايون پکڙا پراٽا
ڪونهن پٽيون لوهه ٻرَن تي.

ڏٺ ڏنارن چوڙيا "سانگي"
ڪاهيو ويندا ڪوهَ ٻرَن تي.

▲

ٻيرم ٻينگھ

آلائي چو آباڻن ايڏا ڏينهن لاتا
ٽڪس روئي روئي اُماڻي ڪنياتا

هَنجون روز هاري ڪيم حال هيٺا
ڏينهون ڏينهون منهنجا وڌن سُورَ بيٺا
ڏوڻن ڏسڻ لاءِ آهن نيڻ آتا

ڇيلڙيون ڇڙن ڪن ٻيڪاٽ ٻَڪريون
پاڻيءَ لاءِ ٿيون ڊوڙن، ڏاڍيون هو تڪڙيون
رڻ جي راهن سان اٿم پيچ پاتا

عمر ياءُ تون ۽ منهنجو ڪيت وَرُ آ
"سانگي" جت جهانگي، اُت منهنجو گهر آ
ٿَرُ ملڪ مُنهنجو سِنڌ آهي ماتا.

▲

تون سون تي سيڻ مٽائين ٿو، آءُ اهڙي ڏوڙ نہ پائيندسِ.

وني وکڻ کين ٿا ڄاڻون، اسان غيرتمند کي ماڻهو،
ڇو ايڏو ظلم ڪمائين ٿو، آءُ اهڙي ڏوڙ نہ پائيندس.

اسين ساڳ سڪل پيا کائون، اسين ڪاڏي ڪٿي ٿا پايون،
تون ريشم خوب پيو پائين ٿو، آءُ اهڙي ڏوڙ نہ پائيندس.

هر نياڻي آهي نماڻي، جا سنڌ ۾ آ ساماڻي،
ڇو پنهنجي لڄ لڄائين ٿو، آءُ اهڙي ڏوڙ نہ پائيندس.

اسين بکَ ڏکَ جا بہ ساٿي، پئي منزل آ ڪجھ ڪاٽي،
هڙ پنهنجي تون تہ وڃائين ٿو، آءُ اهڙي ڏوڙ نہ پائيندس.

منهنجا علي گُلَ "سانگي" اياڻا، تنهنجي ظلم ڪري ڪوماڻا
ويهي گهر ۾ ڪين گهٽائين ٿو، آءُ اهڙي ڏوڙ نہ پائيندس.

▲

ببر مرينگھ

وينٺي مارن جون ٿي واتون ڏسان
نڪي پاڻ اچن نتا ماڻهو مُنجن

رنڌن پچائن پاڻ ۾ ڪائن
مون تہ بکيءَ جي سار نہ سارن
منهنجي ڪانہ سري ڪٿي بہ رُسان.

هت قيدڻ آءُ ڪي زنجير پون
هُتِ مَارُو منهنجا ٿا ملير گهمن
وينٺي قاصد تن جا روز پچان.

هي هنڌ وهاڻا ڪندا ٿي لڱن
سُٺا پورڙ پُلاءَ مون کي نہ وڻن
سڪي ساڳ جي ڪاڻ آءٌ پئي ٿي سڪان.

چا جا تيل ڦليل سينگار ڦٽيون
هتِ مون کي پيون هٽڙن ۾ ڪڙيون
آهيان بيوس آءٌ پڃي ڪين سگهان

ايڏا سُور مان "سانگي" ڪيئن سَهندس
روئي روئي علي گُلَ مري ويندس
هيڏي ڪوٽن مان پلا ڪاڏي وڃان.

▲

عمر منهنجا مارو ايندا اباڻا
ايندا اباڻا... ساهَ سِيباڻا

مونکي ساڻ نيندا، هِتِ ڪِين ڇڏيندا
وڻي نيٺ ويندا ڏوٿي ڏاڏاڻا.

عمر هونديون آهن نياڻيون نماڻيون
هونديون هُتِ ڪوماڻيون سرتيون سياڻا.

علي گُلَ انهن جا مارُن مِٺن جا
"سانگي" سَچن جا پڻي سهنديس ماڻا.

▲

پيرو پينگهه

سدا وس سنڌ ۾

سَدا وس سِنڌ ۾، سَدا وس سَاوڪ ۾
هو هاري هزار يار... سدا وس سنڌ ۾.

باغ برن ۾ پوکي جاڻي،
گُلَ ڦُلَ ۽ گُلزار... سدا وس سنڌ ۾.

غيرآبادن کي ناهي ناهي،
اَنَ کٽي تـو خَرار... سدا وس سنڌ ۾.

پوکون پچائين لابارا لاهين،
ڪيڙا قرب قرار... سدا وس سنڌ ۾

ٻيج تون مولا، "سانگي" سَباجهن
رحمت جا وَسڪار... سدا وس سنڌ ۾.

▲

هاري تيءُ هوشيار... هو هو
جوئر ۾ تي جَهارِ ... هو هو،

پوک پَچي وئي موج مَچي وئي
ڪَنُ ڪانياٺي يار... هو هو.

پرتئون پيهو ناهي ويهو
هڪلون ڏي هوڪار... هو هو.

ديشي داتا ديش ۾ سونهن
ڪيڏا قرب قرار... هو هو.

سرسبز "سانگي" سنڌڙي پنهنجي
وئڙا ڏور ڏڪار... هو هو.

▲

منهنجي ديش جا هاري، توکي لک مبارڪون،
تو پچائي پوک پياري، توکي لک مبارڪون.

آرام اڪرين جو ڦٿائي، نيهن لاتئي پوک سان،
پٺي محنت صابِ ساري، توکي لک مبارڪون.

ٻري اَنن جا منڻ هتن سان، خوش ٿـي وئي آ دل گهٽي،
آهي دل تو نـاري، توکي لک مبارڪون.

تون تـ ساٿي ٿـو سجهين، پنهنجي پياري ديش جو،
ڪئي آ رب ستاري، توکي لک مبارڪون.

انعام ۾ توکي علي گُلَ، پڳ ٻڌائيندو اچي،
جريب ويو ٻـ خراري، توکي لک مبارڪون.

▲

هلو هلو هاري هلو، هلي هر هلايو،
هر جون ٻليون تليون ڏئي، ٻني خوب ڪمايو.

آئي آهي پنهنجي هاڻي، هر جي مند آ يارو،
صبح سويلو، ساجهر سان ئي، ڏٺا يار ڏڪايو،

ڏاندن جا تون نالا ونئي، واڳ ڇڪي پيو ورجائ
سڄي هر ڪو وهندو آ پر، ڪٻي ڪو دل وارو،

تنهنجي دل آ ڳاڙهي سان، پر نهري جو ٻه نارو
ريشم جي جهل پٽ پنجوڙي، ڇيرن ڪي ڇمڪايو.

پريات اٺي ڪر تات اها تون، ذڪر ذوق نہ ڇڏ جانءِ
تنهنجي عبادت هَرُ آ هاري، توئي نينهن نڀايو.

هر ۾ "سانگي" سڀ ڪجھ آهي، هر مان لال لين ٿا،
هر ۾ آهي پنهنجي چاندي، هر مان سون اُپايو.

▲

هاري منهنجي وطن جا، توکي سلام آهي،
عظمت اَسان جي توسان، توسان ڪلام آهي.

تو تہ پنهنجي ديش جو آ، هي شان ئي وڌايو،
پورهيت ڪري تو پورهيو، ايمان ئي وڌايو،
توساڻ ئي وطن جو، آخر انجام آهي.

هر روز تون خوشيءَ سان ساجهر اُٿين سويلو،
هر ۾ ڏڪائي ڏڳڙا، تون ٿو مچائين ميلو،
ڪيو شوق پوک سان آ، توئي تمام آهي.

راتين جون راتيون رڻ ۾، روح کي وينو ريجهائين،
پرتئون پچائي پوکون، نينهن ٿو وينو نيائين،
ساري عمر تو پنهنجي، ننڊ ڪئي حرام آ.

حق ٿو ڪمائي کائين، ڪنهن کي نہ تون رنجائين،
شريعت، حديث کان تون هڪ پل پري ڪو ناهين،
صحيح دين جو مليو ڪو توکي پيغام آهي.

علي گُلَ سپاجهڙن جون ڪهڙيون ڪيان ڪهاڻيون،
ڏنيون مون اُنهن لڳن تي قاتل گنجيون پراڻيون،
بک ڏک جا ساٿي "سانگي"، طلبيو نہ طعام آهي.

ببرو بينگهه

سونهن يري سوياري، منهنجي پياري
جيئي جيئي منهنجي سهڻي ڌرتي جيئي سدا منهنجي سنڌ.

نينهن نيائبو نيٺ تہ توسان
آهيان آءٌ اقراري ... منهنجي پياري.

مربو آخر مرد تي مربو
رهبو ڪيئن مياري... منهنجي پياري.

نيٺ تہ لهندي ڪيتري ڪٺبي
هيءَ گلا جي ڪاري ... منهنجي پياري.

سرمو ڪري مان پايان اکين ۾
تنهنجي مٽي موچاري ... منهنجي پياري.

ميوا مٺا سڀ وڻندڙ تو ۾
گل ڦل باغ بهاري ... منهنجي پياري.

سورهہ "سانگي" سرڙو ڏيندا
بازي ڪٽندا ساري ... منهنجي پياري.

▲

ببر ۾ بينگھ

قدرت جو ڏسو رايو، جنهن جهان بنايو آ،
ڪنهنڪي محل مليون ماڙيون، ڪنهنڪي گهر نہ ڪڪايو آ.

هيٺي ڪي ويو ڪاٺي، هتِ ڏاڍو ڏاڍ ڪري،
ڪنهن غريب جي دانهن ٻڌي، سري ڪوبہ نہ آيو آ.

هر هاري هٿي ڪاهي، جنهن ڄمار ڏني آهي،
تہ بہ خالي گندي گهر ۾، سڄو سال ڪمايو آ.

ڪرشمو هي قدرت جو، ڏسٺو تو اکين سان پوي،
ڪنهنڪي موٽرۂ ڪاريون، ڪنهنڪي پيادو گهمايو آ.

هت عزت ملي ان ڪي، جنهنڪي مايا مَالُ هجي،
يا ڏاڍ جو ڏندو جنهن، پنهنجي هٿ ۾ هلايو آ.

هي ظلم سندا هتڙا، متي ڪين ڪٽي تا سگهون،
پنهنجي گهر ۾ ڏجون وينا، اهڙو ظلم ڪنبايو آ.

منهنجو علي گُلَ هيانۂ ڏري، ڪهڙي "سانگي" ڳالهہ ڪري،
جيڪو ظلم هتي تو هلي، سب سيني سمايو آ

▲

هٿ ۾ ڪهاڙي ڪٺي، اَجرڪ ڪلهن تي هٺي،
گهمر پيو سدا تون سنڌي پيارا، او سهڻا سنڌي توپيءَ وارا.

لوڏ تہ تنهنجي راڻا لڪ لهي ٿي، ڪسي ڳِلي تي تہ قميص ٺهي ٿي،
چيڪٽ ڪري ٿي جتي نيارا، او سهڻا سنڌي توپيءَ وارا.

جهڙي آ سنڌ سهڻي تهڙو تون سهڻو، سنڌ سان جند جڙي تون بہ من مهڻو،
نينهن جا هٺون وينا نمرا، او سهڻا سنڌي توپيءَ وارا.

تنهنجي ڏني ٿا لهڻ ڏڪڙا ۽ ڏولا، غير ڪيان مان گڏي سڀ تنهنجا گولا،
ساڙولا وڃن سڙي سارا، او سهڻا سنڌي توپيءَ وارا.

جيءُ لطيف سُهڻا سنڌ ۾ سَدائين، سنڌ سان "سانگي" چوي تون ٿو نيائين،
ٻول لکي وئين تون ٻاجهارا، او سهڻا سنڌي توپيءَ وارا.

▲

پير ۾ پينگهه

گُلَ گلابيءَ جهڙا ٻار

گُلَ گلابيءَ جهڙا ٻار
سُهڻا سُهڻا ڪن سينگار.

منڙيون ڏيندا ونندا ڏاڍيون
ذات اِنهي ۾ قرب هزار.

ننڍڙا ننڍڙا روشن تارا
قوم جا پيارا ملڪ جا يارَ.

ڊوڙون پائي رانديون ڪيڏن
پَلَ پَلَ ۾ ڪن پاڻَ ۾ پيار

"سانگي" صدقو سرڙو تن تان
جيڪي آهن جيءَ جا جيار

▲

ببرم بيسنگه

سُمهن سويرو اُٿن سويرو
سُهڻا سدورا سڀاجهڙا... ٻارَ.

پڙهڻ پريت مان وجن ٿا پيارا
ٻَچيءَ ۾ تيلهو سياڻڙا... ٻارَ.

وٺندڙ ڏاڍيون ٻوليون مِٺڙيون
ٻاتو ٻولن پيارڙا... ٻار.

خوش ٿي لکندا کيڏندا وينا
جيءَ جا آهن جيارڙا... ٻارَ.

ڏاڍا وڻن ٿا دل کِي "سانگي"
ٻورڙا ٻورڙا سانورڙا... ٻار.

▲

ٻبرم بينگه

اڇو تہ ٻارو لَغَڙُ اُڏايون،
ڪاڻا ڪيون ۽ ڪاڻا ڪرايون.

مصريءَ وارو مسالو ناهي
ڏور کي محبت ساڻ لڳايون.

لَغَڙُ اُڏي آسمان تي ويندا
اَڇو تہ گوءِ ٿا يار پڇايون.

ڪلابازيون ڏي لَغَڙُ تو مُنهنجو
ڏِسو مون ڪيڏيون گُهتون هَٽايون.

ڪاڻا ٿي ڪو، ڪري جو پوندو
لَغَڙُ ڪٽڻ لاءِ ٻار پڇايون.

لَغَڙُ منهنجو آ ڳاڙهو ڳاڙهو
منهنجي لغڙ ۾ ”سانگي“ سچايون.

▲


ببر ۾ پينگهه

بـارڙو- بـارڙو- او بـارڙو
اَکِ ٻُوٽَ جي راند رَچايون
مَاڳِ تي موج مُچايون.

ڪُٽو ڪري پوءِ اڪڙيون اُن جون
بوڇڻ ساڻُ ٻَڌايون... بـارڙو.

سينڌ تي بيهندو سياڻو ساٿي
باقي دوست ڇپايون... بـارڙو.

وڻ جي اوٽي پاڇولي ۾
لڪي پيا پاڻ لڪايون... بـارڙو.

رانديون روح ڪي راحت ڏين ٿيون
"سانگي" سِڪَ وَڌايون... بـارڙو.

▲

پبرپرينگھ

ٻارڙو پيارا پيارا... ٻارڙو
سَاھ جا سَھارا... ٻارڙو

ٻَاتِيون ٻَوليون مِنٽِريون ٻَوليون
اوھين آھيو سُهٽا سارا... ٻارڙو

قوم جا پيارا ديش جا ساٿي
مستقبل جا ستارا... ٻارڙو

ننڍڙا آھيو وڏڙا ٿـ ٿيندو
اوھانِ جا ورندا وارا... ٻارڙو

”علي گُلّ“ جو آ پيار اوھان سان
سونهن جا آھيو ستارا... ٻارڙو

▲

هلو هلو پارو هلون
هلي موهن جو دڙو گهمون.

آثارِ قديم عجب ڪو آهي
عجب ڪو حاصل ان مان ڪيون.

ٺاهي ويا ڪيئن سڀڪا سياڻا
بت نهيل چڱيءَ طرح ڏسون.

بيل گاڏيون ۽ ڦيٿا ڦرڻا
ڇٽ ساليءَ ۽ سرون سئيون.

پُرلان پٿيون ۽ دڙا دڙي جا
ڏين بيٺا ٿا شاهديون.

اُتي هلي ڪا راند رَچايون
پاڻ ۾ "سانگي" ڪلون ملون.

▲

نَنڍڙا نَنڍڙا... ٻارڙا،
وڏڙا وڏڙا... ٻارڙا.

اڇو اڇو اسڪول هلون
سَنڙا سَنڙا... ٻارڙا.

پڙهڻ سان پيار رکو پيارا
منڙا منڙا... ٻارڙا.

خرچيءَ جي لاءِ هر هر ويندا
رُنڙا رنڙا... ٻارڙا.

ٽيلهو پنيءَ تي ڊوڙندا ايندا
سنهڙا سنهڙا... ٻارڙا.

ڪلندا ويندا ٽلندا ڏيندا
ڪُڏڙا ڪُڏڙا... ٻارڙا.

ساهه ڪان "سانگي" ڏاڍا پيارا
ڪَچڙا ڪَچڙا... ٻارڙا.

▲

ٻاراٽيون ٻاجهاريون پوليون،
ننڍڙا ننڍڙا وڏڙيون ڳالهيون.

ٻارڙا گهرَ جي سُونهن وڌائن،
ماءُ پيءُ جي ٿا دل وندرائن،
سيني چڙهي ڪن چال مَچوليون...

گهرُ هٿن سان پاڻ ئي ڪن ٿا،
راند ڪيڏڻ جا سي راند يڪا،
تيسين روئندا جيسين ڳوليون...

روڻ تنين جي راحت پائجي،
کلڻ کي خوش ڪا قسمت پائجي،
امڙيون ڏين ٿيون منڙيون لوليون...

کيرَ ۾ کَنڊَ مِلائي پيا پيئن،
پهراڻ پريل پوشاڪون پائين،
ننڍڙا چولا ننڍڙيون چوليون...

خوش هجن شل سُهڻا "سانگي"
شَهرَ ۾ شَهري توڙي جهانگي،
سَيُ سَٽايون سَيَ جون سوليون...

بيرم بينگھ

دل وچ درد هزاران

سرائڪي ڪلام

دل وچ درد هزاران، دل وچ درد هزاران،
اکيان رو رو ٿڪيان، ڪيوين عمر گذاران.

ڪٿان دل چا لڳڙي، ڪٺ مين هان بيوسڙي،
پئي مين پلپل پڪاران، دل وچ درد هزاران.

ماري جندڙي مين پئي هان، ساري اجڙي مين ڳئي هان،
ڳوڙهي ڳليان تون هاران، دل وچ درد هزاران.

ڪنهنڪون حال سڻاوان، ڪهڙي پاسي مين جاوان،
وڇڙي ڪونج قطاران، دل وچ درد هزاران.

عليَ گُلَ وس نهين چلدا، "سانگي" ڪوئي نهين سڻندا،
ٻيٺي هٽڙي مين ماران، دل وچ درد هزاران.

▲

پيرو پينگهه

جادو کرگیا جاري، منتر ماري.
جوگي چاگیا دلڑي میڏي، جوگي چاگیا دل.

مندڑا ماري بین بجاوي، ہم ہم سانکون ہول سٹاوي،
دلڑي دوست ڈتاري... منتر ماري.

پلپل ماریا پور اسانکون، چشما کیتا چور اسانکون،
زنگي زلف سنواري... منتر ماري.

عشق پیا میکون کاوڻ آوي، کیوین کران آرام نہ آوي،
کالي رات انڈاري... منتر ماري.

یار نہ هووي کنهن دا رُسٹا، بٹکي ناچو پئندا نچٹا،
یار مناوڻ زاري... منتر ماري.

حال اندر دا کنهن کون ستاوان، خون جگر دا پیني کاوان،
چٹنگ لگي چوڈاري... منتر ماري.

عشق علي گل ڈاڍا اوکا، سور سهڻ کو "سانگي" سؤکا،
بار بِرهُ دا باري... منتر ماري.

▲

اِٿ عشق دي ڳالھ پئي چلدي اي،
ڇوڙ قاضي يار ڪتابان نون.

عشق فقيران پيران ڪيتا،
نِينهن نِوايا نوابان نون.

عشق خُداني خودِ ئي ڪيتائي،
جو جاٺي ڏوھ ثوابان نون.

عشق بنان اي دين بہ ڪوڙا،
اسان پڇسون ڪونہ حسابان نون.

عشق علي گُلُ "سانگي" آيا،
اسان ڇوڙيا يار حجابان نون.

▲

●

جڏهن عشق لڳا، تيڏي نال وي نال،
ميڏي اُڙ ڳئي ني ووخودي دي خيال.

عشق دي سانڪون ڪل نا هائي،
عشق لڳا هڻ جاڻ پيائي،
اڳ مين هياسي چن آبدال...

ميڏي اندر دا نہ ڪنهن ڪون پتائي،
لوڪ دي ليکي يوڳ لڳائي،
عشق اسانڏي ڪتي اي حال.

عشق درياه ڪو ڪڙ نہ ڪنارا،
واپس وه پوي اُلٽا سارا،
عشق دي هوندي اُلٽي چال.

خوف اندر وچ بہ ڳيا سارا،
ويکڻ نال تيڏي او پيارا،
ڪرما والا ڪريندائين يال.

علي گُلُ "سانگي" ادلا گدلا،
ٿئين آ پوايا سرما ڪجلا،
رنگڙا لاوين ڪريندائين لال.

پیر م بینگھ

عشق ڪريندائين ڪيون ڏر ڏرڪي،
عشق تہ ڪر چڙھ ڪوني وي يار.

رات دا روئن مسڪن ڪهڙا،
جيئڻ ڪيها اهو مر مرڪي...

مارئي وچڙي ولر وچون آئي،
ڪونج وانگي پئي ڪر ڪرڪي..

سسئي دا ور يار ڄليا ڳيا،
چوٽ جبل ڳئي چڙھ چڙھ ڪي.

علي گلُ "سانگي" يار اسانڪون،
جام پلايا ڀر ڀر ڪي.

▲

مين رو رو اُڏاران ڪانگي
مينڪون سڄاڻان دي ڏاڍي تانگي.

جت چيلڙي چڙ وچ چرندي
جت پرٿ پٿيان وچ پرندي
جتان چوھ نان پڄندي چانگھي.

ميڏي لاڏو لڏ نا جاون.
پڇي ھٿ نا ميڪون آون
ويندي بار پٺي چا چانگي.

مين سڄڻان ڪن "سانگي" وسيان
ھڪ پل بہ اِتان نہ مين رھسان
مين لنگھ ويسان ڪل لانگھي.

ببر ۾ بينگه

کڏهن يار کر وچ، جوڳي والا ڦيرا،
دردان دا تي ڳيا، مين کن هي ديرا.

مدتان ٿيان هِن، وطن ڳيئين وساري،
حشر هَڻ چوڙي هِن ميکان عشق زاري،
ولِ تون ولا آ ساڳا کو ويرا.

اگَڻ آ تون ميڏي، چڙھ گهوٽ گهوڙي،
ساڏي نالِ تيڏا جاني کو جوڙي،
ٻڌ آ تون سُهٽا، متون سر تي سَهرا.

گهڙي ڏون گهڙي دا جهلکا تہ کر وچ،
کجھ ٻوجھ دل دا هلکا تہ کر وچ،
پا وچ کا جهاتي، ڏکا وچ تون چهرا.

علي گُلَ اميدان، کيوين مين لاهان،
مرندي گهڙي تائين چئيسان مين ساهان،
نيٺ يار ٿيسي "سانگي" سويرا.

▲

ببرم بينگه

مين تيڏي ڪاڻ اِتّ هان ڪرّي،
ڪران درشن گهرّي ڏون گهرّي.

تين تي ڪتليان هن پابنديان،
ميڪون ملڻ نہ هن ڏينديان،
تيڏي نان ميڏي دلڙي اڙي.

عشق تيڏا ٻهڻ نا ڏيندئي،
ڪتّان ميڪون رهڻ نا ڏيندئي،
لڳي قرب تيڏي دي ڪرّي.

عشق ڏادا ڏکيا هي لڳا،
چين آرام ميڏا ڳيا،
تيڏي نال ڦاتي هئي جندڙي.

آڪي علي گُلُ سانگي ڪيا آڪان،
تون تہ ڏادائين سُهٹا ميڪان،
ميڏي ماندي روندي دلڙي.

▲

بير و بيسنگھ

آڌي راتِ دا اُٿ بَہ تيڪون سڏڙي يار ڪريندا هان،
جڏهن نہ ڏيندين ولدي وا ڪا، رو رو حال وڃيندا هان.

ننڊ بہ ميڪون آويندي اي، خواب اکيان تي چڙھ آؤندي هن
خواب ئي آخر خواب هوندي هن، اک جڏهان مين پٽيندا هان.

در ڪولي پيا باهر ويندان، ياد تيڏي ڪون پليندان پيا،
قسم خدا دي دل تون نہ لهندئين، حيلي لک مين هليندا هان.

پکي پکٽي بہ ننڊ پئي هن، سارا لوڪ ستا پئي ٿيا،
مين هان جو هڪ رُليا وتدا، چين اکيان دي وڃيندا هان.

علي گُلُ "سانگي" شل نہ ٿيوي، ساعت دا محتاج ڪوئي،
وقت نہ ڏيندا ساٿ ئي ميڪون، چَپُ پِڪوڙ ڪٽيندا هان.

▲

كول درد مين دل دا بهسان سانولڙا
تون ميڏي اڳون پيا روسين
مين تيڏي اڳون پيا روسان.

هكڙا هو وي سور سيني وچ، تيكون يار سڻاوان
كول اندر كون چير چاقون نان تيكون يار ڏكاوان
تت پؤسين جگر مر ويسان.... سانولڙا.

اجايا تيڏيان سهڻيان سهڻيان اكيان تي ويسن آليان
تنهن كون چگاهي پچ نه تون ميكون ڏك سكْواليان ڳالهيان
كيا گذري پيا گذريسان.... سانولڙا.

چيڙ نه درد مندا كون درد كليا كِل كلُويسي
تون پيا روسين مين پيا روسان كير پلا پر چيسي
كر چپ مين وقت كٹ سان.... سانولڙا.

مدت كون تيڏي كاڻ علي كل كران پيان هيني پكاران
مَس مَس ميكون يار مليائين كهڙيان ڏيوان مياران
سب "سانگي" پيا سرتي سهسان.... سانولڙا.

▲

ببر پرينگهه

(ٻہ سٽا)

نٿي اَچي ننڊ رات هجي يا ڏينهن
توسان لڳو نينهن، سڪَ "سانگيءَ" کان ويا.

نٿي اَچي ننڊ نٿي ڪٽي رات
"سانگي" جيئن سڪرات، سمهڻ سُورَنٿا ڏين.

نٿي اَچي ننڊ نہ اچي ٿو آرام
سڄڻ صبح شام، آ تنهنجي طلب تن ۾.

نٿي اَچي ننڊ نڪي سنيران سڪَ
ڏکن پويان ڏک، ٿيا "سانگي" مون نصيب ۾.

▲

ببر ۽ بينگھ

اکين اوجاڳن ۾ ڪيئي ڏنا چَندَ
ناهي ڪا نندَ، "سانگي" مون نصيب ۾.

گذري ڏينهن ڏکن جو وري موٽي آچي رات
پوءِ نہ پڇو بات، سُورَن جي "سانگي" ءَ کان.

تيئن نہ مُنهنجا سُپرين، جيئن آءٌ آهيان
جيڪر جيئن چاهيان، تيئن نہ ڪن مُنهنجا پرين.

°ويجان ٿو ويجان هي، ڇڏيون اوهان جو ديس
ڪارو ڪيون ويس، "سانگي" ڪنيون سُورڙا.

▲

ٻيرم ٻيسنگھ

وَج نہ مُنهنجا سُپرين تـيَ مُنهنجي دل جَهلي
سَيُ "سانگي" سُورَسَلي، پوءِ مو ڪل گهر مُنهنجا مِنا.

وَج نہ مُنهنجا سُپرين اج رَهي پئہ رَاتِ
تہ پُوري ڪَريان بَاتِ، سُورن جي "سانگي" چوي.

وج نہ مُنهنجا سُپرين آهي توسان مُنهنجي دِلِ
پَري چاتي مِلُ، تہ لاهيان سِڪَ سَالن جي.

وج نہ مُنهنجا سُپرين، ڏس اَجان پئي آ رات
پِرهہ ڦٽي پِريات، پوءِ وڃجانءِ پنهنجي مَاڳَ تي.

▲

ٻيرم ٻينگهه

ڳولهيندي سَڄڻ توکي، ويو گذري سارو ڏينهن
پيو وسي مٿان مينهن، "سانگي" ٿو سڏڙا ڪري.

ڳولهيندي سڄڻ توکي، هاڻي لڙي آهي شامَ
آهي "سانگي" تُنهنجي سامَ، مل تہ مانداڻي لهي.

ڳولهيندي سَڄڻَ توکي، اَڄي ڪُٽي آهي رَاتِ
پرهہ ڦُٽي پِرياتِ، ٿو سِڪي سَڏ "سانگي" ڪري.

ڳولهيندي سڄڻ توکي، ويا ڪيئي لنگهي ڏينهنَ
ناحق ڪيو نينهنَ، "سانگي" سکَ وڃايا.

ڳولهيندي سڄڻ توکي، اَڄي پورو ٿيو هفتو
منهنجو ڦري ٿو مٿو، هاڻي مل تہ مانداڻي لهي.

ڳولهيندي سڄڻ توکي، اَڄي مڙيو مهينو
منهنجو سڙي ٿو سينو، تنهنجي سِڪَ ۾ "سانگي" چوي.

ڳولهيندي سڄڻ توکي، مون ڪيئي ڏٺا چنڊ
ناهي ڪائي ننڊ، مل "سانگيءَ" سان تون سُپرين.

ڳولهيندي سَڄڻ توکي، اڄي پورو ٿيو سال
تہ بہ "سانگيءَ" جو سوال، مل تہ مانداڻي لهي.

پيرم پينگهه

ٻرين تنهنجي پيار جا ٽا پلپل پون پورَ
تنهنجي انهيءَ سُورَ، ”سانگي“ سکَ وڃايا.

پکڙن ڏاڍو پيار ۾ ٻرين پڄاڻا پُورَ
ڏنا توجي سُورَ، سکَ ”سانگي“ ءَ کان ويا.

اندر ۾ اوطاقون برهه ٻاري ٻکَ
توجي ڏنا ڏکَ، سکَ ”سانگي“ ءَ کان ويا.

محبت آ ماري ڪيو، مٿيءَ هاٺو ڍيرُ
عشق پاتو پيرُ، سکَ ”سانگي“ ءَ کان ويا.

اُڏري ويا اکين ۾ دلڙيءَ سندا چينَ
توسان لڳا نينَ، سکَ ”سانگي“ ءَ کان ويا.

اَرڏايون اُڏري وَيون، ڪَيو مَحبت آهي ميڻ
توسان لڳا نيڻَ، سکَ ”سانگي“ ءَ کان ويا.

وينم درد فراق ۾، راتيون ڪري ڏينهنَ
تنهنجي اَچي نينهنَ، ”سانگي“ سکَ وڃايا.

▲

پيرم پينگهه

(تـہ ستـا)

وڃ نـہ مُنهنجا سُپرين ٽيو مَس مَس آ ميلاپ،
"سانگي" چوي سڄڻ ڪوٺان جيءَ جياپ،
ويهي چُپ چاپ، ڪو ڪريون قرب پاڻ ۾.

وڃ نـہ مُنهنجا سُپرين ٽيو مَس مَس آ ميلو،
مُور نـہ ڇڏيندو منڙا توکي علي گُلُ اَويلو
ٽئي صبح سَويلو، پوءِ وڃجان پنهنجي ماڳ تي.

وڃ نـہ مُنهنجا سُپرين ٽيو مَس مَس آ ميل،
علي گُلَ کي عشق جو هٽي نرمل ڇڏيءَ نيل،
اڃان شروع ڪيل، پرين نـہ ٽيو آ پيار جو.

▲

سجڻ تنهنجي سورن جي ويڏن وئي مچي
علي گُلُ ويو عشق ۾ پتنگَ جيان پچي
ڪر قرب ڪو اَچي، مل تہ ماندائي لهي.

سمجهہ نہ ڪنهن ڪي سُورَ جي، سَڙي تون ويندين
عشق نہ مرندو علي گُلَ، مري تون ويندين
وسري تون ويندين، توڪان وسرن ڪين ٿا.

"سانگي" سُڪَ وڃايا، ناحق ڪيا نينهنَ
ساجن سِڪَ گهٽي وَري مٿان وَسن مينهن
ڏُکيا سُکيا ڏينهن، آءُ تہ گذاريون پاڻ.

▲

پير ۾ پينگهه چٽيا پن چوهه ۾
ميڙا متا ماڳ تي، نينهن ڏني نينديءَ
سارا سڏيا سيند، ماڳين موتي مند آ.

ميندي ساوا پن، تارن منجهه تلن
سنها سڪا پيسجي تا پاٽي منجهه پون
ڪي هٿن ۾ پيرن، چٽيا چوڏهين گهوٽ ڪي.

ڳالهيون ويهي ڳجهه جون، ٻڌ پرين ويهي پاڻ
نبري ڪين "سانگي" چوي نينهن نياپن ساڻ
آنءُ تہ تُنهنجي ڪاڻ، سڪندي سال گذاريا

سڪيو ڪيئي پاڻ مون سِڪَ ۾ گهاريا سالَ
آءُ تہ ٻڌايانءِ علي ڳُلَ چوي اڪين ڏنا احوالَ
تُنهنجي وئي هي حال، سڪَ بہ سَاتُ ڇڏي وِيا.

پير ۾ پينگهه

"سانگيئڙن جي "سانگي" چوي ڪا ڪانگا ڳالهه ته ڪر،
ٻولين ٿو ٻاجهارو ڪا آهي خاص خبر
ڪهڙي حال حشر، هيا مارو مٽ ملير جا.

منهنجو مُلڪ مَلير، ڪيئن ڪوٺن ٿيان ڪِني
وساري ويهي رهيا هِتِ ويڳاڻي وَني
ڇاڪئون ڇڏيائون ڇني، مونکي "سانگي" سانگين ساٿ مان.

عمر نہ ميحن آڻ، جهانگي منهنجي جهنگ جا
رُکي سُکي کائن کٽي، ڪڏين نہ ڪنهنجي ڪاڻ
اِجهو آيئي ڄاڻ، مارُو مِٽَ مَليرَ جا.

ڪانگُل قربن کي وجي چئجو خاص خبر
علي گُلَ آهيان اوهانجي، ٻَرَ ڪانهي ٻي واهَر
بيوس بند دَرَ، آءٌ اچڻ ڪاڻ آتي آهيان.

▲

ٻيرو ٻينگهه

آءُ تہ ڪيون اَڄ نينهن ۾ نت نت ويهي نوشُ
جاني ٿو جلائي مون کي جواني وارو جوشُ
علي گُلَ رهي نہ هوشُ، اَڄ ٻِيارُ ڏي اِهڙو ٻِرين.

پيارُ ڪهڙي آ چيز. ڪجي موت بہ ٿو منظورُ
سڪ جڏهن سَرسُ ٿئي نِسري پوي ٿو سُورُ
علي گُلَ مذڪورُ، پُڇُ مجنونءَ کان مَحبتَ جو.

صدقو ويحان سونهن تان آهي سونهن سردارُ
علي گُلَ خبر انهن کي جن کي مليو پيارُ
دلبر جو دِيدارُ، مشتاق ٿو ماري وِجهي.

▲

ٻير ۾ ٻينگهه

سيني وصفين سهڻو، وري سهڻا ڪرين سينگارَ
غضب اکڙيون اوهانجون، علي گُلَ لاءِ آزارَ
ڇهري جي ڇوڏارَ، وَارَ وڇائي تو ڇڏيا.

محفل سندو مورُ، جڏهن ٻڌي آچي موڙَ
ڏِسڻ وَٽان علي گُلَ، پوءِ جانب سندي جوڙَ
ماٺهو ٻيا ٻه ڪوڙَ، پَرَ ٻَري ڪان پَڌرو پرين.

اکيون عجب تنهنجيون، ڏاڍيون يار ڏکيون
شوقيون وتن شِڪار لاءِ، اهي برهه ۾ ٻُکيون
ڪنهن ڪان يار سِکيون، اها ڪُهڻ ڪار ڪاسائڪي.

نرمل ڪنيا نيڻ، اَچ ڪولي يار نقابُ
علي گُلَ منهنجي دلڙي، ڪئي آ قرب ڪبابُ
لٿو حسن تان حجابُ، ملي موڪل آاَچ پيار جي.

▲

ببر ۾ بيٺڪ

عجيب نـ ڏسان اکين سان، هي کهڙو آ ڪَلُور،
علي گُلُ چوي سچڻ جو، نـ ٿو سَهي سگهان سُورُ،
هي پرينِ سَندو پُورُ، پيو ٿو ڪوري ماس هڏن تان.

منهن نـ ڏسان محبوب جو، هي کهڙو آ قهرُ،
علي گُلُ چڏيندو ڪين ڪي،هي دوست اوهان جو دَرُ،
مون تي مهر نظر، چوي "سانگي" ڪر ڪا پنهنجي.

ملڻ ريءَ مونکي منا، چو مُفت ٿا ماريو،
هن زندان جي زندگيءَ کان، چو نـ زَهرُ ٿا پياريو،
هاڻي ماريو يا جِيئاريو، آهي علي گُلُ وَسِ اَوهانجي.

اَج تـ آءُ عجيب تون، ڪري قرب واري ڪَهَـ
پيار ڏئي پيار وٺون ٿيون لالڻ لهَـ پَهـ
جيئن ڪتيل تي ڪبهـَ، تيئن ڪونئڙا ٿيون بئي قرب ۾.

▲

ببرو بينگهه

چڏيو عشق اوهان جي مون کي ڪري دربدر،
"سانگي" روز سُورن چڏيو بنائي بي خبر،
باقي هيءَ عمر، آءٌ تہ گذاريون پان ۾.

وينو اوهان جي واٽ ڏسي پيو ڏسان،
"سانگي" روز سَجڻ لئہ سِڪي پيو سِڪان،
پُڇي پيو پُڇان، قاصد تنهنجي قرب جا.

عيد ۾ ٿي وئي عيد اَڄ محبوب ملڻ آيو،
علي گُل چوي "سانگي" ڪري ساڄُهر ئي سعيو،
جنهن سيني سان لايو، اَڄ عيدَ مُبارڪَ چئي ڪري.

عيد تہ آهي جڏهن اَچن ٿا عجيب،
علي گُل چوي "سانگي" مُنهنجا وڏا ٿيا نَصيبَ،
مُنهنجا محب مجيب، اَڄ آيا خاص ملڻ لاءِ.

عيد تہ آهي عيد، جڏهن واري اچن واڳَ،
علي گُلُ چوي عشق ۾ مُنهنجا ڀلا ٿيا ڀاڳَ،
آءٌ چو نہ ڳايان راڳ، جنهن آ ملي عيد ملهائي.

عيد ۾ آهي عيد جڏهن الله اچن اوءِ،
علي گُلَ اکيون لـرنديون جي سجڻ هوندم سوءِ،
پرين پسندي پوءِ، عيدَ بَرابرَ عيدَ ۾.

سَڄڻ تُنهنجي سِڪَ ۾ ٿو ناحق نينهن ڪري
علي گُلُ چوي عشق ۾ ٿو دلبر دم نڪري
پل نہ ڪو پري، ڪر ويجهو تون وجود ڪان.

ٿو ناحق ڪري نينهن، سانگي" سمهڻ ڪين ڏي
هئي هئي حشر هينئڙي رات هجي يا ڏينهن
شوق ڀريو شينهن، ٿو وجهي وات وڏا ڪري.

ٿو ناحق ڪري نينهن، "سانگي" سمهڻ ڪين ڏي
وڏي ماس مرونءِ جان، شوق ڀريو شينهن
تنهنجو هڪڙو ڏينهن، مون لاءِ ورهہ ٿيو وري.

نڪري ويو سَنُ، "سانگي" سنڌ سنڌ مان
نڪي اچن پاڻ نڪي لکن خط
هِت رونان رت، هُتِ پرواهہ ناهي پرينءِ ڪي.

▲

ٻير ۾ ٻيٺڪ

محبت عيوض مونکي، مِليا مِهڻا ئي مِهڻا،
بدلي "سانگي" سڪ جي مليا مون کي سُورَ گهڻا،
آءُ تہ ڪيون ٻيڻا، ڪي ڪري قرب پاڻ ۾.

سگهو مون سڄڻين ڏج ويندڙ وڃين ڏاهہ،
علي گُلُ "سانگي" عشق ۾، پَڇي ٿيو آ پاهہ،
هُتِ هو همراهہُ، وينو آهي واٽَ تي.

اَڇي حال حقيرَ جو، پرين پاڻ تون پَسُ،
علي گُلَ سان عشق ۾ ڪاءُ قرب واري ڪَسُ،
توڙي ڪيان وسُ، تہ بہ ويل نہ وسرين ٿو منا.

سڄڻ وئين مونسان ڪا ڪري هٿ ڪَس،
علي گُلُ چوي عشق ۾، ڪري وڏا ڇڏيءِ وَس،
هاڻي توسان يَرَ جَسَ رهندي ڏينهن قيام سين.

هڻان هوڏ حبيب سان، آ مون ڪي ڇا مَجالَ،
علي گُل چوي عشق ۾، توڙي سَڪندي ٿيام سالَ،
هِتِ ههڙا ٿيئڙم حالَ، هُتِ پرين پرجي ڪين ٿو.

▲

ببر ۾ بيسگھ

منٿون ميجي مهنجون اَج سڄڻ پٺو سَرچي
عليگُلتوآزيون ڪري،وجهيڳارومنجهہ ڳچي
بريس ٻو پرچي، اَڄ نالي نام ڏٽيءَ جي.

رڳو اٽئي ڪار ڪهڻ جي. چوآهين ٽيو قصاب
علي گُلَ سان عشق ۾ ڪهڙو رکيو ٽي حسابُ
لاهم، يار حجابُ، مل تہ ماندائي لهي.

اَندر ۾ عشق جو شوق وڌو آ شينهن
نڪا ننڊ نہ چين رات ٻہ مون لاءِ ڏينهن
توسان لڳو نينهن، سڪ "سانگي"ءَ کان ويا.

▲

ببر ۾ بينگھ

سچڻ چئي ڇا چوان، ڪيو نينهن تنهنجي نابود،
علي گُل چوي عشقَ، ڇڏيو ويچائي وجودُ،
هاڻي منزل مقصود، پرين پڄائج پاڻ تون

سچو ڏينهن سچڻ، تولئه سڪون ڏيون ساهه،
ايندين ڪڏهن علي گُل چوي ڪا قربئون ڪري ڪاهه
ويو ڏسان راهه، اڄ نه عيدون يار تِنِ.

وِره جي ويڌان مِر، مان، نه تو رهان ڇاق،
عجيب تنهنجي اکين سندو، هيان آءٌ مشتاق،
هي قصو دردناڪ. هي علي گُل منهنجي عشق جو.

پل پل ننڊيون پيار ۾ ٻسيو تيون ٻَس،
"علي گُل" اکڙيون روئڻ ڪار، مورئون ٻس نه ڪن،
ڏکايون ڏِسن، جي نه ٿيون ٻنهجي برين ڪي

ببرو بيگم

سيني منجهہ سُورَ، نَٿا سانڍِجن سمنڊ
"علي گُل" اوجاڳن ۾ ڪيئن ڏٺا چنڊ
ناهي ڪا ننڊ، "سانگَي" مون نصيب ۾.

ٿو وهي آب اکين مان جيئن ساوڻ وارو مينهن
علي گُلؕ چوي عِشقؕ اِيئن جيئن گَگي ويٺو شينهن
تيئن تنهنجو نينهن، هٿي نعرا ٿو نروار ٿي.

نٿي ڪٽي رات، نٿي اَچي ننڊ
"سانگَي" چوي سورن جا نٿا سانڍِجن سمنڊ
تنهنجي چانڊوڪي چنڊ ،ٿي ويتر جهوري جيءَ کي.

▲

ٻيرو ٻينگهه

وڏو جهوري جيءَ کي، اَڄ وسي ڪري ٻوند
"سانگيءَ" چوي سڄڻ، جي هيڪر اچن هوند
تہ ڪيئي ڪسن ڪونڌ، منهنجي پرينءَ جي پيراند ۾.

هلي شال اَچن، "سانگيءَ" سي سپرين
ڪاريون راتيون قرب گهٽو مر پيا مينهن وسن
مون سان گڏ رهن، ڪي سڄڻ سال برابر.

دڳن ۾ ديدون، هنيون مون حبيب لاءِ
سڄڻ اچن "سانگي" تہ اکيون ڪن عيدون
دل جون اُميدون، مان پسڻ سان پوريون ڪيان.

▲

ڪجل ري ڪهنديون وتن، اِهي عجيبَ تنهنجون اکيون
اِهي ڏِٺ ڏاراٽا، ڪنهن ڪان يارَ سِڪيون
وجهي ٻڪَ ٻڪيون. چوي "سانگي" مون کي سڪ جا.

عجيب تنهنجي اکين، ڪيئي مُنا مشتاقَ
نينهن چاڙهي چوٽ تي، پوءِ چڪائن تيو چاڪَ
اندر ۾ اوطاق، اڏين علي گُلَ تيون عشق جي.

عجيب تنهنجي اکين ۾، آهي برهه واري ٻُڪَ
علي گُلَ کي عشق ۾ اَچي ٻٽا هنيون ٻڪَ
ماٺهو تہ ڪيئي لکَ، پَرَ تو ۾ قربَ ڪمال جو.

▲

حبيب آ هلي تون، اَج لاهي دل جا دپ
تي ويئڙا درد هزارين، ڪجي ڪهڙي يار ڳٽپ
ڪانهي "سانگي" ڪاسُهپ،مون مر اَحا، سُور سَهڻَ جي.

حبيب آ هلي تون، اَح ڪري ناهہ نَهون
"سانگي" چوي سجڻ ڪي ڏک ڏوراپا ڏيون
ويهي ڪي ڪيون، ڏڪيون سڪيون ڳالهڙيون.

حبيب آءَ هلي تون، ڪي ڪري ناهہ نهون
"سانگي" چوي سڪ سين ڪي راتيون گڏ رهون
قرب ڪي ڪيون، پنهنجا پرين. پاڻ ۾.

▲

ناراض نہ ٿيءُ تون يار، اَج ٻُڌ هي خاص خبر،
"سانگيَ" ڇڏيون ويٺي ٿو هي تُنهنجو يارَ شَهرُ،
منهنجو ڏکيو ٿئي سَفرُ، سکيو رهہ ڀل تون سدا.

ناراض نہ ٿيءُ تون يار، توکي بخشُ آهي شهرُ،
مان تہ ڇڏيون ٿو ويان، پنهنجو بہ يارَ گهرُ،
تنهنجي وري در، علي گُلُ ايندو ڪينڪي.

ناراض نہ ٿي تون يار، اسان وري نہ ايندا سين،
آهي پيار ڪرڻ پاپ، وٺي واڪا ڪندا سين،
وٺي "سانگي" چوندا سين، وٺي محبت مري هن مُلڪَ مان.

▲

ٻيرم ٻينگھم

(چوسٽا)

چا پڇندا منهنجي پنهل سان تخت ڏٽي تونگر،
مصريون ماکيون ملائجن کٽي شوهارا شکر،
ميڙي اڇجن محبتي ڀلي دوست ۽ دلبر،
تہ ڀي قرب ۾ ڪثر، آهي سَڄڻ منهنجو سيَن ۾.

چا پڇندا منهنجي پنهل سان، تخت ڏٽي تونگرَ
اُنڙا آريءَ ڄام جا، پيا جهومان ڏين جُهونگر
علي گُلُ چوي عشق ۾، آءٌ ڏوريندس ڏُونگر
هُو هُو ڪري هُونگر، وڃي ووڙي لهندس وَرَ ڪي.

چا پُڇندو مُنهنجي پُنهل سان، توڙي چوڏهينءَ چڙهي چنڊ
سُونهن ۾ "سانگي" چوي مُنهنجو سَڄڻ آهي سمنڊ
علي گُلَ آهي عجيب وٿ ڪو محبت وارو منڊ
مِصريون مَاکيون کنڊ، تہ بہ مِنو مِٺاڻ کان مِنو.

▲

جي ٿا قُرب ڪَن، سڄڻ مُنهنجا سپرين
وڃي ڪنهن ولايت ۾ راتيون گڏ رهجن
سُرهي سيج پاسي ۾ "سانگي" سُکَ هجن
اسين ساڻ پرين، هجون برابر ڏينهڙا.

عشق تہ ناهي راند، جو ڪيڏن ٻارڙا
اوکي بازي عشق جي، مَتان ڪير ڪهاند
"سانگي" سِنُون سرن جو عشق جي وهواند
جنهنجي پريت پئي پاند، سي سُک سمهندا ڪين ڪي.

ڏور لاتا تي ڏينهڙا، وڃي چاڪئون يارَ يَڪي
شايد تو تہ ڪري ڇڏي، وڃي پنهنجي دل پڪي
علي گُلُ چوي عجيبَ اينن، توکي جڳائي نڪي
پراڻئي ڳالھ حقي، مان تہ ويندو سانءِ مري ڪري.

▲

هلي آ حبيب تُون هانئي جو هانئي
سِگهو طرف "سانگيءَ" جي لالڻ لاڙڪاني
احسانُ علي گُلَ تي ڪيو جواني شل مانئي،
توڪي الله شل آڻي، تہ دودائيءَ ۾ ديدار ڏئي.

حبيب آ هلي تُون رهون هڪيئي سان همدوش
علي گُلَ کي عشق ۾ ڪو ناهي رهيو هوش
"سانگي" چوي سورن ۾ رهان ڪيئن خاموش
لاهي پردو پوش، مل تہ ماندائي لهي.

حبيب آ هلي تون آهي جيءَ اندر ۾ جڪ،
پيار سوا نہ پوري ٿئي اِها بِرهَ واري بُک.
علي گُلُ چوي عشق ۾ ڏٺي ... ڏا وئين ڏک،
توريءَ ... سک، موڙئون ملندا ڪين ڪي.

ببر ۾ ببنگھ

نہ ڪڻ نيڻ خمار مان، نہ کولي ويهُ نقابُ
سڄڻ تنهنجي سُونهَن جو، ڏاڍو تکو آهي تابُ
"سانگي" چوي صورت ڏسي، منهنجي اکڙين آندو آبُ
تي بيحد بي حجابُ، تا ماريو مشتاقن کي.

نہ ڪڻ نيڻ ڪري مون ڏي، اهي نرمل نماڻا
ماري نہ وجهن مونکي منا، تنهنجا موهيندڙ ماڻا
علي گُلَ عشق چريا ڪَيا، ڪيئي راڻيون ۽ راڻا
سياڻا ۽ سياڻا، تي سوگها ويا ان سِڪَ مان.

ڏس نہ مون ڏي سپرين، ڪٿي ڪجلدار اکيون
تکا تير هٽي ڪڍن، ڪنهن کان بار سکيون
ويندن سان وڙهنديون وتن، ڏاڍيون سايان ڏکيون
وجهي ٻڪَ ٻڪيون، جوي علي گُلُ مونکي عشق جا.

▲

اکين جون عادتون آهن اڙانگيون،
پاڻ ڏاڍن پرين سان وڃي وارا ڏئي وانگيون،
پڇي نہ سگهان "سانگي" ڇوي هُتِ سوليءَ جون سانگيون،
اُتي نينهن چڙهيون نانگيون، جت حجت ناهي حبيب سان.

اکين جون عادتون ٻيلي متي نہ سگهان آنءُ،
دوست دل کسڻ جو الائي ڪٿان سکيون ڏانءُ،
آءٌ تہ "سانگي" پيو ڏجان جيئن ڪمانَ ڪان ڪانءُ،
مُنهنجو علي گل هيٺو هنيانءُ، هو ٽيون رِندن سان رَانديون ڪن.

اکين جون عادتون مورئون متڻ جون ناهن،
جوڏن سان جلدي وڃي جهيڙا ٽيون لائن،
علي گُلُ ڇوي "سانگي" مون کي ڏاڍو ڏکائن،
وڃي اُتي پيچ پائن، جتان مورئون موٽڻ ڪين ٿئي.

اکين جون عادتون مورئون متڻ آ مشڪل،
ملي ديد ديدن سان پوءِ هٽڻ آ مشڪل،
ڪُتا ڪير دل ۾ پوءِ پٽڻ آ مشڪل،
"سانگي" چڙهي سوليءَ تان پوءِ موٽڻ آ مشڪل.

▲

ٻير ۽ ٻيسگهه

آءُ تـ سڄڻ پاڻ ۾، ڪي ڪري ناه نـهون
ڏاڍا هڪ ٻئي کي ڏک ڏوراپا ڏيون
"سانگي" چوي سڪ سين، ڪي راتيون گڏ رهون
ويهي ڪي ڪيون، ڏکيون سکيون ڳالهڙيون.

توريءَ سڄڻ منهنجي، ٿي ساعت ڪانـ سري
انئي پهر منڙو پيو، تو لاءِ محب مري
هج ساڻ "سانگي" چوي مونکان پل نـ ٿي پري
اچ ڪو قرب ڪري، تـ گڏ گذاريون ڏينهڙا.

ڪڻ ڪي نيڻ خمار مان، اچ کولي ويھ نقابُ
کهڙو ليکو يارن سان، کهڙو آ حسابُ
علي گُلُ چوي عشق ۾، آچا جو ڏوھ ثوابُ
ٿيءُ بيشڪ بي حجاب، تـ يل مُشتاق ئي مري وڃن.

ببرم بينگه

چوڏهين جو چنڊ جڏهن چڙهندو
آهي تہ چانڊوڪي رات ۾ سڄو
سنسار نور جيان اجرو ٿي پوندو
آهي ڪائنات جي هر شيءِ جرڪي
پوندي آهي چاهي املتاس جو وڻ
هجي يا گلاب جو گل نازبوءِ جو ٻوٽو
يا رات جي راڻي.

شاعر جي فطرت بہ ايئن روشني خوشبوءِ وَلِ وڻ يا ٻوٽي مثل آهي شاعر پنهنجي لطيف ۽ نفيس جذبن جي اپٽار ڪري ڪائنات جي جماليات جو سير ڪرائيندو آهي پنهنجي ڪمال تشبيهن ۽ تمهيد سان عام ٻڌندڙ کي متاثر ڪندو آهي.

محترم علي گُل سانگي بہ اُن همعصر شاعر جي سلسلي جي هڪ مضبوط ڪڙي آهي جيڪو پنهنجي اندر جي اٿل پٿل ۽ ولوڙ کي عام فهم سولا لفظ ڏيئي گيت، غزل، ڪافيون، وايون ۽ بيت سنڌي ۽ سرائيڪي ۾ جيڪي جهر جهنگ، ڳوٺ ڳلن بنگلن بازارن ۾ جهونگاريا ٻڌا ويا آهن اهڙا شاعر عوامي شاعر جو روپ وٺي ويهندا آهن ۽ عام ماڻهو جي دل تي راڄ ڪندا آهن، اهڙي طرح سان آءُ علي گل سانگي کي عوامي شاعر جي حيثيت سان قبول ڪيان ٿو.

عبدالغفار تبسم

ڪراچي

۱۸ جون ۱۹۹۲

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

ايڊمن: صاحب خان ”سورھ“ ميراڻي

Cell No: 0344 - 3919786

Scanned with CamScanner

Soorih Sindhi Adab

جي لهوارو لوڪ وهي ، تون اوچو وهه اويار

SAHIB KHAN "SOORIH" MIRANI

0344 3919786 & 0300 3404488